# لاکوپير لطف الله رحمة الله عليه


مصنف

پير محمد عالم قريشي صديقي سجاولي

تصحيح/ضميمو

مخدوم جميل الزمان





ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

# لاکو پير لطف الله رحمة الله عليه

مصنف

پير محمد عالم قريشي صديقي سجاولي

تصحيح / ضميمو

مخدوم جميل الزمان

ثقافت کاتو حکومت سنڌ

ڪراچي. 2010ع

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: لاکو پير لطف الله ﷫
ليکڪ: پير محمد عالم قريشي صديقي سجاولي
تصحيح: مخدوم جميل الزمان صديقي قريشي
پهريون ڇاپو: ۱۴۳۱ هہ/ 2010ع
ڪمپوزنگ: فهيم احمد سولنگي
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي فون: 021_32737290
ڇپائيندڙ: شمس جعفراڻي
سيڪريٽري ثقافت کاتو
حڪومت سنڌ

قيمت: =/150 رپيا

ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ
ثقافت کاتو بوڪ شاپ
سامهون ايم پي اي هاسٽل
سر غلام حسين هدايت الله روڊ
ڪراچي 74400
فون: 021_99206063

# فهرست عنوان


| | | |
|---|---|---|
| | پيغام: حضرت مخدوم محمد امين فهيم صاحب | 7 |
| | ڪتاب متعلق ٻه اکر: مخدوم جميل الزمان | 8 |
| | عرض حال: پير محمد عالم سجاولي | 9 |
| | انتساب عقيدت: پير محمد عالم بن تقي | 11 |
| .1 | حضرت لاکو پير لطف الله ﷫ | 13 |
| | ♦ تعارفي بيان | 13 |
| | ♦ نالو ۽ ڪنيت | 14 |
| | ♦ جنم جي تاريخ | 14 |
| | ♦ لاکي پير جي اڳين جو شجرو | 15 |
| | ♦ ننڍپڻ | 16 |
| | ♦ لاڙ ۾ اچڻ | 17 |
| | ♦ سندن مڪان جو محل و قوع | 19 |
| | ♦ خواجه خضر عليه السلام وٽ رهائش | 20 |
| | ♦ پير مريدي جو حلقو | 20 |
| .2 | حضرت لاکي پير ﷫ جا خليفا: | 22 |
| | ♦ درس خيرو | 22 |
| | ♦ عمر فقير جوکيو | 24 |
| | ♦ درس وريو. | 25 |
| .3 | درگاه جا معتقد واڳون | 27 |

◆ هڪ عجيب قسم جو نرالو واڳون 28
◆ ڪرامت سان لڳايل نم جو وڻ 31
4. درگاهہ ۽ مسجد شريف 32
◆ مسجد ۽ درگاهہ جي تعمير 33
5. مقام يعني قبرستان 35
6. پليجن جون ٺاهيل رانئڪون 36
7. لال چتو سيد ۽ شيخ جڪرو 38
8. مونج راءِ عرف مجيرا جو ٽڪر 41
9. لاڪي پير لطف الله رحمة الله عليه جي شاعري 43
10. صورت و سيرت 55
11. ميلو يعني ساليانو عرس شريف 56
12. لاڪي پير رحمة الله عليه جا مختلف آستان 57
13. سهروردي طريقي ۾ ذڪر جو طريقو 61
◆ سماءُ جو طريقو 61
◆ لطفي جماعت 62
◆ لطفي جماعت جو هالن جي ميلي تي وڃڻ 65
14. لاڪو پير لطف الله رحمة الله عليه شعبان بخت جي نظر ۾ 68
◆ سروري جماعت جا ڏهر ۽ وايون 70
15. لاڪي پير رحمة الله عليه سان ڪي لاڳاپيل درگاهون 73
16. لاڪي پير رحمة الله عليه جي اولاد جو شجرو 75
17. لاڪي پير رحمة الله عليه جي پائرن جو ڪجھ تذڪرو 81
18. لاڪي پير رحمة الله عليه جا سجاده نشين 82
19. لاڪي پير رحمة الله عليه جا مجاور 83
20. لاڪي پير رحمة الله عليه جي اولاد مان ڪي بزرگ هستيون: 84

- حضرت پير ميان متن ؒ 84
- حضرت پير پاوَن علي شاه ؒ 85
- حضرت پير ميان محمد شاه ؒ 85
- حضرت پير پاوَن شاه ثاني ؒ 86
- حضرت پير ميان تقي محمد ؒ 90
- حضرت پير محمد هاشم ؒ 91

21. لاڪي پير ؒ جي آباؤ اجداد مان ڪن جو مختصر احوال: 92

- حضرت ابوبڪر صديق ؓ 92
- حضرت عبدالرحمٰن ؓ 93
- حضرت قاسم ؓ 94
- حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي ؒ 94
- حضرت شيخ فخر الدين ڪبير ؒ 95
- حضرت شيخ فخر الدين صغير ؒ 96
- حضرت شيخ فخر الدين صغير ثاني ؒ 96
- حضرت مخدوم نعمت الله ؒ 97
- حضرت مخدوم نوح ؒ 98
- حضرت مخدوم امين محمد اول ؒ 99

22. لاڪي پير لطف الله جا ڪجهه همعصر بزرگ: 101

- شاه عبدالڪريم ؒ بلڙي وارو 101
- مخدوم ابراهيم عرف سلطان پير ؒ 103
- مخدوم ميان فتح محمد ؒ 105
- شاه خير الله ؒ 106
- شيخ مير محمد ؒ 107
- شيخ فاضل شاه ؒ ۽ شهر الله قريشي ؒ 108

◆ شيخ مبارڪ رحمة الله عليه 109
◆ درويش ميرڻ ڪا تيار رحمة الله عليه 110
◆ سيد ساجن سوائي رحمة الله عليه 110
◆ عبدالله شاه اصحابي مڪلي وارو رحمة الله عليه 111
.23 لاڪي پير رحمة الله عليه جي وقت ۾ ڪجھ تاريخي حالات 113
.24 ڪن مشهور نوابن جو احوال 116
◆ مرزا غازي بيگ ترخان 116
◆ خسرو خان چرڪس 117
◆ مرزا عيسيٰ خان ثاني 118
◆ مير ابوالبقا امير خان 119
◆
.25 لاڪي پير جي اولاد مان ڪي موجوده دور جا ماڻهو 120
◆ پير محمد شاهه 120
◆ پير محمد هاشم پاڳارو 122
◆ پير علي مير سجاول 124
◆ پير محمد عالم سجاول 126
ضميمو مخدوم جميل الزمان 128

# پيغام

## جناب قبلہ مخدوم محمد امين فهيم صاحب

سجاده نشين درگاه شريف غوث الحق مخدوم نوح ﷫ هالا نوان

حضرت مخدوم لطف الله ﷫ المعروف لاکو پير لطف الله ﷫ جي سوانح عمري ۽ فضائل کي پڙهڻ جو موقعو مليو. ڪتاب جي مصنف پير محمد عالم قريشي صديقي سنجاوليءَ کي جَسُ آهي جنهن جي ڪوشش سان مشهور بزرگ هستيءَ جو ڪتاب منظرِ عام تي آيو آهي.

حقيقت ۾ درويشن ۽ بزرگن، سلامتي، نيڪ عمل ڪرڻ، حق ۽ سچ جي راهہ تي هلڻ جي سلسلي ۾ جيڪي بہ هدايتون ڪيون آهن جيڪڏهن انهن حقيقتن کي ڌيان ۾ رکي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي تہ هوند هر طرف امن ۽ خوشحالي نظر اچي.

**مخدوم محمد امين فهيم**

سجاده نشين درگاه شريف هالا

11 مئي 2010ع

٢٦ جمادي الاول ١٤٣١ هہ

ڪراچي

# ڪتاب متعلق ٻه اکر

## جناب مخدوم جميل الزمان صاحب

وليعهد درگاه شريف حضرت مخدوم نوح ؒ هالا نوان

حضرت مخدوم لطف الله ؒ المعروف لاکو پير لطف الله ؒ جي سوانح عمري ۽ فضائل جو مسودو ڪٺي جڏهن پير عالم صديقي قريشي سجاولي مون وٽ آيو ۽ چيائين ته ڪتاب متعلق ٻه اکر لکي ڏيو ته جيئن منهنجي ڪيل ڪوشش جو حق ادا ٿي وڃي. مونکي نهايت خوشي ٿي ته مون کان پهرين منهنجي ڏاڏي ۽ مرشد قبله حضرت مخدوم طالب المولي سائين جن جي نظر مان هيءَ مسودو گذريل هو جنهن ۾ پاڻ تصحيح ڪري هدايت ڪئي هئائون ته اڳين ۽ پوين جو احوال به شامل ڪجي ۽ اُنهيءَ وقت جي ڪجهه مشهور بزرگ هستين جو ذڪر به شامل ڪجي ۽ ساڳئي وقت اُن وقت جو تاريخي احوال ۽ حالات جو به جائزو پيش ڪجي ته ڪتاب ۾ واڌارو ٿيندو.

مون ڏٺو ته پير صاحب ڪتاب جي مسودي ۾ ڪافي اضافو ڪيو آهي جنهن کي پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي آهي.

اميد ته پين مشهور بزرگ هستين جي زندگيءَ جا احوال گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻي ادب جي اجا به وڏيڪ خدمت ڪئي ويندي.

مخدوم جميل الزمان
11 مئي 2010ع
٢٦ جمادي الاول ١٤٣١هه
ڪراچي

# عرض حال

حديث شريف آهي تہ بزرگن جي ذڪر ڪرڻ مهل رحمت وسي ٿي، انهي مقصد ماڻ خاطر اسان جي وڏن جي ڏاڏي حضرت مخدوم لطف الله ﷫ عرف عام لاڪو پير ﷫ جي سوانح عمري ۽ فضائل سنہ 1961ع ۾ لکي رکيم. جيڪا ڇاليهن صفحن تي مشتمل هئي.

قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولى صاحب جن کي ڪتاب لاءِ فوٽو موڪلڻ لاءِ خط ۾ استدعا ڪيم. پاڻ ڪرم فرمائي پنهنجو فوٽو ڏياري موڪلياءون. پر ان سان گڏ خط ۾ اهو حڪم فرماياءون تہ اهو لکيل مواد پهريائين مون کي ڏيکاريو پوءِ شايع ڪرائجو. انهيءَ امر تي اهو ڪتابڙو قبلہ سائين کي پيش ڪيم. پاڻ ڪرم فرمائي، انهيءَ کي ٽڪ مارڪ ۽ نوٽ ذريعي درست ڪياءون ۽ ڪجهہ فالتو اکرن کي ڪٽي ڇڏياءون.

وڌيڪ فرماياءون تہ هن ڪتاب ۾ لاڪي پير ﷫ جي ڪجهہ اڳين ۽ پوين جو احوال بہ شامل ڪجي ۽ انهي وقت جي ڪجهہ مشهور بزرگ هستين جو تذڪرو بہ شامل ڪجي ۽ ان وقت جو تاريخي احوال ۽ حالات جو بہ جائزو پيش ڪجي تہ ڪتاب ۾ بہ واڌارو ٿيندو ۽ دلچسپ بہ ٿي پوندو.

جيئن تہ ان وقت عمر نئيي، علم گهٽ، نہ مطالعو نہ معاون ڪتاب، سو ماٺِ ڪري اهو مسوَدو رکي ڇڏيم. انهيءَ اميد تي تہ جڏهن ڪتاب لکڻ جي توفيق ٿيندي تڏهن لکندس.

ائين سُستي ۽ غفلت ۾ وقت گذرندو ويو. سال 2007ع جي شروعات ۾ اهو مسودو وري جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جن کي ڏيکاريم. پاڻ وڏن سائين جي تصحيح ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. پوءِ چيائون تہ جيئن وڏن سائين فرمايو آهي، ائين ڪجهہ واڌارو ڪري ڪٺي اچو. اسان طالب المولي' اڪيڊمي، طرفان شايع ڪرائيندا سين ۽ درستگي بہ ڪندا سين.

مون بہ توڪل ڪري وري نئين سر لکڻ شروع ڪيو. پر جيئن تہ نہ گهربل ڪتاب، نہ تجربو ۽ علم بس جيڪي بہ تي ڪتاب دستياب ٿيا، انهن تان استفادو ڪري ڪتاب لکيم.

البت ايترو ٿيو تہ اڳوٽي ڪان هي ڪتاب ٿيٽو وڏو ٿي پيو آهي، اميد تہ وڌيڪ واڌارو سڌارو جناب جميل الزمان صاحب پاڻ ڪرڻ فرمائيندا.

خاڪسار

**پير محمد عالم سجاولي**

# انتساب عقيدت



آئون پنهنجي هيءَ ننڍڙي ڪاوش، سندم پياري مرشد
**حضرت قبلہ مخدوم محمّد زمان صاحب طالب المولىٰ سائين!**
سترهين سجاده نشين درگاه شريف مخدوم سرور نوح رحمة الله عليه جن
جي نام نامي اسم گرامي جن ڏانهن منسوب ڪريان ٿو.
سندن ئي همٿائڻ ۽ سمجهائڻ سان هن ڪتاب جي
لکڻ جهڙو ٿي سگهيو آهيان.

گر قبول افتد زهي عز و شرف

خادم۔
**محمد عالم بن تقي محمّد لاکيپوٽہ**
تاريخ۔23 مارچ 2008

# حضرت لاکو پير لطف الله رحمة الله عليه

## تعارفي بيان

سر زمين سنڌ ۾ آفتاب اسلام طلوع ٿيڻ کان پوءِ جيترا الله وارا هن ڌرتيءَ پيدا ڪيا، اوترا شايد ٻي هنڌ مشڪل سان پيدا ٿيا هوندا! بيشڪ هيءَ سرزمين ولين جي وادي ۽ سفينة الاولياءَ آهي. پالينڌڙ هن پرتوي تي اهڙا پرچاري پيدا ڪيا، جن سنڌ، هنڌ ۾ اسلام جو پرچار ڪري، دين جو بول بالا ڪيو.

هن ئي سرزمين کي باب الاسلام جي نالي جو شرف حاصل آهي. سنڌڙيءَ جي سپ مان جيڪي سچا موتي پيدا ٿيا آهن، تن جو ليکو ئي ڪونہ آهي. جيڪي لال هن جي گود ۾ نپنا تن جو شمار ئي ڪونہ آهي.

فقط صديقي خاندان جي چشم چراغ حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي اولاد مان پيدا ٿيل، عارف، عالم، ڪاملن جو ڳاڻيٽو ڪجي تہ انهن جو بہ ڪاتو ئي ڪونهي.

مخدوم نوح رحمة الله عليه جا ٻارهن پٽ ۽ ٻتيهہ پوٽا هئا، جيڪي سڀ ڪامل اولياءَ ۽ برگزيده هستيون هئا. پوءِ انهن جي اولاد مان بہ وقت بوقت ڪيترا ڪامل، فاضل عارف ۽ عالم پيدا ٿيندا رهيا

آهن. جن بہ دين جي بي لوث خدمت بجا آندي آهي.

هتي بہ مخدوم نوح ﷫ جي هڪ اهڙي پوٽي جي احوال لکڻ جو مقصود آهي. جنهن نہ رڳو سنڌ بلڪ هنڌ ۾ بہ اسلام جو بول بالا ڪيو ۽ لکن انسانن کي صراط مستقيم تي آندو.

## نالو ۽ ڪنيت

هن بزرگ جو نالو لطف الله هو. جيڪو سندس ڏاڏي بزرگوار حضرت مخدوم نوح ﷫ جو نالو هو. حضرت مخدوم نوح ﷫ جي بانگ جو نالو لطف الله هو مگر آهستہ آهستہ اهو نالو ميسارجي، نوح نالو مشهور ٿي ويو. پاڻ فرمائيندا هئا تہ مائٽن منهنجو نالو لطف الله رکيو هو پر الله تعاليٰ منهنجو نالو نوح رکيو آهي. هاڻ زمين ۽ آسمان تي فقير کي نوح سڏيو وڃي ٿو.

اهڙي طرح لاکي پير کي بہ ماڻهو لاکيڻو سڏڻ لڳا. لطف الله چوڻ ڇڏي ڏنائون.

پاڻ ننڍپڻ ۾ نهايت سلڇڻا، مانيڻا ۽ لاکيڻا هئا. انهيءَ ڪري سيئي کيس ”لاکيڻو پير“ سڏيندا هئا. جو پوءِ ستت ئي تخفيف جي دائري ۾ اچي ”لاکو پير“ ٿي سڏجڻ لڳو. جو اڄ تائين انهيءَ نالي سان سڏجي ٿو. سندس اولاد کي بہ ”لاکي پوٽا پير“ ڪري چوندا آهن.

هڪ روايت هيءَ بہ آهي تہ هن بزرگ هڪ شادي لاکا ذات جي قوم مان ڪئي هئي. ان ڪري ماڻهو هن کي لاکن وارو پير سڏيندا هئا. اهو پوءِ آهستہ آهستہ لاکو پير ٿي سڏجڻ لڳو.

## جنم جي تاريخ

لاکي پير ﷫ جي پيدائش جي تاريخ جي اڃا خاطر خواه

خبر پئجي نہ سگهي آهي. باقي اها خاطري آهي تہ پاڻ مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي رحلت کان ڪجهہ پوءِ پيدا ٿيا آهن. جنهن ڪري متن مخدوم معظم جو نالو رکيو ويو هو. جيئن هينئر بہ عام طرح رواج آهي تہ پيءُ پنهنجي پٽ تي پنهنجي پيءُ جو نالو رکندو آهي تيئن لاڪي پير جي والد بزرگوار مخدوم امين محمد اول بہ پنهنجي پٽ تي پنهنجي والد بزرگوار لطف الله عرف مخدوم نوح رحمة الله عليه جو نالو رکيو.

جيئن تہ حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه سنہ 998هہ ۾ رحلت فرمائي، انهيءَ ڪري وثوق سان چئي سگهبو تہ پاڻ 998هہ کان پوءِ تولد ٿيا آهن. لاکو پير مخدوم امين محمد جو پنجون نمبر فرزند آهي. چار فرزند مخدوم نوح جي حياتيءَ ۾ پيدا ٿيا هئا. ان ڪري پنجين نمبر پٽ تي نالو رکيو ويو. جو وڏ ۾ وڏ هڪ هزار هجري تي سگهي ٿو. (1: ڏسو ضميمو)

اهڙي طرح سندن حليہ ۽ پارن پتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندن ڄمار ستر پنجهتر ورهن جي لڳ ڀڳ هئي، ان مان اندازو آهي تہ پاڻ سنہ 1070هہ کان 1075هہ جي وچ ڌاري رحلت فرمائي هوندائون. والله اعلم بالصواب.

## لاڪي پير جي اڳين جو شجرو

لاکو لطف الله بن مخدوم امين محمد بن مخدوم نوح بن نعمت الله بن شيخ اسحاق بن شيخ شهاب الدين بن شيخ فخر الدين بن شيخ عزيز الدين بن شيخ اسماعيل بن شيخ برهان الدين بن مير پير بن شيخ عبدالوهاب بن شيخ فخر الدين بن شيخ ابي بڪر ڪتابي بن شيخ شير الدين بن شيخ سراج الدين بن شيخ وجَهَہ الدين بن شيخ خير الدين بن شيخ ابو عاصم بن شيخ فخر

الدين بن شيخ عبدالله بن شيخ شهاب الدين سهروردي بن شيخ ابومحمد عبدالله بن شيخ ابو حفض ابراهيم بن شيخ وجهہ الدين بن شيخ ابوالقاسم بن شيخ محمد اصغر بن شيخ عمر بن شيخ قاسم بن سيدنا عبدالرحمٰن بن سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه بن ابوقحافہ بن عامر بن ڪعب بن سعد بن تيم بن مره بن ڪعب بن لوي بن غالب بن فهد بن مالڪ بن نضر بن ڪنان بن خزيم بن مدرسہ بن الياس بن مضر بن نزار بن معد بن عدنان بن آد بن مقوم بن ناخربن برج بن يصر بن شعب بن ثابت بن قيدار بن اسماعيل عليه السلام بن ابراهيم عليه السلام بن آزر بن ناحوش بن شاروح بن راعو بن خالغ بن بجر بن شالخ بن فخشد بن سام بن نوح عليه السلام بن لمڪ بن متو شلح بن اخنوح بن يارد بن مهليل بن فينان بن ياش بن شيث بن آدم عليه السلام. (2: ڏسو ضميمو)

هي شجرو مختلف ڪتابن تان هٿ ڪيو ويو آهي، لڳي ٿو اڻ پوروٿو. ملن جي ليکي تي آدم عليه السلام کي ست هزار وره ٿيا آهن. ان حساب سان بہ وڏيڪ نالا هئڻ گهرجن. والله اعلم بالصواب.

## نِنديڻ

لاکي پير رحمة الله عليه جو نِنديڻ ڏاڍي لاڏڪوڏ ۾ شوق شڪار ۾ گذريو. هر روز گز ڪمان ڪٽي نِنڍا پکي ۽ جهرڪيون مارڻ ويندو هو. جڏهن جوان ٿيو تہ وري جهنگلي جانور ۽ هرڻ ڦاڙهن جي شڪار تي ماڻهو ۽ ڪتا وٺي ويندو هو.

جيئن تہ ان وقت سندن رهائش هالڪنڊي ۾ هئي. ان ڪري آس پاس جي ٻيلن ۽ جهنگلن ۾ ويندا هئا.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ پاڻ جيئن ٻيلي ۾ شڪار ڪري رهيا هئا، تيئن اوچتو ڪتن هڪ جانور ڏٺو ان جي پويان پيا.

جانور اتي پڳو پير صاحب به گهوڙو بلا جي پويان ڇڏيو جانور پڇي پڇي جڏهن ٿڪو تڏهن لاچاري حالت ۾ ٽنگ کڻي ڪري پيو. ڪتا به چوڏاري ڦري اچي بيٺا. مگر ويجهو ڪوبه ڪونه ويو. لاکو پير به گهوڙو ڊوڙائي اچي پهتو. ڏسي کڻي ته مارا هي بي ڪابلا ڪونه آهي پر ڪتو آهي. جيڪو جڏهن پڇڻ کان عاجز ٿيو آهي ته ٽنگ کڻي ڪري پيو آهي ۽ پنهنجن هم جنسن کان معافي طلب گار ٿيو آهي. انهن به عاجز ڏسي کڻي بخش ڪيو اٿس.

هن بزرگ کي سدائين اهو اونو هوندو هو ته ڪيئن رٺل رب کي ريجهائجي. ڪهڙو طريقو اختيار ڪجي. جڏهن هي حال ڏٺائين، تڏهن ڏاڍو رحم آيس ۽ خيال ڪيائين ته ڇو نه آئون به پنهنجي رب اڳيان ايئن آزي نيازي ڪري ٻاڏايان، هو ته غفور رحيم آهي. يقيناً مون کي معاف ڪري ڇڏيندو. بس انهيءَ دم گهوڙي تان لهي. سربسجود ٿيو. روئي پنهنجي رب کي ريجهايائين. بس پوءِ ته سڀ شوق شڪار ڇڏي ڏنائين. الله جي عشق جي تار لڳي ويس.

روزا ۽ نمازون اي پڻ چڱو ڪم،
اوڪو ٻيو فهم جنهن سان پسجي پرين کي

## لاڙ ۾ اچڻ

جيئن ته حضرت سرور نوح ﷺ جو سچو ڪٽنب هالا ڪنڊي ۾ مقيم هو. لاکو پير ﷺ به اتي ڄاڻو نپنو ۽ وڏو ٿيو.

پاڻ حج ۽ زيارت روضي رسول جي خيال سان ٻيڙي رستي هالاڪنڊي مان روانه ٿيا. جڏهن جهرڪن جي شهر کان لنگهي پنج ميل ڏکڻ طرف ڏاڏوري پتڻ جي نزديڪ پهتا ته سندن ٻيڙي ڪپ ڪوڙي هڪ هنڌ بيهي رهي. ناڪئن ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر

بيڙي کي ڪي قدرتي ناتاريون لڳي ويون. اتي سيئي ڏاڍا ششدر ٿيا ۽ لاکي پير سائين سان صلاح مصلحت ڪرڻ گهريائون جو ان وقت نماز کان فارغ ٿي مراقبي ۾ وينو هو.

پاڻ مراقبي کان فارغ ٿي فرمايائون: "ابا هتي ڪنهن درويش جو آستانو آهي، جيڪو اسان کي اڳتي چڙڻ نٿو. هاڻي في الحال اڳتي هلڻ جو ارادو لاهيو. بيڙي کي ڪنڌي تي لنگر انداز ڪريو ته رات جو درويش سان ملي موڪلائي صبح جو ساجهر هلنداسين.

اها ڳالهه ٻڌي ناکئن بيڙي ساحل ڏانهن ڦيرائي ته بيڙي هلي اچي ڪپ سان لڳي. لاکو پير رحمة الله عليه لهي درويش جي آستاني تي آيو.

اهو بزرگ لال چتو سيد جي نالي سان سڏبو هو. انهي وقت کان به چار صديون اڳ جو بزرگ هو. ڪرامتن ۾ بي نظير هو. وري اڻ سهو به اهڙو هو جو هن جي آستاني جي ويجهو انسان ته ٺهيو پر پکي به ڪونه لنگهندو هو. ڪنهنجو اتان گذر ٿيندو هو ته اتي جو اتي مئو پيو هوندو هو.

چون ٿا ته هڪ دفعي بي خبري ۾ هڪ ڇيج دهلن. دمامن سان اتان اچي لانگهائو ٿي. فقير کي اهي هل هنگاما ڪونه وڻيا، ساري ڇيج اتي غرق ٿي ويئي، اتي اڄا تائين ڇيج جو مقام سڏجي ٿو.

قصو مختصر رات جو جاڳ ۾ سيد صاحب سان ملاقات ٿي حال احوال ۽ راز نياز جون ڳالهيون ٿيون. آخر ۾ لاکي پير رحمة الله عليه گذارش ڪئي ته مون کي حرمين الشريفين جي زيارت جو شوق دامن گير آهي. ان لاءِ اجازت ڏيو ته اوڏانهن وڃان. مگر لال چتي سيد صاحب صاف انڪار ڪيو.چي هي مڪان چار سؤ سالن کان تنهنجي لاءِ رکيو وينو آهيان. بس هاڻ توکي هميشه لاءِ هتي رهڻو آهي.

لاکي پير رحمة الله عليه کي معلوم هو ته بزرگ جلالي آهي. ان جو چوڻ

موٽائڻ مناسب ڪونہ آهي. سو ايترو چيائين تہ قبلا اسان تو وٽ ڪيئن رهي سگهنداسين ۽ جو اسان جو ڪم خلق خدا سان آهي. جيئري توڙي مئي ماڻهن جا ميڙا هوندا آهن. اوهان جو حال هي آهي جو پکي بہ ڪونہ ٿا سهو. سيد صاحب چيو تہ اهو تہ برابر آهي پر اهو اوهان جي اچڻ جي لاءِ ڪري ميدان صاف رکيو ويٺو هوس. هاڻي اوهان جي اچڻ کان پوءِ مون سڀ ڳالهيون ڇڏيون.

لاکي پير ﷬ چيو تہ پلا ايترو عرصو اجازت ڏيو جو پلي پار جي زيارت ڪري، واپس هتي اچي رهندس. مگر لال ڇتي سيد ﷬ اها ڳالهہ بہ نامنظور ڪئي. چيائين تہ اها زيارت اوهان کي هتان ئي ڪرايون ٿا. ايئن چئي ڪيس پر واري ٽڪري تي وٺي ويا، اتان سامهون حضور نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جو روضو اطهر ۽ ڪعبة الله شريف بلڪل قريب پئي ڏسڻ ۾ آيا. ڪن روايتن ۾ آهي تہ اتي پاڻ چيائون تہ اکيون پوريو ۽ پٽيو تہ پاڻ کي مدينہ طيب ۾ ڏٺائون.

بهرحال اهڙي طرح پاڻ بيو ڪو عذر پيش ڪري ڪونہ سگهيا. آخرڪار لال ڇتي سيد جي پاڙي ۾ سڪونت پذير ٿيا.

## سندن مڪان جو محل و وقوع:

سندن مڪان ضلعي ۽ تعلقي ٺٽي جي ٽپي جهرڪ جي ديهہ شيخاڻي ۾ جهرڪن ۽ سونڊن جي شهرن جي بلڪل وچ تي ٺٽي کان حيدرآباد ويندڙ شاهہ راهہ جي پرسان ٽڪرين جي لاهہ ۾ واقع آهي. جتي هينئر سندس مقبرو ۽ گنبذ سان ٺهيل مسجد پري کان ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

اڳي سندس مڪان جي قريب درياءَ بادشاهہ وهندو هيو. مگر انگريزن جي دور ۾ درياءُ سنڌو تي ڪلوميٽر پري ٿي ويو آهي. ان

ڪري اتي ٻياوِ پيدا ٿي پيو آهي. ان کي ويران ٻيلو چون ٿا. سندس مقام روينيو ڪاتي جي چڪ ۾ چڙهيل آهي. جيڪو 82 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. مقام سان لڳ سندس اولاد مان پير محمد شاه جي نالي ڳوٺ بہ چڪ تي چڙهيل آهي. جيڪو 8 ايڪڙن تي مشتعمل آهي. پاسي ۾ بس اسٽاپ مخدوم لطف الله نالي آهي.

## خواجہ خضر عليه السلام وٽ رهائش:

پاڻ ظاهري توڙي باطني علم ۾ يگانا هئا. ظاهر آهي تہ سندن ڏاڏو بزرگوار حضرت مخدوم نوح ﷺ زماني جو غوث هو. ۽ سندن والد مخدوم امين محمد ﷺ اعليٰ پايي جو عالم عارف ۽ ولي الله هو. سندن تربيت بہ اهڙي ماحول ۾ ٿي.

وڌيڪ باطني علم جون رمزون خواجہ خضر عليہ السلام کان حاصل ڪيائون. پاڻ ڪي سال گم ٿي ويا هئا. هي سارو عرصو خواجہ خضر وٽ رهيا. پڇاڙيءَ ۾ موڪلائڻ مهل خواجہ خضر عليه السلام علم سان گڏ ڪين هڪ سوغات بہ عطا ڪئي. اهي هيون گجر سفيد ماٽڪين واريون مينهون. انهن کي دوديون مينهون چوندا هئا. الوداع وقت ڪين ڇهہ مينهون، هڪ پاڏو ڏنائون ۽ وصيت ڪيائون تہ هي مينهون درياءَ مان نڪرڻ وقت پاٺي اوهان جي پنيان ايندين. پر اوهان پوئتي نهار جو نہ. جيستائين سڀ ٻاهر اچي وڃن. لاڪي پير ﷺ ائين ئي ڪيو. خاصي موچاري فاصلي کان پوءِ خاطري ڪيائون تہ هاڻ مال اچي ويو هوندو. پوئتي نظر ڪيائون تہ واقعي ٿيو بہ ائين ليڪن مينهن جي پويان پاڏو هو. ان جا پويان پير اجا پاٽيءَ ۾ هئا. جيڪو وري پوئتي موٽي ويو. باقي مينهون ساڻ هليون آيون.

انهن مينهن جو نسل سندن اولاد وٽ 1940ع تائين موجود هو.

## پير مريدي جو حلقو:

هوندن تہ حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جا حياتيءَ ۾ نوَ لکن کان متي مريد هئا، جيڪي هند ۽ سنڌ ۾ پکڙيل هئا، انهيءَ ڪري کين نوَ لکي گودڙي وارو پير سڏبو هو.پر سندن پٽن ۽ پوٽن جا بہ لکين مريد ۽ معتقد ٿيندي آيا.

لاکو پير رحمة الله عليه بہ هڪ ڪامل مرشد هو. سندس فيض ۾ بہ لکين مريد ٿيا. جن جو دائرو لاڙ سنڌ، بلوچستان ۾ حب لس بيلي ۽ مڪران تائين پکڙيل هو. هوڏانهن ڪڇ ڀڄ بلڪ ڪجهہ قدر حيدرآباد دکن تائين بہ ماڻهو حلقہ ارادتمند ۾ آيا. انهن ماڻهن جو اولاد اڄ تائين سندن اولاد جي سلسلہ مريدي ۾ هلندو اچي. سندس وڏن کان سلسلہ طريقت اويسي سهروردي آهي.

# لاڪي پير ﷺ جا خليفا

هن بزرگ جي نظر فيض واري هئي. جنهن ڏانهن خاص توجه فرمائيندا هئا، ان کي ڪمال تي رسائي ڇڏيندا هئا. اولاد ۽ مريدن مان ڪن خاص کي خلافت عطا ڪيائون انهن خليفن مان جن جو ٿورو گهڻو احوال ميسر ٿي سگهيو آهي هتي ڏجي ٿو.

**درس خيرو ﷺ:**

هي فقير ذات جو شورو هو. نالو خير محمد ياخيرو هوس. پهريائين وڏو چور هو. ليڪن پير ڪامل جي صحبت ۾ اچي خلافت جي منزل تي پهتو. لاڪي پير ﷺ مال جي سار سنڀال هن جي حوالي ڪئي هئي. خلافت ملڻ ڪري کيس "درس" جو لقب مليو. مال جي سنڀال ڪرڻ جي ڪري کيس "ڏروت فقير" سڏيندا هئا.

هي بزرگ ايترو مشهور ٿي ويو جو سندس جيئري توڙي رحلت کان پوءِ لاڪي پير جي مريدن مان ڪن جو مال چورائجي يا وڃائجي ويندو هو ته پر پٺ، درس خيري کي واهر لاءِ پڪاريندا هئا ته اسان جو مال ليي ته تنهنجي نيت ست مئالو لا خدا ڪارڻ ڏيندا سين ته خدا جي قدرت سان مال مليو ويندو هو.

هڪ دفعي لاکو پير ﷺ ڪڇ ملڪ ويل هو. ساڻس مريدن شڪايت ڪئي ته هتي هڪ هندن جو ٻاوو رهي ٿو. جنهن وٽ

اهڙو ڪو علم آهي جو ڪرميٽ وسيلي عام مسلمانن کي پاڻ ڏانهن راغب ڪري، سندن ايمان بگاڙي رهيو آهي. ماڻهو جوڪ درجوڪ سندس معتقد ٿيندا پياوڃن. مهرباني ڪري اوهان هن جو ڪو بلو ڪريو. لاکي پير ﷺ چيو تہ مون کي پاوي جو آستانو ڏيکاريو. مريد کيس وٺي پاوي وٽ آيا. هن پاوي کي گهڻو ئي سمجهايو تہ پنهنجن حرڪتن کان باز اچي. مگر پاوي کي هدايت نصيب ڪانہ هئي. تنهن چيو تہ پهريائين مقابلو ٿئي پوءِ جي منهنجي هار ٿي تہ اوهان جو پوئلڳ ٿيندس. پر جيڪڏهن منهنجي جيت ٿي تہ پوءِ آئون حق تي آهيان. ايئن چئي تيل جي هڪ وڏي ڪڙاهي چاڙهي ان کي باڻ ڏياريائين ڇي هي تيل ڪڙهي ٽڪي تہ پوءِ جيڪو مون سان مقابلو ڪري سو ۽ مان هن تيل جي ڪڙاهي اندر گهڙي پوءِ مقابلو ڪنداسين.

اهو رويڪار ڏسي پير صاحب بذات پاڻ مقابلو ڪرڻ پنهنجي هلڪائي محسوس ڪئي. ان ڪري درس خيري کي مقابلي ڪرڻ لاءِ سڏڻ لڳو. اُن وقت درس خيرو سنڌ ۾ سندس مڪان تي چونئري هٿ ۾ ڪري مينهن ڏهي رهيو هو. بس سڏ ٻڌڻ سان، کير واري چونئري ڪڇ ۾ ڪري لاکي پير وٽ پهچي ويو. ان وقت هلڪي برسات وسي رهي هئي. مگر فقير جا ڪپڙا برسات ۾ پُسيل نہ ڏسي، مريدن سبب پڇيو. درس خيري چيو تہ ابا برسات هيٺ وسي رهي آهي، پر فقير البت برسات کا ٿورو مٿيرو آيو آهي. لاکي پير ﷺ چيس تہ فقير هاڻ دير نہ ڪر، هن ڪافر سان مقابلو ڪرڻو آهي. هڪدم هن کي پڪڙي ڪڙاه اندر ٽپو ڏئي، کيس جهنم رسيد ڪري موٽي اچ. درس خيري بہ دير نہ ڪئي، پاوي کي ڪنڌ مان پڪڙي کڻي ڪڙاهہ اندر ٽپو ڏنائين.

ٻئي اندر گم ٿي ويا، ڪجهہ وقت کان پوءِ لاکي پير ﷺ درس

خيرا: درس خيرا! چئي تي دفعا سڏڪيا، تڏهن درس خيرو ٻاهر نڪري آيو. پير صاحب پڇيو ڀرين سڏ تي ڇو ڪونه نڪتين؟ چيائين ڪوشش ڪيم پئي ته ڪافر کي دوزخ جي ٽنب هيٺان رکي پوءِ اچان. ان ڪري دير ٿي ويم. پوءِ لاکي پير رحمة الله عليه موڪل ڏنس ته هاڻي ٻيلي ڳوٺ وڃو. درس خيرو انهيءَ مهل چونئري هٺ ۾ ڪري غائب ٿي ويو.

سندس مزار گنجي ٽڪر جي ڏاکڻي حصي تي هوسڙي جي سامهون آهي. مٿس چوڪنڊي ٺهيل آهي. هن جي ويجهو لاکي پير جي فرزند مئين منن رحمة الله عليه جي مزار به آهي. هر سال ڏهين محرم جي تاريخ تي عرس ٿيندو آهي.

**عمر فقير پنڊ جوکيو رحمة الله عليه:**

هي فقير لس ٻيلي جي طرف جو هو. پوءِ لڏي ڪراچيءَ جي ويجهو ڪانوڙ مڪان ۾ ويٺو. اڪثر مرشد جي خدمت ۾ گذاريندو هو. هڪ دفعي لاکي پير رحمة الله عليه هن کي لس ٻيلي طرف مريدن جي خبر چار وٺڻ لاءِ روزانو ڪيو. اتان ٿي واپس اُٺ تي اچي رهيو هو ته گڏاپ وارن پٽن ۾ ڪيس رات جو ڦورو ڦري آيا. جن هن کي ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي. فقير به مزاحمت ڪئي. جنهن ۾ ڏڪ هڻي فقير کي شهيد ڪري وڌائون. ڌاڙيل فقير جي لاش کي اٺ تي چڙهي اٺ سامان سوڌو وٺي رمندا رهيا. سڄي رات پنڌ ڪيائون. صبح ساجهر ٿيو ته ڏٺائون ته فقير جي لاش جي آس پاس پيا ڦرون. بس پوءِ ته ڌاڙا پشيمان ٿيا. پڪ ٿين ته فقير ڪو الله وارو آهي. سو چيا ڪيائون جو لاش کي اٺ تي رکي سامان سوڌو روانو ڪيائون.

اٺ هلندو اچي لاکي پير رحمة الله عليه جي حويلي جي نزديڪ ويهي رهيو. پير صاحب اٺ سڃاتو مگر ڏسي اچي ته عمر فقير اٺ تي

مٿل حالت ۾ پيو آهي. اڻ جي اکين مان لڙڪ لڙي رهيا آهن. هيءَ حالت ڏسي ڪيس ڏاڍو ڏک پهتو. مگر قضا الاهيءَ ڪي ڪير آڏو اچي! فقير ڪي ڪفن ڏياري اتي ئي دفن ڪرايائون. جتي اڻ ويٺو هو. لاڪي پير رحمة الله عليه جي مقام جي هيءَ پهرين قبر هئي ڇاڪاڻ تہ صاحب مقام اجا حال حيات هو.

هيءَ قبر پڪين سرن ۾ چن سان ٺهيل هئي. مگر في الحال سرون ۾ چن پجي پري رهيو آهي. قتل حالت ۾ موجود آهي، هن وقت لاڪي پير رحمة الله عليه جي مقبري اڳيان عام و خاص جي زيارت لاءِ موجود آهي. هن بزرگ تي ڏهاڙو يا عرس وغيره مقرر ٿيل ڪونہ آهي.

**درس وريو رحمة الله عليه :**

لاڪي پير رحمة الله عليه جي صحبت ۾ رهي، هيءُ بزرگ نهايت الله وارو ٿيو. هن کي خلافت مليل هئي، هزارن جي تعداد ۾ هن جا مريد هيا.

تحفة الڪرام ۾ هن طرح هن جو مختصر احوال آهي، ”هڪ قديم زماني جو بزرگ پنهنجي وقت جو ناليرو ۽ آزاد نيڪن جو زيارت گاه آهي.“ درس وريي جي اولاد ۾ نامي گرامي فقير ٿيندا آيا آهن. هر مهيني جي پهرئين سومر ڏينهن انهيءَ تي هڪ عمدو ميلو لڳندو آهي.“

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ پاڻ ڪن مريدن جي طرف ويل هو. اتي هڪ سيد صاحب بہ اچي نڪتو. جيڪو شينهن تي سوار ٿي آيو هو. اهي ماڻهو اڳ ۾ انهيءَ سيد جي وڏن جا مريد هئا. جيڪي پوءِ درس وريي کان متاثر ٿي وري ان جا مريد ٿيا هئا. درس وريو ڍڳي تي سوار ٿي آيو هو.

سيد صاحب، درس وريي کي ڏاڍو ڇينيو ۽ چيو تہ تو منهن

جا مريد برغلايا آهن. حالانڪ منهن جا مريد مون سان سچا هئا، درس وريي نماڻائيءَ سان چيو. قبلا اسان وري ڪنهن جا آهيون؟ اسان ڪي بہ تہ اوهان جي در تان وٽ مليل آهي. مگر سيد سڳورو چئي تہ هتي نہ ايندو ڪر. اگر ايئن نہ ڪندين تہ تون پنهنجي ڪرامت ڏيکار آئون پنهنجي ڏيکاريندس پوءِ جيڪو زور ٿيندو اهو ٻئي جو مريد ٿيندو. درس وريي گهڻوئي ٽاريو مگر شاه صاحب هوڏ تان نہ لٿو. تڏهن فقير چيو تہ: چڱو سائين! اوهان جو شينهن ۽ منهنجو ڍڳو گڏي هڪ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري تا ڇڏيون. پوءِ صبح جو خبر وٺنداسين، شاه صاحب اها ڳالهہ قبول ڪئي. پوءِ شينهن ۽ ڍڳي کي گڏي هڪ ڪوٺي ۾ پوري ڇڏيائون. صبح جو سويل اٿي دروازو کولين تہ شينهن گم هو باقي شينهن جو پُڇ ڍڳي جي وات ۾ پيو هو. جنهن کي ڍڳو چباڙي ڪائي رهيو هو. هي واردات ڏسي شاه صاحب لڄي ٿيو. اعتراض ڇڏي، سچي دل سان درس وريي جو مريد ٿيو.

درس وريي جي مزار ٺٽي تعلقي جي گجي شهر ڀرسان آهي. هر سال سومر تي سندس ڏهاڙو ٿيندو آهي. ٻارهو ميلو رجب مهيني ۾ ٿيندو آهي. هن وقت درگاه جو متولي غلام علي درس آهي.

# درگاهہ جا معتقد واڳون

جيئن تہ سنڌن مڪان اڳيان درياءُ پيو وهندو هو. تنهن ڪري هن بزرگ سان درياءَ جي واڳن جي بہ پريت ٿي وئي.
سنڌس آستاني وٽ واڳون درياءَ مان نڪري ظاهر ظهور پيا هلندا هئا. جن جي نہ ماڻهو چراند ڪندا هئا ۽ نہ واڳون ڪنهنجو نالو وٺندا هئا.
مجاور انهن کي ڪاڏو ڪارائيندا هيا. اهو سلسلہ سنڌن وفات کان پوءِ بہ هليو آيو. مجاور عمر فقير جي ڏاڏي مائي صفوران تہ درياءَ تي بيهي. مور ـ موتي وغيره نالن سان واڳن کي سڏيندي هئي تہ واڳون درياءَ مان نڪريو ايندا هئا. پوءِ انهن کي ڪاڏو ڪارائيندي هئي. جو ڪائي سنڌس پير ۾ وينا هوندا هئا. ان جي پٽ مجاور محمد فقير جي وقت ۾ درياءَ اهو پٽ ڇڏي هليو ويو هو. مگر ڪڏهن ڪڏهن واڳون درگاه تي حاضري ڀرڻ ايندا هئا. هڪ دفعہ مجاور محمد فقير ڏاڏوري پتڻ تي ويو، تہ پاتڻي ڪانڌيري شڪايت ڪئي تہ هتي هڪ ويڙهاڪ واڳون رهي ٿو جيڪو مال يا ماڻهو درياءَ ۾ ڏسي ٿو تہ ڪٽيو وڃي، پر جيڪو درياءَ تان پاڻي ڀرڻ اچي ٿو تہ ان کي بہ ڪٽڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اوهان جي درگاه جا واڳون معتقد آهن ۽ اوهان ان درگاه جا مجاور آهيو. ڀلائي ڪري، هن بلا کي هتان ٽاريو. فقير چيو تہ اهو تڙ هلي

ڏيکاريو جتي واڳون وڙهي ٿو.

اتي پهچي فقير واڳون کي سڏيو سڏن تي واڳون نڪري آيو. واڳون بہ فقير کي سڃاتو سو پير پير ۾ ڏيئي اچي فقير جي پاسي ۾ ويهي رهيو. فقير پٽن تي هٿ ڦيري چيس تہ "جيڪڏهن تون لاکي پير سائين جو حبدار آهين تہ منهنجو چوڻ مڃ هيءَ جوءِ ڇڏي ڪنهن ٻئي هنڌ هليو وڃ. هتي جا ماڻهو پنهنجا آهن. جيڪي تنهنجي شڪايت ڪن ٿا. بس انهيءَ کان پوءِ واڳون ماٺ ڪري درياءَ ۾ هليو ويو. وري ڪنهن ماڻهو کي ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. ماڻهو هيءَ ماجرا ڏسي اچرج ۾ پئجي ويا.

## هڪ عجب قسم جو نرالو واڳون

لاکي پير رحمة الله عليه جي درگاه کان هڪ فرلانگ پري، مقام جي ٺئي ايراضيءَ ۾ جبل جي دامن ۾ جتان اڳي سنڌو درياءُ وهندو هو. پٿريلي زمين ۾ سرنگ نموني هڪ غار آهي. ان ۾ هڪ واڳون رهندو آهي. جو هزارن ماڻهن ڏٺو آهي. جيڪو ڪڏهن ڪڏهن رات جو درگاه تي سلامي ايندو آهي. زيارتي جڏهن درگاه تي ايندا آهن تڏهن انهن مان ڪي واڳون کي ڏسڻ بہ ويندا آهن.

هي واڳون رواجي واڳن جهڙو ڪونہ آهي. واڳون جي بدن تي وڏا وڏا چلر ۽ کهرو بدن ٿيندو آهي. پر هن جو بدن تمام اڇوءِ لسو چينيءَ جهڙو آهي. قدبت ۾ بہ عام واڳون کان تمام وڏو آهي. البت منجهس وڏ پڻ جا آثار نمايان آهن جو چمڙي ۾ ڪٿي ڪٿي گهنج پيل اٿس.

هن بابت گهڻيون روايتون ملن ٿيون. ڪي چون ٿا تہ لاکي پير جي زماني جو هي واڳون آهي. مور ۽ موتي نالي واڳون انهيءَ وقت ۾ هئا. جن مان مور واڳون منگهي پير وارا فقير جهلي ڪٽي ويا. جو

اتي آهي، هي موتي فقير اتي غار ۾ ويهي رهيو.

مور واڳون بابت تحفة الڪرام جي جلد ٽي صفحہ 491 تي بہ ڪجهہ احوال ڏنل آهي جيڪو هن ريت آهي. اتي مور نالي هڪ واڳون رهي ٿو. هڪ جي مرڻ کان پوءِ ٻيو سندس جاءِ وٺي ٿو. کيس بہ اهو ساڳيو لقب ملي ٿو. معتقد ماڻهو گهيٽن ۽ ڳابن جهڙا نذر آڻي اتي قربان ڪندا آهن ۽ پهريائين گوشت جو ٽڪرو مور کي پيش ڪندا آهن. جيڪڏهن هن کاڌو تہ قبول آهي، جيڪڏهن نہ تہ نہ.“

هتي واري واڳون کي ماڻهو موتي فقير چوندا آهن. جيئن درياءَ پنهنجو رخ هتان ڇڏي ويو آهي. تيئن موتي فقير اتي رهجي ويو آهي. مجاور عمر فقير، موتي فقير موتي فقير! ڪري سڏيندو آهي تہ موتي فقير غار کان ٻاهر نڪري ايندو آهي، نہ تہ اڪثر ڪري غار اندر رهندو آهي.

هڪ دفعہ سال 1958ع جي ساليانی ميلي تي قبلہ طالب المولیٰ صاحب جن آيا هئا. واڳون جي ڳالهہ ٻڌي کيس ڏسڻ لاءِ غار جي مُنهن تي پهتا. عمر فقير مجاور موتي فقير کي گهڻو ئي سڏيو مگر هن پير ي موتي فقير غار کان ٻاهر ڪونہ نڪتو. غار اندر جهاتي پائڻ سان فقط سندس پيٽ ۽ چنبا ڏسڻ ۾ آيا ٿي. ڪن ماڻهن چيو تہ ماڻهن جي رش ڪري ڪونہ نڪتو. ڪن ماڻهن چيو تہ فقير، فقير جي سامهون ڪونہ ايندو.

اتي جا ماڻهو چون ٿا تہ اسان ڪڏهن بہ واڳون کي درياءَ تي ويندي ڪونہ ڏٺو آهي پر سندس پير يا پيچ جو گيساتو بہ ڪونہ ڏٺو آهي.

غار جي منهن وٽ ماڻهن جا مال، رڍون ٻڪريون چرڻ اينديون آهن پر ڪڏهن ڪنهنجو ڦر بہ گم ڪونہ ٿيو آهي.

ماڻهن ڪيترا دفعا گوشت، مڇي روبرو ڏٺو يا غار جي منهن تي رکيو پر جهڙو رکيو اهڙو سلامت پيو هوندو هو. موتي فقير ان مان چکي به ڪونه ڏسندو آهي.

هاڻي سوال ٿو اٿي ته آخر ائين ڇو آهي؟ انهيءَ بابت ماڻهن جا مختلف رايا آهن. ڪي چون ٿا ته بس قدرت هن کي بنا. ڪاڏي پيٽي جي پٺي هلائي. ڪي چون ته هن کي رزاق جي طرفان الستي روز ملي پيو. ڪي چون ٿا ته هي واڳون ڪونه آهي. پر واڳون جي روپ ۾ ڪو درويش الله لوڪ آهي. انهيءَ آڌار تي ماڻهون هن جون ڪرامتون به بيان ڪندا آهن.

چون ٿا ته هڪ انگريز آيو. ان کي واڳون مارڻ جو خيال هو. ان غار جي کوٽائي ڪرائي، اڃا کوٽائي چالو هئي ته انگريز کي پتلون مان رت وهڻ لڳو. اها حالت ڏسي کوٽائي بند ڪري پاڻ کي کڻائي ڪراچي مس پهتو ته هي جهان ڇڏي ويو.

ٻي ڳالهه ڪن ٿا ته هڪ ٻڪرار ٻاهر غار جي منهن وٽ هن کي ويٺل ڏٺو. هن کي خوف ٿيو ته منهنجون ٻڪريون نه ماري، سو اڇي لٺين جو وارو ڪيائين. موتي فقير پڇي غار ۾ گهڙي ويو. پر ٻڪرار سان به اهو ساڳيو انگريز وارو ڪم ٿيو.

اهڙي طرح جيڪڏهن ڪن ماڻهن اڃي اتان وڻ وغيره وڍيو آهي ته هو نگار سان انهيءَ کي منع ٿي آهي. هڪ دفعي انهن ڪن لاتار ڪئي آهي ته به ٽي دفعا هون هون ٿي آهي. ان ڪري اتان ماڻهو ڪوبه وڻ وٽو يا جهنگ تارو ڪونه وڍيندو آهي.

قلم تازو! هن وقت اهو واڳون گم ٿي ويو آهي. خبر ناهي ته ڪيڏانهن درياءَ ۾ هليو ويو يا مري يا مارجي ويو. پر ڪنهن انسان کي مٿل ڏسڻ به ۾ ڪونه آيو آهي.

ڪن جو خيال آهي ته مجيرا جي پروارين ٽڪرين جي

ڪنهن ڇُر ۾ لڪي ويو آهي جتان هاڻ ظاهر ڪونہ ٿو ٿئي.

سندس گم ٿيڻ کان پوءِ آڳي باقي جيڪا سندس رهڻ جي غار هئي سابہ پٿر ڪيڻ وارن ڀڃي ڦٽائي ڇڏي آهي.

## ڪرامت سان لڳايل نم جو وڻ:

لاکي پير جي حويلين جي ڏکڻ طرف ٽڪري جي دامن ۾ درياءَ جي ڪپ تي جتي اڳمر ۾ دريا ڇوليون هڻيو پيو وهندو هو هن وقت هڪ سڪل نم جو وڻ هڪ جابلو ڇپ تي بيٺل ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهو ڪجهہ سائو ڪجهہ سڪل اسان بہ ڏٺو هو مگر هاڻ سڄو سڪي ويو آهي.

روايت آهي تہ اهو نم جو وڻ لاکي پير ﷺ پنهنجي هٿن سان ڇپ تي رکيو آهي. ڪي چون ٿا تہ لاکو پير ﷺ انهيءَ ڇپ تي چڙهيو ويني وضو ڪيو تہ درياءَ مان هڪ ننڍڙو نم جو وڻ ترندو آيو ڪشف جي ذريعي معلوم ٿين تہ اهو هالڪنڊي جي نمن جو ننڍڙو نم آهي. سو اتان ڪڍي انهيءَ ڇپ تي رکي ڇڏيائون، جنهن ڇپ تي چڙهي پاڻ وضو ڪري رهيا هئا.

ٻي روايت آهي تہ وٿس جيڪو نم جو ڏنڊڻ هو. اهوئي اتي کوڙي ڇڏيائون تہ ڦٽي وڻ ٿي پيو. بهرحال نم سندس هٿن جو لڳايل آهي. جيڪو ڇپ جي مٿان ساڊا ٽي سؤ ورهہ سائو بيٺو هو. اجان بہ سڪل حالت ۾ بيٺو آهي. جيڪا سندن جيئري جاڳندي ڪرامت آهي. ماڻهو ٽيئڙ تپ واري ڪي هن جا ڇوڏا ٻڌندا آهن.

# مسجد ۽ درگاھ

درگاھ سادي مگر نهايت مضبوط ٺهيل آهي. پيڙھ گهڙيل پٿر جي آهي، مٿي اوساري ۽ گنبذ اڳوڻي زماني ۾ استعمال ٿيل سنهين سرن جي ٺهيل آهي. دروازي جو چوڪ گهڙيل پٿر جو ٺهيل آهي، جنهن تي چٽسالي جو ڪم ٿيل آهي. دروازي جا تاڪ ٽلهي پڪي ڪاٺ جا ٺهيل آهن. مٿي گنبذ هيٺان چار ننڍيون دريون آهن.

درگاھ جي اڳئين پاسي ڪاشيءَ جون چٽسالي سان سرون لڳل هيون، جيڪي هاڻي گهڻي ڀاڱي ڪري ويون آهن. مقبري اندر ست قبرون آهن، جيڪي هڪ ڪانسواءِ باقي سڀ گادي نشينن جون آهن. هڪڙي قبر پير ميان محمد شاه ولد پير ياون شاه الفي واري جي آهي.

مقبري جي ايرندي طرف اتر لاڙي تي هڪ وڏي مسجد ٺهيل آهي جيڪا 40 فوٽ ڊگهي ۽ 24 فوٽ ويڪري آهي. مسجد جي ديوار 5 فوٽ ويڪري آهي. هن جي مٿان مستطيل يڪو گنبذ ٺهيل آهي. هن کي ٽي دروازا ۽ ٻه دريون آهن. ٻه هوا دان آهن. جن مان هوا تہ اچي ٿي، پر هوا دان ظاهر ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿا اچن. هن مسجد۾ ڪاٺ يا لوهہ جو ڪوبہ ڪم ٿيل ڪونہ آهي. مسجد ۽ درگاه گڏوگڏ ٺهيل آهن. مگر سال ۽ تاريخ جي لاءِ ڪوبہ ڪتبو وغيره لڳل ڪونہ آهي.

## مسجد ۽ درگاه ڪيئن تعمير ٿي

مشهور روايت آهي تہ مسجد ۽ قبو حيدرآباد دکن جي هڪ رسالدارنهرايو هو.

اصل قصو هيئن آهي تہ پليجار پرڳڻي جي راهوٽ ڳوٺ (ضلعہ ٺٽہ) ۾ پليجا ذات جا ٿي ڀائر رهندا هئا. لاکي پير ﷬ جا مريد هئا. وڏن ڀائرن ڪنهن ڳالهہ تان ننڍي ڀاءُ کي مار ڏني، جنهن تان ننڍو ڀاءُ ڪاوڙ جي گهران نڪتو. وٽس پئسو ڏوڪڙ بہ ڪونہ هو. بک لڳندي هيس تہ ڪنهن ڳوٺ ۾ لڙي وڃي سوال ڪري ماني ڳيو وٺي کائيندو هو. ٿر جي علائقي ۾ گس، ويندي هڪ نڪر جو لوٽو ڏنائين. ان ۾ ڪجهہ روپيا پيل هئا. انهن جي مدد سان مسافري ڪندي ڪندي حيدرآباد دکن شهر ۾ اچي نڪتو.ان وقت ڪنهن نظام نواب جي حڪومت هئي. هي نواب جي دربار ۾ ويو ۽ نوڪري لاءِ عرض ڪيائين. نواب هن کي پرديسي ڏسي. گهوڙن جي سارسنڀال لاءِ سئيس مقرر ڪيو. جيڪا نوڪري هن ايمانداري ۽ محنت سان سرانجام ڏني. نواب هن کان متاثر ٿي سڀن سئيسن جي مٿان ناظم مقرر ڪيو.

اهو ڪم بہ هن ايمانداري ۽ خيرخواهي سان نڀاهيو. نواب هن جي ايمانداري ۽ عقلمندي ڏسي، خاص مقررن ۾ مقرر ڪيائين.

نواب نظام کي هن جون صلاحون ۽ تجويزون ڏاڍيون وڻنديون هيون. ايتري ۾جهونو رسالدار گذاري ويو. نواب هن کي پنهنجو رسالدار (وزير) مقرر ڪيو. هن جو مائٽناٽو نالو بچل پليجو هو.

هڪ رات خواب ۾ پنهنجو مرشد لاکو پير ﷬ ڏسڻ ۾ آيس. جنهن خواب ۾ اشارو ڪيس تہ اسانجي آستاني تي اچي مسجد نهرائي وڃ.

هن کي ڳوٺ (وطن) اچڻ جي ساروڻي اڳي گهٽي هئي. وري جو خواب ۾ مرشد جو ارشاد ٿيس، پوءِ تہ سک ڦٽي پيس. نواب کان کجھ وقت لاءِ موکل گهريائين. جيڪا کجھ ردبدل ڪانپوءِ هن کي خوشي سان ڏنائينس. هن هڪ بيڙو تيار ڪرايو. جنهن ۾ سون چاندي ۽ ناڻو کنيائين. سمنڊ جي رستي روانو ٿيو. پوءِ سنڌو درياءَ جي رستي سڏو لاکي پير ﷺ جي مڪان تي آيو.

مسجد سان گڏ درگاهہ جي بہ تعمير ڪرايائين. سنہ وغيره جو ڪوبہ ڪتبو وغيره ڪونہ لڳل آهي. مگر هاڻوڪي حالت ۾ اندازو آهي تہ هي عمارتون تي سؤ سال کن آڳاٽي نهيل ڏسجن ٿيون. بچل پليجو پنهنجن پائرن ۽ عزيزن سان بہ مليو کجھ وقت رهڻ کان پوءِ باقي رقم انهن کي ڏيئي، پاڻ واپس حيدرآباد دکن هليو ويو. ان جو اولاد اجان اتي رهندو آهي.

# مقام يعني قبرستان

هي مقام ٺٽي حيدرآباد شاهه راهه تي سونڊن ۽ جهرڪن جي شهرن جي وچ تي، ٽڪرين جي دامن ۾ ويران ٻيلي جي لڳ پٿريلي زمين تي آهي. هي زمين ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ صفا پٿرن جي چپن واري، جيڪا قيمتي پٿر ۾ شمار ٿئي ٿي. ان جون وڏيون وڏيون ڇپون حڪومت ڪڏي ڪراچي ڪارخانن ۾ موڪليندي آهي. ٻيو حصو نرم پٿريلي زمين آهي. جيڪا ڪجهه هيٺائين تي آهي. هن ۾ مقام جون قبرون، قبا، چوڪنديون ۽ رانڪون آهن.

هي قبرستان هڪ ڪلوميٽر ڊگهو ۽ اڌ ڪلوميٽر کان ڪجهه گهٽ ويڪرو آهي. پٿريلي زمين هئڻ ڪري اڪثر قبرون صحيح سلامت بيٺيون آهن. گهڻن قبرن تي گهڙيل پٿرن جا چوڪا جن کي مصلا چوندا آهن رکيل آهن. اڪثر مصلن تي عمدو چٽسالي جو ڪم ٿيل آهي. ڪن مصلن تي ڪتبا، آيتون، ڪلما، ۽ نالا وغيره لکيل به آهن. ڪن قبرن جي سيراندي کان اٺ ڏهه فوٽ ڊگها گهڙيل مستطيل پٿر به لڳل آهن.

هي مقام ديهه شيخاڻي ٽپي جهرڪ تعلقو ٺٽي ۾ آهي. سرڪاري ديهه جي زميني چڪ ۾ لاکي پيرجي نالي تي چڙهيل آهي. هن جي ايراضي 82 ايڪڙ ڇاڻايل آهي.

لال ڇتي سيد ۽ شيخ جکري تي چوڪنديون نهيل آهن.

# پليجن جون زائنڪون

لاکي پير ﷫ جي مقبري کان سو سوا قدمن جي ذڪرڻ اولهہ طرف ست زائنڪون نهيل آهن. جيڪي مڪمل پٿر جون نهيل آهن. جن مان بہ ڏهي ڪري پيون. جن جا وڏا گهڙيل ۽ چٽسالي وارن پٿرن جا ٿنڀ اتي پيا آهن. البت ننڍا گهڙيل چٽسالي وارا پٿر ۽ جاليون گم آهن. جنهن لاءِ ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ عجائب گهر وارن لاءِ وڪري وارا ماڻهو چورائي ڪٽي ويا آهن.

هي زائنڪون پليجا قوم جي نوابن جون سڏجن ٿيون.

نواب نور محمد پليجو يا ان جي وڏن نهرايون هونديون. ٿي سگهي تہ بچل رسالدار بہ ڪي نهرايون هجن.

هنن تي ڪوبہ ڪتبو سنہ تاريخ وغيره لکيل ڪونہ آهي.

"لاڙ جي ادبي ثقافتي تاريخ" ڪتاب ۾ ڄاڻايل آهي تہ هي زائنڪون انور بيگ پليجي نهرايون هيون.

"بيگ" لفظ تہ پليجي قوم ڪڏهن بہ ڪنهن شخص لاءِ استعمال ڪونہ ڪيو آهي. خبر نہ آهي تہ الانا صاحب اهو حوالو ڪٿان هٿ ڪيو آهي. باقي لاکي پير ﷫ لاءِ عام طرح اسان جي وڏڙن کان اهو مشهور آهي تہ ان پليجن جي نوابن مان شادي ڪئي هئي.

نواب نور محمد پليجو تہ صوفي شاهہ عنايت الله جي دور جو هو. شاهہ عنايت تہ يارهين صدي جي آخر ۾ ٻارهين صدي هجري

جي اوائلي دور جو هو. سنہ 1130هہ ۾ شاهہ عنايت الله رحمة الله عليه شهيد ٿيو هو. ٿي سگهي ٿو تہ لاکي پير رحمة الله عليه جي وفات ۽ صوفي شاه عنايت رحمة الله عليه جو جنم هڪ دور جا هجن تحفة الکرام ڪتاب جي صفحہ 344 ۾ نواب نور محمد پليجو جو ڪجهہ شجرو هن طرح ڏنل آهي. نور محمد ولدمنبہ ولد راڏو ولد بابو پليجو. ٿي سگهي ٿو تہ بابو پليجو لاکي پير جو سهرو هجي. هن پوين پنهنجن مائٽن جي قبرن تي رانڪون نهرايون هجن. ڪن زائنڪن ۾ قبر جي جاءِ تي ڪو خزانو پوريل هجي. جو اڳي جا ماڻهو پنهنجي دولت ڪي اهڙي نموني محفوظ ڪندا هئا. جو خزانو پوري قبر مشهور ڪندا هئا. قبرن جي احترام ڪري سندن پوريل خزانو محفوظ ٿي ويندو هو.

تازو ڪن ٽپڙو هٽڙ وارن ماڻهن، رات پيٽ ۾ هڪ زائنڪ جي قبر جي کوٽائي ڪري،ڪجهہ کڻي فرار ٿي ويا. ماڻهن صبح جو قبر کوٽيل ڏٺي تہ ان ۾ ڪوبہ ميت پوريل ڪونہ هو. باقي ٽن لوٽن جا کڏا هئا، جيڪي شايد هو ڪڍي کڻي ويا. لازمَ انهن لوٽن ۾ خزانو ئي هوندو.

# لال ڇتو سيد ۽ شيخ جکرو

هي ٻئي بزرگ ستين صدي هجري جا آهن. لاکي رحمة الله عليه کي هنن بزرگن روحاني طرح روڪي رهايو هو. ”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“ ڪتاب واري مصنف لکيو آهي ته: لال ڇتو سيد، سيد حسين شاه گرناري جو پٽ آهي. ۽ شيخ جکرو پير ابڙي جو پٽ آهي. جيڪو فاروقي آهي. هي ٻئي بزرگ صحبت ۾ نهي ويا، شيخ جکرو لال ڇتي سيد جو خليفو هو. ٻي مقامي روايت آهي ته لال ڇتو سيد تنهائي پسند هو. اتي نويڪلائي لڳي پيئي هئي. انهيءَ ڪري سڄ وسائي اچي ويٺو. پوءِ ڪو ايندو هو ته ان کي سهندو ڪونه هو. شيخ جکرو (زڪريو) مقامي ماڻهو هو. درويش جو معتقد ٿي پيو هو. تنهن ڪري سيد وٽ رهي ان جي خدمت ڪرڻ گهريائين ٿي. مگر لال ڇتي سيد هن کي سٺو ڪونه ٿي. شيخ جکرو ايندو هو ته هن کي ٻانهن مان جهلي اچل ڏيندو هو ته ڪئين ڪوهه پري وڃي ڪرندو هو. پر وري پنڌ ڪندو سور سختيون سهندو اچي حاضر ٿيندو هو. ڪانه ڪا خدمت ڪندو هو. ائين ٻه ٽي دفعا اچل ڏنائين، مگر وري واپس اچڻ ڪري، سيد صاحب ڏٺو ته جکرو پچر ڪونه ڇڏيندو ته پوءِ هن لاءِ راضي ٿي پيو. ڪيس رهڻ ڏنائين ۽ رنگ ۾ رنگي ڇڏيائين.

”حديقة الاولياء“ ۾ لکيل آهي ته سيد جميل شاه ـ ڏاتار

گرناري جنهنجو جنم 27 رمضان 580 هجري ۾ وفات 12 ربيع الاول 642 هجري، مدفن اولياء پير پٺي جي پرسان تعلقہ ٺٽي ۾ هي بزرگ گرنار کان پير پٺي استدعا تي هتي آيو هن جا چار خليفا هئا:

1ـ شاه وجهہ الدين جيڪو شاه جميل جي پيراندي مدفن آهي.
2ـ شيخ ممون جيڪو ڏنڊي شهر پرسان مدفن آهي.
3ـ شيخ زڪريا جيڪو ننگر ٺٽي شهر کان اوپر طرف درياءَ ڪناري دفن ٿيل آهي.
4ـ شيخ گهورير قتال، جيڪو شاه جي جتين وٽ دفن ٿيل آهي.

پهريون شاهہ وجهہ الدين، سيد فتح شاه جو فرزند ۽ امام محمد تقي ﷺ جي اولاد مان آهي هن کي چار فرزند هئا. هڪ شاهہ حسن جيڪو پنيور وٽ جبل جي مٿان آرامي آهي. ان جو اولاد اتي موجود آهي. ٻيو شاه کهور جهول ۾ آهي. سندس اولاد هڪ وڏو ڳوٺ ٻڌو آهي. ٽيو شاه آري، جميل شاه گرناري جي درگاه جي اتر طرف دفن ٿيل آهي. چوٿون شاه لعل چتو هن ننڍي هوندي کان ٿي پاڻ کي درياءَ ۾ لڪائي ڇڏيو هو. ڪيترن شهرن وٽ جتي بہ مٿو ڪڍيو اتس اتي سندس قبر ٺاهي ڇڏي اٿن. سندس هڪ مزار تندسر جي ڪناري تي آهي.

حديقه الاولياء سنڌ ۾ اوليائن متعلق پهريون ڪتاب لکيل آهي. لالچتي سيد متعلق هن جي روايت قدري صحيح لڳي ٿي. لال چتو سيد، حسين شاه گرناري جو نہ بلڪ جميل شاه گرناري جي وڏي خليفي سيد وجهہ الدين شاه جو چوٿون نمبر فرزند آهي. جيڪو گمنامي جي گوشي ۾ گذاريندو هو. اگر ڪٿي ظاهر ٿيندو

هو تہ ماڻهن جي پذيرائي کان وري ٻي جوءِ ڏانهن هليو ويندو هو. آخر اتي اچي نڪتو جتي هينئر سندس مزار آهي. تندسر جيڪا گجي شهر ڏانهن آهي. اتي ان نالي سان ڪو ٻيو بزرگ هوندو يا ڪتاب مطابق جتي پڌرو ٿيو آهي. اتي ماڻهن، سندس گم ٿيڻ کان پوءِ امڪاني قبر ٺاهي ڇڏي آهي، هتي سندس هئڻ جو شاهد پهريائين شيخ جکرو پوءِ لاکو پير ﷫ پاڻ آهي. جنهن سان ظاهري طرح ملاقات ڪري رهڻ لاءِ استدعا ڪئي هيائين. ٻيو تہ درياءَ بہ هتان وهندو هو. ويران جڳهہ بہ هتي هئي. ٻيو تہ شيخ جکرو بہ اهڙي حالت ۾ ساڻس گڏجي اتان ڪونہ نڪتو هوندو. ان ڪري سمجهہ ۾ ائين ٿو اچي تہ اتي جو مقامي ماڻهو هوندو. جيڪو درويش کي سچ ۾ وينل ڏسي، زوري اچي خاڪ شوري ڪرڻ لڳو. ان جو ڏهاڙو بہ اتي جا مقامي ماڻهو شيخ ۽ ڏما ذات جا ماڻهو ڪندا آهن. جيڪي سندس اولاد تہ ڪونہ آهن. بلڪہ ٿي سگهي ٿو تہ پاڻ انهن مان هجي. باقي لال ڇتي سيد جو نہ ڏهاڙو ملهائجي ٿو نہ مجاور نہ سار سنڀال لهڻ وارو آهي. اگر ڪنهن زيارتي مرمت ڪرائي يا صفائي ڪئي تہ ٻي ڳالهہ آهي. خوف ۾ زيارت تي بہ گهٽ ماڻهو ويندا آهن.

# مونج راءِ عرف منجيرا جو ٽڪر

منجيرا جو ٽڪر، لاکي پير رحمة الله عليه جي درگاه پرسان اٽڪل ٻه فرلانگ جي فاصلي تي آهي. ان ڪري ان جو احوال ڏيڻ به دلچسپي کان خالي نه آهي. هي هڪ مٿانهين ٽڪري آهي. جنهن تي هڪ ڦٽل شهر جا آثار نمايان آهن. ان کي اڳي منجيرا بادشاه جو شهر هاڻي منجيراءِ جو ٽڪر سڏين ٿا.

روايت آهي ته هي شهر منجيراءِ راجا سٺي آبهوا ۾ درياءَ سنڌ جي ڪپ تي هئڻ ڪري اتي ٺهرايو هو. هي ڪو گادي جو هنڌ ڪونه هو. محض گرم موسم ۾ وسڪاري راجا هتي اچي رهندو هو.

چون ٿا ته مونج راءِ، راجا دلوراءِ جو پٽ هو. جنهن جي گاديءَ جو هنڌ برهمڻ آباد هو.منجيراءَ جو شهر اسلام جي دور کان اڳ جو ناهيل ٿو ڏسجي. مگر دلوراءِ راجا بقول تحفة الڪرام ڪتاب جي سومرن جي دور حڪومت کان ٿورو اڳ ۾ ٿي گذريو آهي. ان جي گادي جو هنڌ ڀهريائين اروڙ پوءِ برهمڻ آباد هو. هي ٻئي شهر دلوراءِ جي ظلم ۽ نحوست جي ڪري برباد ٿي ويا."

منجيراءِ، دلوراءِ جو پٽ هو يا نه! اها به تصديق جوڳي حقيقت ڪونه آهي. بهرحال جيئن ٻڌو ويو آهي، ان مطابق راجا ۽ ان جا امراءَ هن شهر ۾ اچي رهندا هئا. جيڪي حد درجي جا عياش هئڻ

سان گڏ بي رحم ۽ پاپي قسم جا ماڻهو هئا.

آخرڪار الله تعاليٰ جو هنن تي ڏمر ٿيڻو هو. سو هڪ ملائڪ کي حڪم ڏنائين ته تون انسان جي روپ ۾ هڪ ڪڪڙ جو ٻچڙو ڪڇي هن شهر ۾ گذر ڪر ۽ ان ٻچي کي مارينڌو پڪ پٽيندو وڃ. پوءِ جيڪو ماڻهو رحم کائي توکان پڇي ته هن گگدام کي ڇو ٿو مارين؟ ڪجهه قياس ڪر ته ان ماڻهو کي شهر کان ٻاهر ڪڍي باقي ماڻهن کي شهر سميت نيست و نابود ڪري اچ. ملائڪ سڀوري ايئن ڪيو. صرف هڪ غريب ڪانير، ان ٻچي تي ترس کاڌو جنهن کي ٻانهن مان جهلي ٻاهر ڪيائين. باقي شهر ۾ ماڻهن کي تهه و بالا ڪري ڇڏيائين.

هاڻي اتي صرف پڳل سرن جا انبار ڪن جاين جون بنيون گهڙيل پٿرن جا ٽتل ٽڪر، ٺڪر، ڪائي، لوهه وغيره جون ٽوٽيون ماڻهن جي عبرت خاطر ٽڪري جي پٺيءَ تي پيل آهن.

چون ٿا ته هن ٽڪريءَ تي وڏو خزانو پوريل آهي. جنهن لاءِ ڪبرڙي چور سرنگ هئي ۽ پوءِ ڪنهن انگريز آفيسر کوٽائي ڪرائي. پر مليو ڪجهه ڪونه. يا ته شايد آثار قديمه وارن ڪجهه ڳولا ڪرائي. والله اعلم بالصواب.

# لاکي پير لطف الله رحمة الله عليه جي شاعري

جيئن تہ لاکي پير رحمة الله عليه کي وڏن کان شاعري ورثي ۾ مليل آهي. خود حضرت ابوبکر صديق رضي الله تعاليٰ عنه کجهہ شاعري کئي آهي. شيخ سعدي ۽ مولانا جلال الدين رومي دنيا جا مجيل شاعر آهن، هي بزرگ بہ صديقي خاندان مان آهن. حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جا بہ بهترين شعر ملن ٿا.

ايئن لاکو پير رحمة الله عليه بہ نہ صرف وقت جو کامل مرشد ۽ ولي الله هو بلڪ عمدو شاعر بہ هو. سندس شمار قاضي قاضن، حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه، شام ڪريم رحمة الله عليه، ۽ شاه عنايت رحمة الله عليه، شاه لطيف رحمة الله عليه جهڙن شاعرن سان ڪري سگهجي ٿو.سندس ڪلام مذڪور بزرگن کان ڪنهن بہ طرح ڪم ڪونہ آهي. مگر افسوس اهو آهي ڪنهن بہ سندس ڪلام هٿ ڪري ڪونہ رکيو. فقط بہ ٽي بيت شاهہ جي رسالي ۾ ملن ٿا، جيڪي هتي ڏجن ٿا:

(1)

ڪـڙڪن ڪجايـاس-ٻيلـي پـاس ٻـرن جـي،
چڙڪن جي چيچ ڪيا، تـن واري ويهـہ وڏيـاس،
لاڪـو لطـف الله چئـي، اچـي آب گهڙيـاس،
سرٿيون ڪنهن سپاڳ لاءِ سڪڻ آئـون سکياس،
وسـان ٿـي ويـاس، ملـيس جـان ميهـار کـي.

هي ٽي هڪڙو بيت آهي جنهن ۾ لاکي پير ﷫ جو سچو نالو آيل آهي. هي بيت سر سهڻي جي ڇهين باب جو چوٿون نمبر بيت آهي، ٻيا ٻه ٽي بيت جيڪي هن بيت سان لڳ شامل آهن. انهن ۾ سندس نالو ته ڪونه آهي، مگر انهن جو مضمون، ٻيهڪ، رواني ڪڙي ساڳي مليل آهي. انهيءَ ڪري وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته اهي به لاکي لطف الله ﷫ جا چيل بيت آهن. ملاحظه فرمايو:

(2)

ڪـڙڪن خـوش ڪيـاس، محبتـي ميهـار جـي،
پســڻ ڪــارڻ پــرين جـــي، آڏي تـــي اٿيـــاس،
ســـتي جاڳايـــاس، ســـانير ســـپرين جــــي.

(3)

جيـــاريس ســـنيار، ڪوهـــ ڪريـــدم گـــڏجي،
ويـــو وتـــار وجـــود ۾ پيــــرين جــــي پچـــار،
سـي ڪيـئن سـچڻ ڏار، جـي هينـئن ۾ حـل ٿيـا.

(4)

مــون ڪــي چــڙهن چوريــو ٻيلــي پــاس ٻُــري،
محبتـــي ميهـــار جـــي، ســـتي شـــاخ ڇُــري،
مٿــي جهــوڪ جهــري، پونــديس پــاريچن جــي.

هن کان سواءِ رسالي ۾ ٻيا بيت جن ۾ ڪٿي لاکو ته ڪٿي لطف يا لطف الله آيل آهي. سي به لاکي لطف الله ﷫ جا ٿي سگهن ٿا. مگر خاطري سان چئي ڪونه ٿو سگهجي. ان لاءِ گهڻي تحقيق ڪرڻي پوندي جيڪا منهنجي علم کان مٿي آهي.

لاکي لطف الله ﷫ جا بيت شاه جي رسالي ۾ ڪيئن آيا؟ ان جو سهل جواب اهو آهي ته شاه لطيف کان اڳ ۾ جيڪي سنڌي

شاعر ٿي گذريا هئا. انهن جو ڪلام لطيفي محفل ۾ شاهه جي ڪلام سان گڏ ڳايو ويندو هو ۽ جيڪي ڪجهه محفل ۾ ڳائبو هو. اهو فقير هڪ ڪتاب ۾ لکندا ويندا هئا. ان ڪتاب کي ”شاهه جو گنج“ چئجي ٿو. شاهه جا رسالا جيترا لکيا ويا آهن. اهي اڪثر رسالي شاهه جي گنج تان ئي ڏسي لکيا ويا آهن. اهوئي سبب آهي جو شاهه جو رسالو ڪيترن ئي شاعرن جي شعر کي پناهه ڏيو محفوظ ڪريو هڪ ڀاري بار پاڻ سان کنيو وتي.

الغرض ته لاکي پير ﷫ جي شعر جي رواني ۽ بيهڪ شاهه لطيف جي شعر جي ڪڙي برابر آهي. ان ڪري بلا خوف چئي سگهجي ٿو ته پاڻ چوٽي جا شاعر هئا. سندس ڪلام شاهه جي رسالي کان علاوه ماستر عبدالرحمٰن دل هڪ ڪتاب ڇپائي، ان ۾ ڏنا آهن. جنهن ۾ چاليهه بيت مخدوم لطف الله ﷫ جا ۽ چاليهه بيت سندس شاعري جا انهن بيتن جي تتبع تي ڏنل آهن. جيڪي خبر ناهي ته ڪٿان هٿ ڪيا اٿس. اُن سان ملاقات نه ٿي سگهي آهي. نه اڊريس جي خبر آهي. اهي بيت هتي پيش ڪجن ٿا. چنڊچاڻ يا رايا محقق ڏيئي سگهن ٿا. مٿان سرورق تي هيءَ لکيل آهي.

### مخدوم جو سر سالڪ

سرسٽيون: ڇپائيندڙ ماستر عبدالرحمٰن دل

ڇپيندڙ: آر۔ايم۔فتح ائنڊ برادرس

مخدوم لطف الله، شاهه عبداللطيف کان اڳ جو آهي.

وڏيڪ ڏسو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ وٽ

(1)

پوتـــائي پـــري ڪيـــا، زادا زوايـــا ضـــاءِ،
تنـين سـندي ڳـالهڙي، هتـي هـت نـه ڪـاءِ،

ان اکرمکم عندالله اتقاکم پيهي پروڙيا،
هي جي کين ٿيا، سي هڏئين ناهِ کي.

(2)

تو نالوئي ناه کي، آهين اصل کين،
آدم اُهنج عدم جو هوءِ حياتي هين،
اوگهڙي گهاڙي کين، کيو مٿي منجهان مين،
چڏي آءُ اي نه، نسوروئي ناهِ ٿي.

(3)

آئون اسين جي کرين، اي ڦکي وائي ڦير
فنا فاني جي ٿيا، من تنين سان ميڙ،
اعدا عدوک بين جنبک اي پري ٿو پير،
تنهن سين ويهه سناٽي وير، جو توءِ دشمن تنهنجو.

(4)

پورياڻون پري مٺي وهه پيا وچن،
تتي کياڻون تکيا، عقل جت منجهن،
ات هٿ نه رسي حاذقين، نکي سي کچن.
من عرف الله کل لسانه ئي اُهيج آ اُن
تو نه چاتو تن، کهنو کمال پرين جو.

(5)

اوهلي تنهن هنڌويا، کونهي جت کلام،
هوَ الاول و الآخر، ات نه خاص و عام،
هي جي محوَ مطلق مدام، عقل وياچ مَران سين.

(6)

کهن کارو نيار ڏانهن مٿي وهه وڃن،

تنهن نهايت ناهِ ڪا، اوءِ راتو ڏينهان رمن،
نڪا ٿانگهہ نہ تڪيو تہ ڪٿي سِيِ رهن.
ڪل شيءِ يرجع الا صله پيو ڏنائون ٻن
آئون گهوري مٿان تن، جن آهي اوڙاه جي.

(7)

اُت اونداهي عميق جي جت ٻجهڻهار ڪين ٻجهن
نڪو پير نہ پيچرو جيائين ڪين وڃن،
عقل اُت اوچون ٿيو عالم ڪين ڪڇن.
ڪاجا آهي ڳالهڙي، ڪمتر سي نہ رسن،
ان راهہ جي رمن سي ذاتيان ضايع ٿيا.

(8)

اياپڻ اوڙاهہ سين، ورهہ نہ وڃن هوءِ
پاڻ گهوريندي پر ۾ ڪنهن سياڳي پوءِ،
ات دعوا دم ناهِ ڪو، توءِ عالم عارف هوءِ
ڪوڙين منجهان ڪوءِ، منجهہ پروڙي ڳالهڙي.

(9)

جت راهہ گم ٿئي، ورسا ڪاري رات،
هي پڻ وڃي وسري، هِن هُن جي تات
اومنجهہ اونهي ويا، پر پروڙي پريات،
سي جر جي ٿيا ذات، ڪونہ لهندن ڪڏهن.

(10)

نڪو وهڻ نہ وات ڪا، نڪو انت نہ ڇيهہ،
اُت هلڻ حيرت ۾ ٿيو جيا ٿيلهيو ٿيلهہ،
پهت پروڙي پيهہ، اي اونهو ڏيهہ اگهور گهڻو

(11)

پنڌ پروئي ناهه ڪو اوءِ ويندائي آهين،
نڪو انت نه ڇيهه تہ ڪٿهين ٿي لاهين،
اوبيهي ويا پاتار ۾ سو صانع سرجيارين،
سو هي سي ساراهين، جن سهاٽا پاڻ ڏانهن.

(12)

او سوجهيندا سپرين، پاتاران پهون،
ماڻيندا مانسر، وجود ئي ويندون،
وفنا ذاتڪ في الذات اهوئي اهڃاڻون
موتڻ تان نہ ٿيون، وياسي وحدت ۾.

(13)

منجهان ئي منجهہ ٿيا، ٿيا منجهان ئي منجهہ،
عقل وياچ مران سين، پينا جي نڪينج،
ان اوڙاهہ اميج، او ڪنهن پر وچن پيڙا.

(14)

ٿيا جرجي ذات، جي جر منجهان ئي نڱيا،
عقل وياچ مران سين، هوجي منجهان ئي ويا.
اوءِ عين ئي غين ٿيا، نڪواسم نہ جسم ڪو.

(15)

هي جي فاني ٿيا في الله ۾ موٽڻ تن محال،
تن وڃائي وجود کي حاصل ڪيو حال،
تني سندو قال، اتا نگهان اتانگهہ ٿيو.

(16)

اونھو تڙ اتانگھہ گھٽو جر کھنہ نيارکوءِ
جيڪوا اتا اوھرئو سو ويو لوئان لوءِ
کڏھن کونہ چوءِ، تہ کو وانگي وري آيو.

(17)

نکا تانگھہ نہ تکيو نکا ات ٻيھڻ جاءِ
اي ڳري ڏسي ڳالھڙي، پير پروڙي پاءِ
ھئي ھئي کنداھاءِ ات کوڙين ويا کيترا.

(18)

کوھہ ڄاڻان کٿ، پسجي وحدت وڏائي ويھہ
کوڙين نيا کيترا، ان جر جھجھائي ڏيھہ
ات لاک رني لکين کيا، ڏوري ڏسيون ڏيھہ
کنھن اوڙاھہ اچيھہ، ويا رونس ورتيو.

(19)

تيائين تانگھہ نہ تکيو جياءِ پاتائين پير
اي اونھو تڙ اگھور کن، اتَ ابتو پير
تنھن جي کر لھندو کير، جنھن نھايت ناھِ کا.

(20)

سجي جو اتانگھہ، تنھن ۾ کيائون تکيا
اوءِ نہ کنھن پير پيچري اندر وھہ ويا.

(21)

جني آھہ اوڙاھہ جي، ويچڻ سي ويا
وجودون ورتئون اوءِ فاني فنا ٿيا
ان لئہ عباد آھين سي اڙيا

ناهہ نهايت تن جي، هي جي وحدت سرويا.
تني سدا تکيا، وڃي ڪنت ڪٽر ٿيا.

(22)

پرندا پاتار ۾ نينهن تڪنج سين ٿيون،
سي سوجهيدا سک پئي، مارگ مطلوبون
اهس ان پئون، هيا جنهنجا سيکڙو.

(23)

مئي متي مهراڻ ۾ هي جي پاڻ وجهن،
نہ سي اوري نہ پري، اوءِ اندر وهہ وڃن،
تن منجهان منجهہ تکيا، اومنجهان منجهہ رهن،
سي پنيا تت وڃن، ناه نهايت جن جي.

(24)

مئي متي مهراڻ ۾، اوپيل وري پيا،
اوءِ حقيقتا حق رسيا، منجهان منجهہ ويا،
تني سند اتکيا، وڃي بيباڪ ٿيا.
الا ان اوليآءِ الله لاخوف آهين اوائا.
جي منجهہ وادي امن رهيا، سدا حضور تن کي.

(25)

اونهي انت عميق ۾ ٽبي ڏني جن،
سي اوري نہ پري، اومنجهہ پاتار پُرن
حاذق حيرت ۾ پيا، کين پروڙيو تن،
بادليل المتحرين، عقل موڙها ان،
ات اڙيا عارف اين، پر پروجهڻ ناهِ کا

(26)

دعــوا كــان دور ٿيــا، پسـي پـر پرين،
ڳــري ڏســيو ڳــالهڙي، ورتاســي وچــن،
كمترسـي ڏســن، جنــي آه اوڙاه جــي.

(27)

آتاســي اگهــور ۾، وهيــون وچــايون جــن،
پسـيو پـر پـرين جــي، دعــوا دم نــہ كــن،
اٿ كير كچندو كيترو ري فرمان ڏٿين.
الامــن اذن لـــه 'الــرحمٰن اي امــر آهِ اُن،
مــوڙي مئـي وچــن، هنــڌ حكايـت نـاهِ كــو.

(28)

پــار الله جــي آئيــا، لاســين لئــي ٿيــون،
كين كيائون كين پيو سجود پهہ پيون،
ٿيـا ساچارا سـبحان جـا، وچـان وڃ ويـون.
اهـس ان پيـون، بئـي ڏانهـن اكيـون نـہ كٽـي.

(29)

لا لاٿــو ســپ، مڙوئــي محــوَ ٿيــو
جنهن اندر اونداهي كئي، وچان سو ويو
جيكـي هــو اگهــين، هــاٽي ســو ٿيــو
كـونهي كـو پيـو اي پيهـي پـروڙج ڳـالهڙي.

(30)

وهہ جنهن وصال ڏانهن، تنهن لاسين لنئون م لاهہ
الله جــي آريــا، اي تنــين مــان آهـــ،
ان ”لا“ سـندي ڳـالهڙي منجهہ منجهئـي راهــ
ســار ويـنــدي ســاهہ، متــان ويهــين ويســرو

(31)

امـل اوڙاهـين هيڪـڙو اي اڏ ميـو آهـي.
ملهہ جنهنجـو ناهـ ڪـو او انـدر روح راهـ
سـپ مـرادون منجهـ جـنهن، انهـان آس مر لاهـ،
اي اصل عنايت آهـ، جـنهن گهـري تـنهن ملـي.

(32)

پُري پاڻهي ڏني پنهنجي ڪا، لوڪان ڳجهي مام،
جي پيهي پروڙيو ڳالهڙي، جا طلب مـان تمـام،
تـ مئـو ميرينـدڙ پـاڻ ۾ اي لا سـنـدي لام،
ڪيو امر ڪارڻ عام، نـ تـ اي وسيلو وصـال جـو.

(33)

ڇيو جنين ذاڪرين، وحـدت ڪلمـون پـڙهن،
هونـدا سـي هميشـه، پاسـي پـاڻ پـرين،
نـ مليـو عـام ڪـي، جيڪـي ڪـارڻ تـن،
جتـي ڪـون نـ مڪـان ڪـو اوءِ تـت وجـن،
وادي تـنهن رهـن، جتـي ڏيـنهن نـ رات ڪـا.

(34)

هينئن سين حل ڪيو جي ڪلمـون ڪوڏ پـڙهن،
سـي پسـير پرهـ پتـڪيـا، وحـدت سـير وجـن،
جنهن لقاء ڪـوڙين لـڪ ڦرنـدا، اوهيجـان تـا هلـن،
او وادي تـنهن رهـن، جتـي قـال نـ قيـل ڪـي.

(35)

هينئن سين هيڪ ڪري، الا الله جي پڙهن،
سي ابتيا بقا باغ ۾، سير سبحان جو ڪن،
جن جا بقا بالله تڪيا، اوري تا نہ اين،
جتي ڪون و مڪان ڪو اوتاڻيو تت وڃن،
اوءِ وادي تنهن وهن، منجهان ٿي منجهہ جا.

(36)

لاڪي لاتائون، الاالله سين اوڏا ٿيا،
قطع ڪامل تني ڪي، اوءِ ڇڏي سڀ ويا،
منهن تنهن مڙيا، جنهن ڪي سڪي سيڪو.

(37)

لتي ”لا“ وڃان، سيوئي سبحان ٿيو
جيڪي حجاب حق سين، او وڃان سڀ ويو
ات هينئون حيرت پيو پسي ڪين پرين ري

(38)

ثابت ٿيا سبحان سين، لنگهي ”لا“ ويا،
اوداٿم ڪن دور وحدت جوهلي حيرت پيا،
تن وڃان پاڻ ويو سي صفت صانع ٿيا،
وادي تنهن رهيا، جت ري ذات ناهِ ڪي.

(39)

ساه ۾ سارين سپرين، پساه ۾ پسن،
هر دم حضور جن ڪي، سي ڪيئن رڃ رهن،
اوءِ اوري ڪن نہ آسرو تاڻيو توڙ وڃن،
وادي تنهن رهن، گجهائين گجهہ جا.

(40)

الا اوريـــائين چـــڏي، وياســـي او وري،
ٿيا سيڪڙو سبحان جا پين وڪ پري،
جتي ڪونہ و مڪان ڪو پسن تهان پري،
ات پيري پير نہ نڪري، آويڙهہ وسيع گهٽي.

هي بيت ماستر عبدالرحمٰن دل ڪتان هٿ ڪيا: ان ڳالهہ جو ڪوبہ اتو پتو ڪونہ آهي. هن سندس ڪتاب ۾ سر سنيون جاڻائيو آهي. باقي سر اوڻهٺ ڪهڙا آهن. ڪنهنجا چيل آهن. ان جي ڪابہ خبر نہ آهي. بس ڊاڪٽر نبي بخش جو ڏس ڏئي ڇڏيو اٿس. بيتن جي لفظن جي قدامت لاکي پير ﷫ يا ان کان بہ ٿوري اڳ جي ڏسجي ٿي.

باقي لاکي پير ﷫ جا جيڪي بيت، شاهہ جي رسالي ۾ آهن. انهن جهڙي سلاست ۽ روانگي ڪونہ آهي. پوءِ يا تہ پراڻي سنڌي ۾ لکجي لفظن جو حليو بدلجي ويو آهي. يا ڪاتبن کان ڪميون بيشيون ٿينديون هن حالت ۾ بيت پهتا آهن.

هيءَ شاعري لاکي پير جي آهي يا نہ؟ ان جي تحقيق محقق ڪري سگهن ٿا.

هنن بيتن ۾ تہ لاکي پير جو نالو آهي نہ ڪنهن ٻي شاعر جو البت دريائن پاڻي ۽ روحانيت جو ذڪر اهڙو ئي آهي. جهڙو لاکي پير ﷫ جي ٻي شاعري ۾ آهي.

ان مان گمان غالب آهي تہ اها شاعري بہ لاکي پير جي آهي.
والله اعلم بالصواب

# صورت و سيرت

پاڻ فقيراڻي طبيعت جا مالڪ هئا. جمالي بزرگ هئا. ساري زندگي سادگي سان گذاريائون. آئي وئي لاءِ سندس دسترخوان ڪشادو هو. اڪيلائي پسند هئا. ليڪن ماڻهن کان گوشي نشيني ڪونہ ڪندا هئا. وٽن مريدن ۽ معتقدن جا ميڙا لڳا پيا هوندا هئا. شريعت جا پابند هئا.

قد جا پورا، پنا، بدن نہ اجايو ٿلهو نہ صفا سنهون هين. ڏاڙهي سنت مطابق، وار اچا ڪارا گڏيل پر وڌيڪ سفيد هين. سير سياحت جو گهڻو شوق ڪونہ هين. پر تڏهين بہ پاڻ ڪڏهن بلوچستان، ڪڏهن ڪچ ملڪ ويندا هئا. ڪڇ ۾ هڪ خاص مڪان سندن رهڻ جو هوندو هو. جنهن تي پوءِ مريدن هڪ مقبرو ٺهرائي ڇڏيو.

ڪڇ ۾ حاجي پير مشهور اولياءَ بہ سندن خاندان مان آهي. ڪي چون ٿا تہ سندس ياءُ آهي. مگر سچي نالي جي خبر نٿي پوي. ان جو وڏي پيماني تي عرس شريف ٿيندو آهي. ڪڇ ملڪ ۾ گهڻي مان گهڻا هن بزرگ جا مريد آهن.

چون ٿا تہ لاکو پير رحمة الله عليه هڪ دفعہ حيدرآباد دکن بہ ويو هو.

# ميلو يعني ساليانو عرس شريف

هر اسلامي سال موجب رجب مهيني جي پهرين سومر تي سندس عرس مبارڪ ٿيندو آهي. ميلو هڪ رات هلي. اٺ گهوڙا ڪونہ پڄن. باقي فقراءَ جو ميلو ٿيندو آهي. سڄي رات ذڪر فڪر ڏهر وايون، مؤلود مداحون وعظ نصيحت ٿيندا آهن. رات جو درگاهہ تي سماء بہ ٿيندي آهي. جيڪا سهروردي طريقي جو شعار آهي. سماء کان پوءِ درگاه تي فاتح پڙهڻ ويندا آهن. ڪي رات جو تہ ڪي ڏينهن جو ماڻهو مقام ۾ پنهنجن عزيزن قريبن جي قبرن تي قل پڙهي بخشڻ ويندا آهن. رات جو ميلي ۾ ننگر ٿيندو آهي. جيڪو پيرن جون چار ڏريون الڳ الڳ پنهنجي پهچ سارو ڪن.

ڪي ماڻهو اصلا اصل پاٽاريون ڪري ويهندا آهن. انهن کي وري وقت جو پاڳارو پنڊار مان ڏيندو آهي. پنڊار ۾ ڪچو گوشت، اٽو دلو ڪنو دانگي، ڪرو شامل هوندو آهي. اڳي ننگر جو رواج ڪونہ هو. سڀ زائرين پنهنجي عزيز يا لاڳاپي وارن سان جٽو ڪري پنهنجي پاٽاري ٺاهي ويهندا هئا. انهن کي ڪچو سيڌو ملندو هو. مگر هاڻ پاٽاريون ڪي قليل رهيون آهن. زائرين ٻنين تان ننگر ڪري هليا ويندا آهن. هتي پاڻي جي تڪليف آهي. ٻن ميلن تان پاڻي ايندو آهي. ان جو بندوبست پير ڪندا آهن.

# لاکي پير رحمة الله عليه جا مختلف آستان

لاکي پير رحمة الله عليه جوهڪ تہ اهو آستان آهي. جتي لال چتي سيد جي چوڻ سان اچي رهيو ۽ اتي ئي ابدي آرامي آهي. ان کان پوءِ سندس اولاد مان بہ ڪونہ ڪو اڄ تائين اتي رهندو اچي. ٻيو آستان ڪڇ ڀڄ ۾ آهي. جتي ڪافي مريد ڪيا هئائين. جن مان گهڻا پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ لڏي بدين ضلعي ۾ اچي ويٺا آهن. ڪڇ ۾ سامي سان مقابلو بہ ٿيو هوس.

ڪڇ جي آستان تي اڄ تائين اتي جا مريد سلامي ويندا آهن. اتي هڪ مقبرو چوڪنڊي نماءَ ٺاهي ڇڏيو اٿن.

ڪڇ ۾ حاجي پير رحمة الله عليه مشهور اولياءَ آهي. اهو بہ مخدوم نوح رحمة الله عليه جي اولاد مان آهي. خبر ناهي پوٽو آهي يا پڙپوٽو؟ تحقيق ڪرڻي پوندي.

ٽيون آستان ڪراچي جي ويجهو ڪانوڙ جي علائقي ۾ آهي. جنهن کي درسانو چنو سڏبو آهي. درساني چني جي نالي ديهہ، ٽپو ۽ يونين آهي. هن يونين جي آمدني اسٽيل مل جي ڪري، سڄي سنڌ ۾ پهريون نمبر آهي.

هتي لاکو پير رحمة الله عليه، درس ميٺين عمر رحمة الله عليه وٽ اچي رهندو هو. جيڪو ذات جو جوکيو ۽ اوڙڪ پنڌ فقير هيس. پير جو پيارو خليفو هو. مرشد جي رهڻ لاءِ هڪ اوتارو ٺاهيو هئائين. جيڪو

چني نماءُ هو. ان ڪري چنو مشهور ٿي ويو. جيڪو اڄ تائين انهيءَ حال ۾ بينو آهي. جڏهن بہ ڪا ڪاني يا ٽوٽي ڪمزور يا پڇي پوندي آهي تہ ان جاءِ تي وري ٻي ڪاني ڏيئي ڇڏيندا آهن. ورهہ گذرڻ ڪري ٽوٽيون زمين اندر گهڙنديون وڃن. پوءِ ڪا ٽوٽي جهرندي آهي تہ ٻين ٽوٽين جي برابر اها نئين ٽوٽي ڏني ويندي آهي. جيئن مٿئين جهول برابر رهي. انهي ڪري هي چنو زمين کان ٿوروئي ڪومٿي رهجي ويو آهي.

چوٿون آستان لس ٻيلي علائقي ۾ وندر طرف آهي. جتي حسن پير جي درگاهہ آهي. حسن پير جي نالي اتي جا مريد چون ٿا تہ لاکي پير جي اولاد مان آهي. ان تي وڏو ميلو ٿيندو آهي. جنهن تي حسن پير جا مريد، لاکي پير جا لس ۾ حب وارا مريد شريڪ ٿيندا آهن.

پنجون آستان حيدرآباد دکن ۾ هيو. جنهن جي هاڻ ڪابہ خبر ڪونہ آهي.

## لاکي پير رحمة الله عليه جو سلسلہ طريقت:

لاکي پير رحمة الله عليه جو سلسلو طريقت سهروردي اويسي آهي. جيڪو سندس وڏن کان هلندو حضرت علي ڪرم الله وجهہ تائين پهچي ٿو. اويسي انهيءَ ڪري چئجي ٿو تہ حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جو ظاهري مرشد ڪونہ هو. باقي سندس وڏن جو طريقو سهروردي هو هن سلسلہ طريقت جو مبلغ اعليٰ شيخ شهاب الدين سهروردي بغدادي رحمة الله عليه آهي. جيڪو حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جي حياتي جي پوين ڏينهن ۾ پيدا ٿيو هو. هن بزرگ جي وقت ۾ هي طريقو اوج تي رسيو هو.

چون ٿا تہ حضرت شيخ شهاب الدين رحمة الله عليه بادشاهہ پير رحمة الله عليه

جي دعا سان پيدا ٿيو هو. نقل آهي تہ شيخ شهاب الدين جي پيءُ کي نرينو اولاد ڪونہ هو. ان ڪري پنهنجي گهر واري کي وٺي، بادشاهہ جي بارگاه تي دعا لاءِ ويا. بادشاه پير ﷬ هن کي دعا سان نوازي روانو ڪيو. چيائين تہ اوهان کي پٽ ٿيندو جيڪو زماني جو غوث هوندو.

اتي هڪڙي ڳالهہ اها بہ ياد اچيم تي جڏهن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ غار ثور ۾ بيا سڀ سوراخ چادر ڦاڙي بند ڪيا. باقي هڪ سوراخ رهجي ويو. ان ۾ پير جو آڱوٺو وجهي بند رکيو. قدرتً نانگ بہ انهيءَ سوراخ ۾ هو. جنهن کيس ڏنگيو. ان نانگ جي چڪَ جو نشان سندس اولاد ۾ اڄ تائين هلندو اچي. جوڪبي پير جو آڱوٺو سڄي پير جي آڱوٺي کان قدري مختلف هوندو آهي. يا آڱوٺو ٽيڙو هوندو آهي يا نونهن ٽيڙو هوندو آهي. يا نونهن ماس ۾ اندر گهڙيل هوندو آهي. نونهن لاهڻ مهل رت نڪري پوندو آهي. يا جُتي ۾ ٽيڙائي ڪري گسي ڦٽ ٿي پوندو آهي.

بهرحال بادشاه پير ﷬ جي دعا سان، شيخ شهاب الدين ﷬ واقعي زماني جو غوث ثابت ٿيو جنهن سهروردي طريقي کي پروان ڪيو. شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتاني ﷬ بہ هن جو مريد هيو. جيڪو خود زماني جو غوث ثابت ٿيو. ملتان وارن جو اڄ تائين سهروردي طريقو آهي.

برصغير ۾ سهروردي طريقي جيترِي دين اسلام جي اشاعت ۽ واڌارو ڪيو آهي، اوترو شايد ڪنهن طريقي نہ ڪيو هجي. چاڪاڻ تہ غوث بهاءُ الدين زڪريا ملتاني ﷬ جي تبليغ جو وڏو دائرو هو. هن جي شاهي خانقاه ۽ مدرسي مان هزارين مبلغ پيدا ٿيا. هن جا سوين خليفا هئا جيڪي ولايت جي اعليٰ منزل تي پهتل هئا. سندس اولاد تہ ولايت جو گهر هو. هي سڀ مبلغ بنجي

برصغير ۾ پکڙجي پيا. انهن جي طفيل وري لکين پيا پرچاري پيدا ٿيا. ائين اهو سلسلو اڄ تائين هليو اچي.

شيخ شهاب الدين بغدادي جي اولاد مان سندس پوٽو شيخ فخر الدين ڪبير به اچي پنجاب جي ڪوٽ ڪروڙ ۾ ديرو ڄمايو. جنهن به ڪافي دين جي خدمت ڪئي. ان جي اولاد مان ڪي سنڌ ۾ لڏي آيا. انهن وري اتي اچي اسلام جو ڦهلاءُ ۽ سڌارو ڪيو. انهن جي اولاد مان حضرت مخدوم سرور نوح هالائي﷫ پيدا ٿيو. جيڪو ڄمندي ڄام هو ۽ زماني جو غوث مشهور ٿيو. شيخ بهاءُ الدين زڪريا کان پوءِ وري مخدوم نوح﷫ جي غوثيت ساري برصغير تي ڇانئجي ويئي. هن بزرگ جا ٻارنهن پٽ ۽ ٻٽيهه پوٽا هئا، جيڪي سڀ ولايت جي اعليٰ منزل تي پهتل هئا. ولايت وارن خليفن جو ته ڇيهه ئي ڪونه هو. هنن برصغير جي سڀن علائقن ۾ پکڙجي دين اسلام ۽ پنهنجي سلسله طريقت جو پرچار ڪيو.

لاکو پير ﷫ جيڪو هن ڪتاب جو موضوع آهي. حضرت مخدوم نوح﷫ جي ٻٽيهن پوٽن مان هڪ پوٽو آهي. هن بزرگ به دين اسلام جي وڏي خدمت ڪئي. دين جي تبليغ لاءِ لاڙ ۽ ٿر جو سير ڪيو. انهيءَ ۾ شورا، جاکرا، چانگ، سومرا، ڪاتيار پرهياڙ خاصخيلي، ڪنڊرا، مليراٽي، پليجا، سيد ، اگهيم، سهتا، حاجاڻا، جت، گهراڻا وغيره سندس حلقه ارادت آيا. بلوچستان ويو ته اتي جوکيو ٻنڊ ، درس، ٻارڇه، لاسي، خاصخيلي، مڪراني، سيد مريد ٿيا. ڪڇ ۾ سومرا، سما، جت، سيد ۽ ٻيون ذاتيون، هن بزرگ کان سهروردي طريقي جو ذڪر وٺي راهه راست تي آيون.

مشهور آهي ته پاڻ هندستان جو سير ڪندا حيدرآباد دکن تائين پهتا، اتي به هزارين ماڻهو سندن مريد ٿيا.

اهو سلسله پويان به هلندو آيو مگر پاڪستان هندستان الڳ ٿيڻ کان پوءِ بند ٿي ويو.

# سهروردي طريقي ۾ ذڪر جو طريقو

جڏهن ڪو سائل مرشد کان ذڪر وٺڻ گهرندو آهي ته مرشد اڳيان گوڏا ڀڃي دوزانو ويهندو آهي. مرشد کان ذڪر جي طلب ڪندو آهي. مرشد ان کي هٿ هٿن ۾ ڏئي لاالله الا الله جي ذڪر جي تلقين ڪندو آهي. اهو ذڪر هٿ لوڏي ٽي دفعا ورجائبو آهي. اگر گهڻا ماڻهو هڪ ئي وقت آهن ته ٻيا ماڻهو وري ذڪر وٺڻ واري جي ڪپڙي ۾ جهليندا. ايئن خاصي قطار لڳي ويندي. ذڪر ڏيڻ کان پوءِ مرشد ڪجهه هدايتون مريد کي ڏيندو ان ۾ ذڪر تي پابند رهڻ، نماز روزي جو فرض بجا لائڻ ۽ ماڻهن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ جي هدايت ڪئي ويندي آهي.

جڏهن مريد مٿئين ذڪر ۾ مستحڪم ٿي ويندو آهي ته پوءِ خليفا وري ساڳي ذڪر جون پنج تسبيحون پڙهڻ سمجهائيندا آهن. 1_ لااله الا اله، 2_ الاالله، 3_ الله هو، 4_ الله، 5_ هُو. هي پنج تسبيحون مريد. حلقو ٻڌي گڏجي زور سان پڙهندا آهن، اڪيلو آهي ته آهستي پڙهي. هر نماز کان پوءِ پڙهي ته ٻه بهتر آهي. گهٽو پڙهي ٿورو پڙهي، اهو مريد جي استبداد تي آهي.

**سماء جو طريقو:**

سماء سهروردي طريقي جي سڃاڻپ آهي. سهروردي طريقي

جي سين بزرگن اپنايو آهي. جن ۾ شيخ شهاب الدين سهروردي جيڪو هن طريقي جو باني چئجي ٿو. غوث بهاءُ الدين زڪريا ملتاني، شيخ صدر الدين، شيخ رڪن الدين، سيد جلال الدين سرخ پوش، شيخ فريد الدين شڪر گنج، مخدوم سيد جهانيان ﷫، قلندر لالِ شهباز مخدوم رشد حقاني، پير پٺو ٺٽي وارو، مخدوم جعفر بوبڪائي، حضرت سرور نوح هالائي، مخدوم نوح بکري، شاه عبدالڪريم بلڙي وارو ۽ شاه عبداللطيف ڀٽائي، اهڙا ڪافي بزرگ آهن جن پنهنجي پنهنجي دور ۾ سماع جي محفل مچائي، البت ٻين طريقن وارن منجهان ڪن سماع کي بدعت ۾ شامل ڪيو آهي.

لاکي پير جي درگاه تي ٻہ اڄ تائين سماع جي محفل ٿيندي آهي. بهرحال سماع جي محفل ۾ الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول صلعم ۽ مرشد جو ذڪر شامل هوندو آهي. سماع پنهنجي مادري زبان ۾ ڪئي ويندي آهي. سماع ۾ ماڻهو گڏجي قطارن ۾ حلقو ٺاهي ويهندا آهن. پوءِ ذاڪر حمد، نعت يا ثنا جو ڪو هڪ بيت (ڏهڙ) چوندو آهي. بيت جي پڄاڻي تي سيئي گڏجي ڪلمي لاالٰہ الاالله جي ضرب لڳائيندا آهن. ائين ذڪر جي تنوار لڳي ويندي آهي. ذڪر هلندي وري ٻيو ذاڪر ٻيو بيت ڏيندو آهي. خاتمي تي وري ذڪر ٿيندو آهي. پوءِ وري ويهي بيت ۽ وايون پڙهندا آهن. آخر ۾ اجتماعي دعا گهري ويندي آهي. خدا ڪارڻ ورهائڻ لاءِ جيڪا مٺائي وغيره ايندي آهي. اها فقيرن ۾ ورهائي ويندي آهي.

## لطفي جماعت

لطفي جماعت، لاکي پير لطف الله ﷫ جي مريدن جي ميڙ کي چئبو آهي. هي جماعت لاکي پير ﷫ جي عرس ۾ شرڪت

ڪرڻ لاءِ ٻن پاسن کان نڪرندي آهي. هڪ جماعت ميرپور ٻنوزي، سجاول ۽ جاتي تعلقن مان نڪرندي آهي. هن ۾ شورا جاکرا، ڪنڌرا، پليجا، سيد، گگا، مليراٽي، درس، عباسي، ميمڻ، چانگ، حولاٽي، هسيا، دماچ ۽ ملاح وغيره شامل هوندا آهن. اڳ ۾ ڏاڏوري پٽڻ تان اُڪري پنڌ ۽ انن گهوڙن تي سوار ٿي ايندا هئا. مگر هاڻي نئه سجاول پل نهڻ ۽ بسين موٽرن جي موجود هجڻ ڪري گاڏين ۾ سوار ٿي پل تان ايندا آهن. پاڻ سان ڪي ڏريون سيڌ و سامان يا ڇيلو ٻڪر آنداڻون ته ننگر جو بندوبست ڪرڻ وارن پيرن کي ڏيندا آهن. پاڻ به ننگر اتي کائيندا آهن.مگر ڪجهه آٽڻ انهن تي مقرر ڪونه آهي. ننگر هر هڪ کي ملندو آهي.

البت ٻني شهر جي درسن تي جيڪي پانداري سڏبا آهن. انهن تي پنڊار جو اتو ۽ نڪر جا ٿانو مقرر آهن. جيڪي اوسي پاسي جي مريدن کان ڦوڙي وٺي. پاندار جو سامان وٺي، ميلي ۾ پاڳاري کي پهچائيندو آهي. جيڪو پاٿارين تي ورهائي ڏبو آهي. ٻي جماعت ساڪري، گهوڙا ٻاري ۽ ٺٽي تعلقن مان نڪرندي آهي. جنهن ۾ سيد، شورا، جاکرا، خاصخيلي، سومرا، ٻارچ، چانگ، ماڇي، ڪاتيار جت، ٿويا، نينگا، پٺي، جماري ، سرڪي، جهرڪا، ۽ ٻيون ذاتيون شامل آهن. هي جماعت اڳي پيرين پنڌ ايندي هئي. مگر هاڻ ساڪري جي ڪجهه جماعت ڪان سواءِ سڀ سوارين تي ايندا آهن. ساڪري جي جماعت اڃان اڳوٽي پر وٺيو اچي. واٽ تي ڪن هنڌن تي جهلا به هوندا آهن. اتي پڙاءُ ڪندا آهن. هنن سان اڪثر پاندار جون ڦنڊرون به هونديون آهن. جيڪي ميلي ۾ پاڳاري جي حوالي ڪندا آهن. پاڳارو وري انهن کي کهائي، گوشت پاٿارين پيرن، مجاورن ۾ تقسيم ڪندو آهي.

پانڌار جو اٽو ۽ ٽانوَ بہ پاٽارين تي ورهائي ڏيندو آهي.

هڪڙي جماعت وري لس بيلي، اٿل، گڏاپ ۽ ڪراچي مان ايندي آهي. اڳي هي جماعت پري پنڌ هئڻ ڪري تمام مختصر ايندي هئي مگر هاڻ سفر جي سهوليت سبب تمام وڏي انداز ۾ ايندي آهي. هن ۾ خاصخيلي، پنڀ، جوکيا، لاسي، بشو آٽي، مڪراني ۽ ٻيون ذاتيون شامل هونديون آهن.

سوارين جي سهوليت ڪري، هاڻي هڪ جماعت گولاڙچي ۽ بدين کان بہ ايندي آهي. جنهن ۾ سومرا، جاکرا، ملاح ۽ سيد هوندا آهن. اڳي بہ تي گاڏيون پرجو ايندييون هيون. مگر هاڻ هر سال ان ۾ بي پناه اضافو ٿيندو وڃي.

انهن کان سواءِ اوسي پاسي جا مريد ۽ معتقد ۽ زائرين بہ جام اچن ٿا. انهي ڪري ميلو اڳوٽي کان نسبت هاڻ انوڻ تي وڏي ويو آهي. ميلي ۾ چار اوتارا ننگر جو بندوبست ڪندا آهن. هڪ پير حاجي شاه نواز جو ٻيو پير علي مير جو ٽيو پير علي حسن جو ۽ چوٿون پير ڪوثر علي جو. پاڳاري پير محمد هاشم جو اوتارو تہ هوندو آهي. مگر ننگر ڪونہ هلائي. ڇو جو اڳي ننگر ڪرائڻ لاءِ ديڳين لاهڻ جو رواج ڪونہ هو. ماڻهو پاٽاريون ڪري ويهندا هئا. رات جو پنهنجو کائيندا هئا. صبح جو پانڌار جو اٽو ۽ گوشت ملندو هون. پاڳاروان اصل رسم تي ڪاربند آهي.

مگر هاڻ پاٽارين جو رواج تمام گهٽجي ويو آهي. ماڻهن کي هڪيو تڪيو يت گراهہ ملي، اهو کائيو هليا وڃن.

قلم تازو: هاڻي گاڏين جي سهوليت ڪري، حيدرآباد ٽنڊو غلام محمد، هوسڙي، ڪٽڙ سيري، ٽنڊو محمد خان، ڄنگهڙي، سورهاڙي، ڪاري کهي، ڪوٽڙي، ٻولهاڙي ۽ سال مان بہ مريد ۽ عقيدت مند ايندا آهن.

# سجاده نشين لاڪو پير لطف الله رحمة الله عليه

## قبي اندر مزارون

1ـ لاڪو پير لطف الله بن مخدوم امين محمد رحہ
2ـ پير ميان ابراهيم بن لاڪو پير لطف الله رحہ
3ـ پير فتح محمد بن پير ميان ابراهيم رحہ
4ـ پير ميان امين محمد بن پير ميان فتح محمد رحہ
5ـ پير ميان عبدالواحد بن پير ميان امين محمد رحہ
6ـ پير ميان ربڏنو بن پير ميان عبدالواحد رحہ بن پاون علي الفي وارو

## • درگاهہ جي در تي ٻاهران هندوري ۾

7ـ پير ميان محمد شاهہ بن پير ميان رحہ عبدالواحد رحہ
8ـ پير ميان پائو دين بن پير ميان محمد شاهہ رحہ

نوٽ : درگاهہ اندر رڪيل ربڏنو بن عبدالواحد 13هون سجاده نشين آهي

## درگاهہ پير ميان منن لڳ هوسڙي تي رڪيل پاڳارا

(سجاده نشين لاڪو لطف الله)

9ـ پير ميان عبدالحفيظ بن پير ميان پائو الدين رحہ
10ـ پير ميان ربڏنو بن پير ميان عبدالحفيظ رحہ
11ـ پير ميان عبدالواحد بن پير ميان ربڏنو رحہ
12ـ پير ميان پاون علي بن پير عبدالواحد رحہ
13ـ پير ميان عبدالواحد بن پير ميان پاون علي رحہ
14ـ پير ميان عبدالواحد بن پير ربڏنو رحہ
15ـ پير ميان محمد هاشم بن پير ميان پير ڏنو بن هاشم بن عبدالحفيظ بن پاون علي الفي وارو



لاکي پير جي درگاه جو ٻاهريون ڏيک



درگاه لاکو پير جي مسجد جو ٻاهريون ڏيک



لاکي پير جي درگاهہ جو اندريون ڏيک



پيرن جي قبرستان جو ڏيک



لاکي پير جي قبرستان (رائنڪن) جو ڏيک



پير پير ڏنو سيري وارو ان جو پٽ محمد هاشم پاڳارو
ان جو پٽ ننڍڙو عبدالواحد ولي عهد



پير خدا ڏنو پير علي مير، پير عبدالرحيم



ساڄي کان ويٺل پير مير ماستر، پير عبدالرحيم مرحوم، ان جو پٽ پير حاجي شاهنواز



پير علي مير بن پير تقي محمد سجاول 1934_2008ع



پير علي مير ولد پير تقي محمد 1934_2008ع
(جواني جي تصوير)



پير محمد هاشم پاڳارو ولد پيرا پير ڏنو سيري 1952_2008ع



پير قاسم الدين ولد پير محمد هاشم 1979ع

## لطفي جماعت جو هالن جي ميلي تي وڃڻ

هن تي خاص مضمون ڪتاب "تاريخ درگاه شريف هالا" ۾ قاضي شوڪت وارن جو ڏنل آهي. تنهن ڪري پهريائين اهو بيان ڏجي ٿو. پوءِ ان ۾ پنهنجي طرفان ڪجهه واڌارو ڪبو "هي جماعت حضرت مخدوم لطف الله بن مخدوم امين محمد بن سرور نوح رحمة الله عليه جن جي نالي سان منسوب آهي. پاڻ حضرت غوث الحق رحمة الله عليه جن جا پوٽا ۽ مخدوم امين محمد دستار بہ جا پنجون نمبر فرزند هئا. کين "لاکو" يا لاکيٽو بہ ڪري چوندا آهن. ۽ سندن اولاد کي "لاکي پوٽا مخدوم" ڪري ڪوٺيو ويندو آهي. پاڻ اڪمل اولياءَ ۽ عظيم شاعر ٿي گذريا آهن. سندن ڪلام هر پهلو ۾ هڪ پالوٹ ۽ سمنڊ جي مثال آهي. جنهن ۾ ڪئين اسرار ۽ ڳجهہ سمايل آهن ۽ نور الاهي ۽ معرفت جون لاٽون نظر اچن ٿيون. سندن اڪثر ڪلام حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جن جي رسالي ۾ اچي ويو آهي. سندن مزار مطهر نور الله مرقده, ڪراچي ۽ حيدرآباد واري پراڻي شاه راه تي جهرڪن کان ٿي ميل ڏکڻ طرف آهي. درگاه شريف جو مجاور پير علي حسن آهي. جيڪو پڻ حضرت نوح رحمة الله عليه جن جي اولاد مان آهي.

ان قبرستان ۾ اڪثر مقبرا پليجاڻي قوم جا آهن. جيڪي حضرت سائين لطف الله "لاکي" رحمة الله عليه جن جا مريد هئا. هي جماعت بہ لاڙ جي اهم جماعت آهي. ۽ هر سال ذوالحج واري سومار تي هالا شريف ايندي آهي. ۽ مقرر اوتاري ۾ ترسندي آهي. جيڪو درگاهہ شريف ڏانهن مخصوص آهي. هن جا بہ دروازا درگاه ڏانهن وڃن ٿا. هن جماعت جي اڳواڻي جي پڳ, پير محمد هاشم سيري (ٽنڊو محمد خان) واري تي آهي. جيڪو پڻ هر سال پنهنجي جماعت سڳوري سان وڏي سومار شريف جي تقريبن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ هالا شريف ايندو آهي. سندس قيام جي جڳهہ بہ ساڳي قديم مقر ڪيل اوتاري ۾ آهي.

قديم قلمي ڪتابن ۾ اهو لکيل آهي تہ: حضرت لطف الله لاکي رحمة الله عليه جن جي اولاد کي بہ حضرت غوالحق رحمة الله عليه جي درگاه شريف جي نئين ٽيڻ واري سجاده صاحب جي دستاربنديءَ جي موقعي تي برڪت طور گهرايو ويندو آهي."

مٿئين بيان ۾ ڪجهہ ڪميون پيشيون آهن. پهريائين انهن جي درستگي ڪبي.

1۔ لکيل آهي تہ لاکي پوٽا مخدوم ڪري ڪوٺيو ويندو آهي. اهو لاکي پوٽا پير ڪري، پڙهڻ گهرجي. ڇو تہ لاکي پير جو اولاد پاڻ کي پير چوارائيندو آهي. مخدوم صرف سرور نوح جي سجاده نشين جو گهر آهي جيڪو سرور نوح رحمة الله عليه جي سڄي اولاد جو روحاني مرشد بہ آهي. انهيءَ ڪري مرشد سان برابري ڪرڻ بي ادبي آهي.

2۔ هتي لکيل آهي تہ "درگاه جو مجاور پير علي حسن آهي." حالانڪ مجاور انهيءَ وقت عمر فقير هيو. هاڻي موجوده وقت ۾ درگاه جو مجاور عمر فقير جو ڏوهٽو منٺار فقير آهي. پير علي حسن ميلي لڳائڻ وارن مان هو. جيڪو پوءِ لاولد گذاري ويو. ان ٽائيم ۾ ننگر ڪرڻ وارا صرف بہ اوتارا هوندا هئا. هڪ پير علي حسن ٻيو پير ميان ڪڪو.

3۔ لکيل آهي تہ، "ان قبرستان ۾ اڪثر مقبرا پليجاڻي قوم جا آهن" هي مقبرن نما تہ ڪٺي چئي سگهجي ٿو پر مقبرا نہ آهن. هنن کي عام طرح رانئڪون چئبو آهي. جيڪي خاص پنهنجي نوعيت جون نهيل هونديون آهن. ٻيو تہ پليجاڻي قوم جا نہ پر پليجا ذات جا آهن.

4۔ "لطفي جماعت جي اوتاري کي بہ خاص دروازا درگاه ڏانهن مخصوص آهن" حالانڪ درگاه شريف ڏانهن هڪ دروازو وڃي ٿو ٻيو دروازو بازار ڏانهن وڃي ٿو جنهن مان ايندڙ زائرين ايندڙ اوتاري ۾ داخل ٿيندا آهن. شايد اسان جي

يادگيري کان اڳي هوندو! جيڪو پوءِ بند ڪيو ويو هوندو. بهرحال لطفي جماعت جو اوتارو بهترين آهي. اهڙو اوتارو سلطاني جماعت کي بہ ڪونہ مليل آهي. جيڪا تمام وڏي جماعت آهي. هن ۾ پاڳاري ۽ پيرن لاءِ الڳ جايون ۽ ايوان آهي. سڄي اوتاري ۾ وڻڪار آهي. فقراء لاءِ الڳ ميدان آهي. جنهن کي ڪوٽ ڏنل آهي. هن اوتاري جي سارسنڀال لهڻ لاءِ هڪ چوڪيدار مقرر ٿيل آهي. جيڪو اوتاري کي سنڀاليو وينو آهي.

ميلي کان پوءِ اگر ڪو ٽانگو رڪشو يا ڪا گاڏي وغيره وٺس چڙهي ويندو آهي تہ چوڪيدار ان کي سنڀاليندو آهي. ان جي ڏنل مسواڙ مان گذر سفر ڪندو آهي.

لطفي جماعت جا ماڻهو ٽوليون ڪري يا اڪيلي سراچي هتي گڏ ٿيندا آهن. ڪي تہ سلطاني جماعت سان گڏجي لاڙ مان پنڌ نڪرندا آهن. پوءِ هالا اچي ڏار پنهنجي اوتاري ۾ رهندا آهن رات جو سين جماعتن کي سجاده طرفان ننگر ڪرايو ويندو آهي. ميلي جي رات ذڪر فڪر ۽ زيارت ۾ گذاريندا آهن.

"جيڪا جماعت پنڌ نڪرندي آهي. اها جمع رات شاه يٽائي تي ترسندي آهي. سڄي رات شاه جي محفل ٻڌندي آهي. صبح جو زيارت ڪري نڪرندي آهي. جمع نماز درگاه تي هالن ۾ پڙهندي آهي. ڇنڇر ڏينهن ميرا ڪپڙا ڌوئي وهنجي سهنجي تيار ٿيندي آهي. آچر شام جو سجاده نشين يا وليعهد درگاه تي مخصوص جاءِ تي اچي ويهندو آهي.اتي مريد سماع بہ ڪندا آهن ۽ زيارت بہ ڪندا آهن. سومر ڏينهن اڪثر مريد واپس ٿيندا آهن. ڪي صبح سان نڪري پوندا آهن. ڪي ترسي ڏهين کان ٻي بجہ تائين. مرشد جي زيارت ڪندا آهن. ڪي نوان مريد اتي ذڪر بہ وٺندا آهن.

# لاکو پير لطف الله شعبان بخت جي نظر ۾

(رسالو فردوس هالا مخدوم نوح نمبر سال 1956ع تان ورتل)

شاه ڀٽائي ڀلاري جي رسالي جي مشتاقن کي معلوم آهي ته لاکي لطف الله جو سُر سهڻي فصل چوٿين جي بيت پنجين ۾ هڪ دفعو نالو آيل آهي. وري "لاکي" جو محض نالو سر بسنت بهار جي فصل پهرين بيت 6 ۽ 7 ۾ آيل آهي. مطالع مان ته ائين معلوم ٿيندو ته هي لطف الله بزرگ ذات جولاکو آهي. مگر هن انڪشاف اسان کي تازي مڪلي ۽ ٺٽي جي سفر ۾ قبلہ طالب المولیٰ سائين کان معلوم ٿيو ته هي بزرگ سندن خاندان جو آهي.

هن جي وڏيڪ تحقيق هن طرح آهي ته لاکو لطف الله، مخدوم نوح ﷫ جو پوٽو آهي ۽ مخدوم امين محمد صاحب جو پنجون نمبر فرزند.

مخدوم نوح ﷫ کي ٻارهن پٽ هئا. تن مان وڏو مخدوم حامد هو جو سندس حياتيءَ ۾ گذاري ويو. هي روايت به محقق ليکجي ٿي ته مخدوم نوح ﷫ جو قلبي ذڪر جو توجهہ ٿيو ۽ مخدوم حامد اهڙو محو ذڪر رهيو جو آخر تياڳيائين. تنهن ڪري مخدوم حامد ﷫ کان پوءِ سندس ٻيو نمبر صاحبزادو مخدوم امين محمد صاحب سجاده نشين ٿيو جنهن کي اٺ فرزند ۽ ٻه دخترون هيون. سندس وڏو پٽ مخدوم ابو الخير هو. جا ٽين

دستار ليکي وجي ٿي. مخدوم امين محمد پنهنجي صاحبزادي تي لطف الله نالو رکيو هو جو مخدوم نوح ﷬ جو اصل نالو آهي. وري نينگر هو ڄمندي ڄام سو سروري ٽوڙ (فقراء) کيس لاکيٽو يا لاکو ڪري سڏيندا هئا. اهڙي طرح لاکو لطف الله مشهور ٿيو. سندس زمانو مخدوم نوح ﷬ جي وفات کان پوءِ جو آهي. مخدوم امين محمد جي ڇئن پٽن تائين مخدوم نوح ﷬ جن حيات هئا. مگر پنجين نمبر فرزند تي نالو رکيو ويو. تنهن مان ظاهر آهي تہ مخدوم نوح ﷬ جي وصال کان ٿورو پوءِ لاکو لطف الله جي توليد ٿي آهي. مخدوم نوح ﷬ جي وفات 998 هہ ۾ ٿي. تہ هن حساب سان لاکي لطف الله جو تولد هڪ هزار هجري ڌاري يا هن کان ٿورو پوءِ ٿيو هوندو. جيئن شاه ڀٽائي جو تولد 1102 هہ ۾ ٿيو آهي. جيئن اوهان مٿي مطالع ڪري آيا آهيو تہ لاکو لطف الله، شاه ڀٽائي جي مقتدمين مان آهي. وري شاهہ صاحب جي سوانح نگارن جي تصانيف سان معلوم ٿيو ٿي تہ شاهہ ڀٽائي جي وقت ۾ هالا جي گاديءَ تي مخدوم پنج پاڳيو هو. يعني پنجون نمبر سجاده نشين مخدوم لطف الله جو وڏو ڀاءُ مخدوم ابوالخير دستار تي مخدوم نوح جو پوٽو آهي.

لطف الله سائين جو مرقد جهرڪن کان ٽي ميل ڏکڻ تي حيدرآباد ڪراچيءَ واري شاهہ راهہ جي پرسان واقع آهي. هن جي پرريان وري ٻہ ڏرم وارن جي مکيہ مانجي راءِ جو ڪوٽ آهي. جنهن جو احوال خواه لاکي سائين جي قديم ۽ وسيع مقام جو ذڪر مسٽر ڪوزن پنهنجي شهرهِ آفاق تصنيف ”دي انٽيڪيٽيز آف سنڌ“ ۾ پڻ آندو آهي. سائين لطف الله جي دروازي جي تصوير ڪوزن صاحب پليٽ نمبر 96 ۾ ڇاڻائي آهي. هي مقام تمام وسيع ۽ قديم آهي. ۽ هن جا گهڻا مقبرا پليجاڻي

قوم جا آهن جي لاکي سائين جا لاکيٽا مريد آهن. هن کان سواءِ هن درگاه جا مجاور پير علي حسن جن جهرڪن وارا آهن جي خود مخدوم نوح ﷬ جي هڪ شاخ آهن.

هن صاحب جي اولاد کي لاکي پوٽا ڪري سڏجي ٿو. لطف الله لاکي جو گادي نشين ميون وڏو عبدالواحد سيري وارو آهي.“

درستگي: اڳ ۾ قاضي شوڪت (قاضي غلام محمد) جي مضمون لطفي جماعت هالا ۾ ڇپيل آهي. شايد هن مضمون تان ئي ڏسي قاضي صاحب لکيو آهي.

باقي ميون وڏو ”سيري وارو“ ڪونہ هو پر پرهياڙن جي ڳوٺ (ٽنڊو غلام محمد) وارو هو. جيڪو انهيءَ سال ئي وفات ڪري ويو جنهن سال 1956ع ۾ هي مضمون لکيو ويو.

## سروري جماعت جا ڏهرع وايون

حضرت مخدوم سرور نوح ﷬ جي وڏن سندس ۽ اولاد جو طريقو سهروردي آهي. هن ۾ ذڪر جون پنج تسبيحون آهن جيڪي صبح شام پڙهبيون آهن. ان کان علاوه فقير درگاهن جي عرس جي موقعي تي سماع ۾ ڏهرع وايون پڙهندا آهن. سماع کان بغير بہ ڪنهن بہ وقت فقير حلقو ٻڌي ذڪر ڪري پوءِ ڏهر ۽ وايون پڙهندا آهن. جيڪي ڏاڍيون رقت آميز هونديون آهن. ان ڪري ٻڌندڙ کي اکين ۾ پاڻي اچي ويندو آهي. اهو پاڻي دل کي ڌوئي صاف ڪندو آهي.

ڏهر ۽ وايون مختلف شاعرن جا چيل آهن، جيڪي حمد، نعت ۽ منقبت ۽ محبت عشق تي مشتمل هوندا آهن. انهن شاعرن ۾ بيٺن کان علاوه سروري جماعت جي شاعرن جو بہ ڪاٿو ڪو نہ آهي. پر سڀ کان وڌيڪ ڏهر ۽ وايون منٺار فقير راڄڙ جا آهن.

جنهن جا ڪتاب ڇپايل آهن. ٻين شاعرن جا ڏهر ۽ وايون گڏ ڪجن تہ ڪيترا ئي ڪتاب تيار ٿي پون.

هتي نموني خاطر ٻہ ٽي ڏهر ۽ وايون اهي ڏجن ٿيون جن ۾ صاحب ڪتاب جي واڪاڻ ۾ ساراهہ سمايل آهي.

## ڏهر

لاڪو پير لطف الله آهي جبل جو جوان
پر ڪنڌين پڌرو آ شرف تنهنجو شان
چوڏس چاڪر فقير جي، اسين پنون دين ايمان
مرشد مهربان، رسج رهبر راهہ ۾.

(چاڪر فقير)

2

لاڪو پير لطف الله، آهي جبل جو جونجهار
سياري ۾ سروهي، اونهاري ۾ آر
پلٽيو پالوٽيون ڪريو ريلي ڪچ قنڌار
توٽ ڪيرن، پٽن جي پلٽيو وهي پار
ائين محمد فقير چي، آئون آهيان عيبدار
مرشد مهردار، رسج رهبر راهہ ۾.

(محمد فقير مجاور)

3

لاڪو پير لطف الله، آهي اڙين جو آڌار
توگهٽا گهوڙن چاڙهيا، ٻيا پُر ڪئي پينار
منڊا نونتا مگٽا، آهن تو ۾ طمعدار
مرشد مهردار، رسج رهبر راهہ ۾.

(محمد فقير)

## وائي

### از: مخدوم امين محمد پکن ڏٽي 13 سجاده نشين درگاه هالا

ٿلهه:۔ پورا پير ڪيا الا، هي ڪم يارن جا
پورب پنڌ پري تيو ڏورڻ ڏيهه تيا الا،
پني پرزو نه ملي، چروين چار چڙهيا الا،
سلطان پير سهڻو لاکو لطف الله الا،
ايئن ميون امين چئي، لهي گوندر غم ويا الا،

## وائي 2

### از: سيد حاجي محمد شاهه ولد سيد بچل شاه بدين وارو،

ٿلهه:۔ موٽ مرشد تون سگهو پير لاکا لطف الله،
سوال منهنجا تون سڻي، پال ڪر پنهنجا پلا،

1۔ ڪي ڪتان ڪان ڪي ڪتان تنهنجي متادرتي اچن
پُر ڪيو پينن ڪي پيارا، دان ڏي تون دادلا،

2۔ ڪر سخا آهين سخي گوهر ڏيو پنهنجي گنج مان
ڪيئن خالي وڃن خيرات جي، لاخوف آهين اوليا،

3۔ محمد شاه تو در متا، پانهي سندو پار آ،
گهوٽ مديني سان متا، مرشد مون ڪي تون ملا.

# لاکي پير رحمة الله عليه سان لاڳاپيل ڪي درگاهون

هونئن تہ لاکي پير رحمة الله عليه جي خليفن ۽ سندس اولاد مان ڪن. بزرگن جون پنهنجون درگاهون، آستانہ ۽ ميلا آهن. جيئن تہ درس خيرو، درس وريو، ميان مٺن، پير ڀاون وغيره پر ڪي درگاهون اهڙيون آهن. جيڪي لاکي پير رحمة الله عليه کان تمام آڳاٽيون آهن. پوءِ بہ انهن جا جانشين ۽ متولي لاکي پير جا مريد، معتقد ۽ ڏن پرو آهن. انهن مان هڪ شيخ تراب علي گجي شهر پرسان ضلعي ٺٽي ۾ آهي. شيخ تراب علي تبع تابعين مان آهي. شايد سنڌ ۾ جهوني ۾ جهوني درگاهہ آهي. ان جي مقبري تي بہ سنہ 171هہ لکيل آهي. مگر هن جا متولي يا گادي نشين ڪسابن کان لاکي پير جا مريد ۽ معتقد آهن. هن جا متولي بہ شيخ آهن. جيڪي سندس اولاد مان ڪونہ آهن. تازو هينئر شيخ حاجي سائينداد گادي نشين گذاري ويو. وري نئون گادي نشين شيخ غلام حسين ٿيو. جنهن جي تقريب ۾ لاکي پوٽن پيرن کي سڏايو ويو. پڳ جو پهريون ور انهن کان ڏياريو ويو. سال بہ سال نذرانو ڏيندا آهن. پر خود هنن شيخن جا بہ لکين مريد آهن. جيڪي سنڌ ۽ بلوچستان ۾ پکڙيل آهن. درگاه جنگ شاهي. هن جا خليفا بہ جوکيا پنڌ آهن. جيڪي لاکي پير جي درگاه جا مريد آهن. موجوده خليفو جميعت فقير جوکيو آهي. جيڪو تمام معتقدمريد آهي. سال بہ سال لاکي پير رحمة الله عليه جي عرس شريف تي ايندو آهي. هن ۾ فقير جون پوريون پوريون وصفون ڏسجن ٿيون. سندس هزارين مريد آهن.

**امير پير:**

هي ڪينجهر جي ڪپ تي درگاه آهي. هي درگاهہ بہ لاکير پير کان آڳاٽي معلوم ٿئي ٿي. هن تي خواجہ قوم گهٽي ايندي آهي. جيڪي هن درگاه جا معتقد آهن. هن جا متولي مٽياري سيد آهن. جيڪي درگاه لاکي پير جا مريد آهن.

**درگاه پير فتح محمد:**

هي درگاه ٺٽي شهر کان ٻہ ڪلوميٽر ايرندي طرف مولچند بيلي ۾ بند پرسان آهي. مشهور آهي تہ هي بزرگ لاکي پير ﷺ جو وڏو ڀاءُ آهي. هن جا متولي عباسي ميان آهن. جيڪي ٺٽي شهر ۾ راهوٽ ۾ ويٺل آهن. هي عباسي لاکي پير ﷺ درگاه جا مريد آهن.

**درگاه حسن پير:**

هي درگاه بلوچستان پرڳڻي ۾ حب نديءَ کي ويجهي آهي. هن لاءِ اتي جا ماڻهو چون ٿا تہ لاکي پير جي اولاد مان آهي. هتي سال بہ سال وڏو عرس شريف ٿيندو آهي. بلوچستان ۾ جيڪي درگاه لاکو پير ۽ حسن پير جا مريد آهن. اهي عرس شريف ۾ شريڪ ٿيندا آهن. هن درگاه جو خليفو بہ درگاه لاکي پير ﷺ جو مريد آهي. سندس ڀيا مائٽ جيڪي ذات جا جوکيا آهن. درگاه لاکي پير جا مريد آهن ۽ سال بہ سال ميلي تي ايندا آهن.

# لاکي پير رحمة الله عليه جي اولاد جو شجرو

خانداني شجري نہ ملڻ ڪري وڏڙن کان ٻڌل سيني ٻہ سيني مليل معلومات تي انحصار ڪجي ٿو. ڪجھ شجرو تاريخ درگاھہ شريف هالا مان مليو آهي.

لاڪي پير رحمة الله عليه جا ٽي فرزند هئا: هڪ پير ميان ابراهيم، ٻيو پير ميان مٺن، ٽيون پير ميان رمضان. پير ميان ابراهيم رحمة الله عليه سجاده نشين ٿيو. لاکي پير رحمة الله عليه جي پاسي ۾ درگاه اندر مدفن آهي. پير ميان مٺن گنجي ٽڪر تي، هو سڙي شهر کي ساموهون الهندي طرف درس خيري جي مقام ۾ مدفن آهي. مٿس هر سال 10 محرم تي عرس ٿيندو آهي. هن تي چوڪندي نهيل آهي.

ٽيون پير ميان رمضان هي سونڊن شهر جي پرسان ٽڪري تي آرامي آهي. هن تي ٻہ ڏهاڙو ٿيندو آهي. پير ميان ابراهيم جو فرزند فتح محمد ان جو پٽ ميان امين محمد ان جو پٽ ميان عبدالواحد ان جو پٽ پير ميان محمد شاه ان جو پٽ پير ميان ياتو الدين شاه ان جو پٽ ميان محمد حفيظ ٿيو. ان جو پٽ پير ميان ريڏنو ان جو پٽ پير ميان عبدلواحد ان جو پٽ پير ميان پاون علي ٿيو. هن کي ٻہ شاديون هيون هڪ دل قوم مان ٻي لاکن مان. پهرين مان پنج پٽ ٿيا. 1۔ ميان عبدالواحد، 2۔ عبدالحفيظ 3۔ شاه محمد 4۔ جان محمد، 5۔ تقي محمد پوپان تي شادي کان اڳ ۾

جواني ۾ گذاري ويا. باقي ميان عبدالواحد کي هڪ پٽ ميان ربڏنو ٿيو. ان جو پٽ ميان عبدالواحد عرف ميون وڏو ٿيو. ان جو هڪ پٽ ميان ربڏنو ٿيو جيڪو ٻارهن سالن جو هو تہ پيءُ جي حياتيءَ ۾ گذاري ويو. هي پير لاکي پير جا گادي نشين هيا. ڇوکري گذارڻ ڪري سلسلو بند ٿي ويو.

ٻيو ميان عبدالحفيظ کي ٻہ پٽ ٿيا. 1۔ تقي محمد، 2۔ ميان محمد هاشم. تقي محمد جواني ۾ گذاري ويو. ميان محمد هاشم کي 6 پٽ ٿيا. 1۔ ميان خدا ڏنو 2۔ ميان جيئل، 3۔ ميان پير ڏنو 4۔ ميان الهہ بخش، 5۔ ميان غلام نبي ، 6۔ ميان علي ڏنو خداڏنہ ننڍي هوندي گذاري ويو. ميان جيئل ڦوهہ جواني ۾ گذاري ويو. ميان الهہ بخش پڪو جوان مڙس هو مگر بغير شادي جي گذاري ويو. ميان پير ڏنو کي هڪ پٽ محمد هاشم ٿيو. ان کي ٻن شادين مان پنج پٽ ٿيا. ڏاڏي پوٽي مان چار فرزند ٿيا. 1۔ عبدالواحد، 2۔ عبدالحفيظ، 3۔ قائم الدين، 4۔ ربڏنو جيڪو جواني ۾ 2003ع ۾ جواني ۾ گذاري ويو. ٻي شادي شورن مان ڪيائين جنهن مان هڪ پٽ پير ڏنہ ٿيو. محمد هاشم کي ٽي نياڻيون بہ آهن.

ميان غلام نبي کي نرينو اولاد ڪونہ ٿيو فقط ٻہ نياڻيون ٿيون.

علي ڏنہ کي ٻہ پٽ ڪوثر علي ٻيو مظفر علي عرف خالد ٿيا ۽ هڪ نياڻي. پير ميان ياون علي جي ٻي شادي لاکيءَ مان ٻہ فرزند ٿيا. هڪ پير ميان محمد شاه ٻيو پير ميان مولوي حاجي محمد علي.

پير ميان محمد شاه کي ٽي پٽ ٻہ نياڻيون ٿيون. هڪ ميان ياون علي ٻيو ميان محمد جمن ٽيو ميان تقي محمد. ميان ياون علي کي هڪ پٽ ميان شفيع محمد ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون. جيڪي سڀ عمر رسيده ٿي بنا اولاد جي گذاري ويا.

ٻيو ميان محمد جمن کي ٽي پٽ هڪ نياڻي ٿي. هڪ ميان

محمد شاه ٻيو ميان شاه محمد عرف شان پير ٽيو ميان عبدالرحيم. ميان محمد ٻه شاديون ڪيون پر اولاد ڪونه ٿيو. ٻيو ميان شاه محمد ٻه ٻه شاديون ڪيون. ان کي هڪ پٽ جيڪو چاپيندي گذاري ويو ۽ ٻه نياڻيون هڪ شادي مان ٿيون. ٽيو ميان عبدالرحيم ان کي هڪ شاديءَ مان ويهه ٻار ٿيا. ڏهه ننڍي هوندي گذاري ويا، باقي ڇهه پٽ چار نياڻيون حال حيات آهن. 1۔ غلام مصطفيٰ، 2۔ شاه نواز 3۔ محمد علي ، 4۔ محمد جمن، 5۔ شوڪت علي، 6۔ شاه محمد عرف شان پير. پهرين غلام مصطفيٰ جا ٻه پٽ غلام مرتضيٰ، 2۔ غلام قادر ۽ ٽي نياڻيون آهن.ڪجهه ٻار ننڍي هوندي گذاري ويا. حاجي شاه نواز کي ٽي پٽ ۽ ڇهن نياڻين جو اولاد آهي. 1۔ شاه جهان، 2۔ شاه فيصل عرف شيراز 3۔ شاه زيب ميان عبدالرحيم جا باقي چار پٽ جوان هوندي ڪنوارا آهن.

ٽيون ميان تقي محمد عرف ڪڪو بن ميان محمد شاه کي ڇهه پٽ ٽي نياڻيون ٿيون، ٽي پٽ ڪم سني ۾ گذاري ويا. باقي ٽي پٽ هر هڪ ميان عبدالعظيم ٻيو ميان علي مير ٽيون ميان محمد عالم راقم الحروف.

ميان عبدالعظيم کي ٻه پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. هڪ مالڪڏنه ٻيو علي حسن، مالڪڏنه لاٻالي آهي باقي علي حسن کي پنج نياڻيون آهن. ميان علي مير کي چار پٽ ۽ ست نياڻيون ٿيون. ٽي گذاري ويون هڪ علي رضا، 2۔ علي احمد، 3۔ علي نواز 4۔ علي عباس. ميان محمد عالم کي هڪ نياڻي ۽ اٺ پٽ ٿيا. 1۔ تقي محمد، 2۔ فتح محمد، 3۔ رضا محمد، 4۔ نظر محمد، 5۔ نور محمد، 6۔ افضل محمد، 7۔ فضل محمد، 8۔ ولي محمد، افضل محمد گذاري ويو. تقي محمد کي هڪ نياڻي آهي.

ميان محمد علي کي چار فرزند ٿيا، 1۔ ميان علي حسن

جيڪو ننڍي هوندي گذاري ويو ٻيو شاه نواز جيڪو جواني ۾ گذاري ويو ٽيو حاجي علي حسن، هن ٻه شاديون ڪيون مگر اولاد ڪونہ ٿيو. چوٿون محمد عارف جيڪو ننڍي هوندي بيماريءَ ۾ ٻوڙوءِ ٻاتو ٿي ويو. هن کي هڪ نياڻي ٿي جيڪا گذاري وئي. ان کي ٻہ نياڻيون آهن.

تاريخ درگاه شريف هالا ۾ لاکي پير ﷫ جي اولاد جو ڪجھ شجرو ڏنل آهي. ان مطابق لاکي پير ﷫ جي پوٽي ميان فتح محمد کي چار فرزند هئا. 1۔ ميان امير شاه، 2۔ ميان شاهن، 3۔ ميان امين محمد، 4۔ ميان عبدالحڪيم. هن کي ٻہ فرزند هئا. 1۔ ميان پنيل، 2۔ ميان عبالواحد. ميان پنيل کي ميان ٻچل ٿيو. بس اڳتي شجرو لکيل ڪونہ آهي. ميان عبدالواحد کي ٻہ فرزند ٿيا. 1۔ ميان ستابو 2۔ ميان فخر الدين، ان جو پٽ ميان موليڏنہ ٿيو. ان جو پٽ ميان محمد تقي ٿيو. ان جو پٽ ميان ربڏنو ٿيو بس ايترو شجرو آهي. مگر وڏڙن کان ٻڌندا اچون تہ ان ربڏنہ جو پٽ پير محمد هيو. ان جو پٽ موليڏنو ٿيو ان جو پٽ پير محمد هو ان جا ٻہ پٽ ٿيا. 1۔ ولي محمد، 2۔ آگيڏنو ولي محمد کي اولاد ڪونہ هو. باقي آگيڏنہ کي ٻہ پٽ ٿيا هڪ جواني ۾ گذاري ويو. ٻيو پير محمد جيڪو وڏن کان ماتلي شهر ۾ رهندو هو. سو هاڻي پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ اتان لڏي شاه ڪريم طرف ڪٿي ٻهراڙي ۾ ويٺل آهي. ياد رهي تہ هي پير ورهن کان لاکي پير يا هالن جي ڏهاڙي تي ڪونہ اچن. ان ڪري رابطو ڪٽيل آهي. لاکي پير ﷫ جو ٻيو ٻہ اولاد ٻڌجي ٿو مگر رابطو ڪونہ ٿي سگهيو آهي. هالن جي ميلي تي پنجاب جا ڪي پير آيا هئا. جيڪي اسان جي پيرن کي مليا هئا، انهن ٻڌايو تہ اسان لاکي پوٽا پير آهيون ابن ڏاڏن کان پنجاب ۾ رهون ٿا. پر اسان وٽ شجرو ڪونہ آهي. وڏن کان ٻڌون

ٿا تہ لاکي پوٽا پير آهيون ۽ ملڻ جلڻ جا اقرار ڪري ويا، مگر وري ڪونہ آيا.

اهڙي نموني وڏن کان ٻڌندا اچون تہ حيدرآباد دکن ۾ ڪيچ ملڪ ۾ بہ لاکي پوٽا پير ڪجهہ آهن. مگر خاطري ڪونہ آهي. لاکي پير جو اولاد ڪٿي ڪٿي رهي ٿو.

گهڻو احوال تہ شجري لکندي اچي ويو آهي. باقي ڪجهہ وضاحت هت ڏجي ٿي. معلوم هجي تہ لاکي پير رحمة الله عليه جو اڪثر اولاد پير ميان پاون علي الفي واري جي پٽ مان پيدا ٿيل آهي. هن جا وڏا لاکي پير رحمة الله عليه جي درگاه پرسان رهندا هئا. مگر هي فقير منش انسان هو. پاڻ اتان لڏي پهريائين ڪونڙي پوءِ هوسڙي، پوءِ ٽکڙ طرف پنهنجو ڳوٺ ٻڌي وينو. جنهن کي اڄڪلهہ پيراڻي وسي چئجي ٿو. مگر اتي بہ دل راس ڪونہ آيس. پوءِ اتان لڏي سيريءَ ۾ اچي وينو. اتي وفات ڪيائين هن جا ست فرزند هئا. جن مان ٽي جواني ۾ گذاري ويا. وڏو عبدالواحد هو. جنهن تي پڳ هئي. سو سيري مان لڏي ٽنڊي غلام محمد ۾ اچي وينو ان جو پٽ ربڏنو ٿيو ان جو پٽ عبدالواحد ٿيو ان جو پٽ ربڏنو ٿيو جيڪ ڪم سنيءَ ۾ گذاري ويو. ائين هي حويلي خالي ٿي ويئي.

ٻيو پٽ عبدالحفيظ هو. جيڪو سيري ۾ رهيو ان جو اولاد اتي آهي. هينئر پير محمد هاشم پاڳارو پٽن سان اتي رهي ٿو. بہ ننڍا پٽ محمد شاه ۽ حاجي محمد علي جيڪي پير پاون کي ٻي گهر واري مان هئا. پيءُ جي وفات کان پوءِ گهر ۾ ناسازي سبب ماءُ ونئي اچي دڙيءَ ڳوٺ ۾ شورن مريدن ۾ رهيا. جڏهن جوان ٿيا تہ اتان لڏي اچي درگاه لاکي پير تي رهيا. ڪجهہ وقت کان پوءِ حاجي محمد علي درگاه کان لڏي اچي جهرڪن جي شهر ۾ وينو. ان جا چار پٽ هئا. مگر انهن مان ڪنهن کي اولاد ڪونہ ٿيو سواءِ

هڪڙي نندي پٽ کي هڪڙي ڏيءَ جي هيئنئر ان جون ٻہ ڏيئون اتي رهن ٿيون.

ميان محمد شاهہ کي ٽي فرزند هئا. انهن مان وڏو ميان ياون علي شاه اتي وينو رهيو. باقي ٻہ ميان جمن ۽ ميان ڪڪو اتان لڏي اچي ٻني جي پاسي ۾ اتلشاه ڳوٺ ۾ وينا. انهن جو اولاد 1963ع ۾ زمينون ڪٽت ڪري اچي سجاول لڳہ ايرندي طرف بدين روڊ تي پنهنجو ڳوٺ ٻڌي وينا

هن وقت لاکي پوٽن پيرن جا ٽوٽل ست گهر آهن. انهن مان هڪ گهر پير محمد هاشم جو سيري ۾ آهي. ٻيو حاجي شاه نواز ۽ ڪوثر علي لاکي پير درگاه پرسان ڳوٺ پير محمد شاهہ ۾ وينل آهن. چار گهر عبدالرحيم، علي مير، محمد عالم ۽ علي حسن سجاول لڳ پنهنجي ڳوٺ ۾ رهن ٿا. (3: ڏسو ضميمو)

# لاکي پير ﷫ جي پائرن جو ڪجهه تذڪرو

ياد رهي تہ حضرت مخدوم نوح ﷫ جا ٻارهن فرزند هئا، جن جا نالا آهن. مخدوم حامد. 2ـ مخدوم امين محمد، 3ـ مخدوم نور محمد، 4ـ مخدوم احمد، 5ـ مخدوم ابراهيم ، 6ـ مخدوم ميران محمد، 7ـ مخدوم جلال محمد، 8ـ مخدوم آدم، 9ـ مخدوم موسيٰ، 10ـ مخدوم هارون، 11ـ مخدوم دائود، 12ـ مخدوم يوسف.

سيئي برگزيده بزرگ هئا. وڏي فرزند مخدوم حامد کي ذڪر ڏيڻ وقت ايتري توجهہ ڏنائون جو توجهہ جي ست سهي نہ سگهيا. ست ڏينهن بي هوش رهڻ کان پوءِ چاليهن سالن جي عمر ۾ رحلت فرمائي ويا. ان ڪري ٻيو نمبر فرزند مخدوم امين محمد سندن جائينشين ٿيو.

مخدوم امين محمد کي ٻن حرمن مان اٺ فرزند هئا. 1ـ مخدوم ابو محمد، 2ـ ميان فتح محمد، 3ـ ميان عبدالغني، 4ـ ميان منن، 5ـ ميان لطف الله (لاکو پير) 6ـ ميان احمد، 7ـ ميان عبدالصمد، 8ـ ميان راڄ محمد، هي بہ سيئي وقت جا اهل الله ۽ ڪامل بزرگ هئا. (4: ڏسو ضميمو)

چون ٿا تہ مخدوم سرور نوح ﷫ پنهنجي پوٽي ميان فتح محمد سان طريقت ۽ معرفت جي راز ۽ نياز جون ڳالهيون ڪندو هو. انهيءَ آڌار تي هن رسالو فتح پارسي ۾ لکيو هو. جيڪو هڪ ناياب ڪتاب آهي. هن جو هڪ فرزند ميان عبدالمالڪ ڪڙٽي گنور طرف هڪ جليل القدر اولياء الله آهي. (5: ڏسو ضميمو)

# لاکي پير رحمة الله عليه سجاده نشين

(6: ڏسو ضميمو)

1ـ مخدوم لطف الله عرف لاکو پير رحمة الله عليه بن مخدوم امين محمد رحمة الله عليه
2ـ پير ميان ابراهيم رحمة الله عليه بن مخدوم لطف الله عرف لاکو پير رحمة الله عليه
3ـ پير ميان فتح محمد رحمة الله عليه بن پير ميان ابراهيم رحمة الله عليه
4ـ پير ميان محمد امين بن پير ميان فتح محمد رحمة الله عليه
5ـ پير ميان عبدالواحد رحمة الله عليه بن پير ميان محمد امين رحمة الله عليه
6ـ پير ميان محمد شاه بن پير ميان عبدالواحد رحمة الله عليه
7ـ پير ميان بهاءُ الدين بن پير ميان محمد شاه رحمة الله عليه
8ـ پير ميان محمد حفيظ بن پير ميان بهاءُ الدين رحمة الله عليه
9ـ پير ميان ربڏنو بن پير ميان محمد حفيظ رحمة الله عليه
10ـ پير ميان عبدالواحد بن پير ميان ربڏنو رح
11ـ پير ميان ياون علي بن پير ميان عبدالواحد رحمة الله عليه
12ـ پير ميان عبدالواحد رحمة الله عليه بن پير ميان ياون علي رحمة الله عليه
13ـ پير ميان ربڏنو بن پير ميان عبدالواحد رحمة الله عليه
14ـ پير ميان عبدالواحد بن پير ميان ربڏنو رحمة الله عليه
15ـ پير ميان محمد هاشم بن پير ميان پير ڏنو رحمة الله عليه

نوٽ: مٿئين عبدالواحد جو پٽ ڪونه بچيو ان ڪري سندس ڏهٽي پڳ بڌي.

# لاڪي پير ﷫ جا مجاور

لاڪو پير ﷫ هڪ دفعي لس ٻيلو ۽ مڪران ويو. اتي ڪافي ماڻهو حلقہ ارادت ۾ آيا. انهن ۾ هڪ جعفر نالي مڪراني خاصخيلي ڇوڪرو بہ هو. جيڪو پوءِ واپسي ۾ ساڻس گڏجي ڳوٺ آيو. اهو پوءِ اتي هميشہ لاءِ رهجي پيو. حضر خواه سفر ۾ ساڻس گڏ خدمت گار طور رهندو هو. انهيءَ جو پويون بنياد سندس مجاور ٿي رهيو. شروعاتي پيڙهي معلوم نہ ٿي سگهي آهي. پر بہ چار پيڙهين کان پوءِ منجهانئس عارب فقير پيدا ٿيو. ان کي اسماعيل نالي پٽ ٿيو. ان جو پٽ عارب فقير ٿيو. ان کي محمد فقير نالي پٽ ٿيو. ان کي چار پٽ عارب فقير، اسماعيل، سومار فقير ۽ عمر فقير پيدا ٿيا. عارب فقير نامرد هو. اسماعيل کي ۽ محمد سومار فقير کي بہ پٽ طيب فقير ۽ رجب فقير ٿيا. طيب فقير کي پنج پٽ ۽ رجب کي اٺ پٽ آهن.

مجاوري ننڍي عمر فقير کي ملي. ان کي نرينو اولاد ڪونہ ٿيو فقط هڪ نياڻي ٿي. عمر فقير جي گذاري وڃڻ کان پوءِ انهيءَ جي پائيتن هوندي مجاوري پڳ عمر فقير جي ڌهٽي مننار فقير کي ڏني ويئي. جنهن جا وڏا شيرازي سيدن جا مريد آهن. عجب اتفاق آهي. هينئر لاڪي پير ﷫ جو گادي نشين ۽ مجاور ٻئي ڌهٽاڻ مان آهن.

# لاکي پير رحمة الله عليه جي اولاد مان ڪي مشهور هستيون

**حضرت پير ميان مٺن رحمة الله عليه:**

جيئن تہ لاکي پير رحمة الله عليه جا ٽئي فرزند ڪامل بزرگ هئا، پرميان مٺن، سين ۾ سرس هو. هن پنهنجو آستان هوسڙي لڳ، گنجي ٽڪر تي بڻايو. جتي عام و خاص ماڻهن کي فيض ڏيڻ لڳو.

غالباً لاکي پير جو وڏو خليفو درس خيرو بہ آخري عمر ۾ هن وٽ گذارڻ لڳو. اتي ئي وفات ڪيائين ۽ اتي ئي مدفن آهي. مئين مٺن جو آخري آرام گاهہ بہ اتي ئي آهي. ٻنهين تي چو ڪنڊيون ٺهيل آهن. قبرون ڪجهہ فاصلي تي آهن. مگر مقام يڪو آهي. جيڪو هڪ ڪلوميٽر ۾ پکڙيل آهي.

انهي مقام ۾ هڪ مقبرو ٺهيل آهي. جنهن ۾ بہ قبرون آهن مگر ڪير ڪونہ ٿو ٻڌائي سگهي تہ هي قبو ڪنهنجو آهي؟

تازو ڏهہ ٻارهن سال ٿيندا تہ ڪنهن سرنگ هڻي هينئان قبرن مان ڪجهہ ڪڍي ويا. هاڻي اهو چوٻول پيو هلي تہ اتي قبرن ۾ ماڻهو پوريل ڪونہ هئا. مگر ڪنهن مالدار پنهنجي دولت پوري تربتون ٺاهي ڇڏيون هيون تہ جيئن مال محفوظ رهي.

ميئين مٺن ۽ درس خيري جو ميلو هر سال 10 محرم جي رات لڳندو آهي. مگر ٻنهيون الڳ الڳ هونديون آهن.ميئين مٺن پير جو ڏهاڙو سيري وارا پير ۽ ٽنڊي غلام محمد وارا پرهياڙ ڪندا آهن ۽ درس خيري جو ميلو درس شورا هو سڙي وارا ڪندا آهن.

## پير پاون علي شاه الفي وارو ﷫:

هي درويش لاکي پير ﷫ جو يارهون گادي نشين هو. ميرن جي آخري دور ڏاري پيدا ٿيو. موجوده لاکي پوٽا پير تقريباً سندس اولاد مان آهن. فقير منش انسان هو. قائم النسان هو. ان کري ماڻهو دعائن ۽ شفائن لاءِ سوالي ايندا هئا. اکثر هڪ جبي ۾ گذاريندو هو. ان کري الفي وارو پير چوندا هئا. ڪڏهن هڪ هنڌ گهر کري کونه وينو. پهريائين تہ وڏن کان لاکي پير جي بارگاه تي وينل هئا. مگر پاڻ اتان لڏي پهريائين کونڙي جي آس پاس اچي وينو. وري اتان لڏي هوسڙي ۾ اچي وينو. جلدئي اتان لڏي ٽکڙ يعني سيداڻي وسيءَ ويجهو پنهنجو ڳوٺ ٻڌي وينو. جنهن کي اڄ تائين پيراڻي وسي چوندا آهن. اتي سندس حويلي ۾ پوکيل نم جو وڻ اجا تائين موجود بينو آهي. مگر کيس اهو ڳوٺ بہ راس نہ آيو. اتان لڏي سيري پرسان اچي وينو. اتي ٻيا ماڻهو بہ لڏي اچي وينا ائين ڳوٺ وڏي سيري سان شامل ٿي ويو ۽ يڪو سيري سڏجڻ لڳو.

پاڻ اتي ئي وفات کيائين. سندس بہ گهرواريون ۽ ست پٽ هئا. آخري وقت ۾ سائين مخدوم امين محمد پکن ڏٺي کان بہ ذکر ورتو هئائين.

## پير ميان محمد شاه ﷫:

هي پير، ميان پاون علي شاه جي ٻي گهر مان وڏو فرزند هو. پيءُ جي وفات وقت ٽن سالن جي عمر جو هو. سندس ننڍو سڳو ڀاءُ ميان محمد علي هڪ سال جو هو. گهر ۾ اٽبٽت سبب سندن ماءُ ننڍن ٻارن کي وٺي، سيري مان لڏي اچي دڙي تعلقہ بنوري ۾ شورن مريدن ۾ وينٿي. جڏهن ڇوکرا وڏا جوان ٿيا تہ لڏي اچي اباڻي پٽ

لاکي لطف الله درگاه تي وينا. ٻنهين ڀائرن ماءُ جي مائٽن لاکن مان شادي ڪيائون. جڏهن اولادي ٿيا ته ننڍو ڀاءُ حاجي محمد علي ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ لڏي اچي جهرڪ شهر ۾ ويٺو.

مياں محمد شاه مڙسي وارو ۽ هلندي پچندي وارو ماڻهو هو. مخدوم محمد زمان "سرڪار" دستار چوڏهين سان دست بيعت ٿيل هو. شايد انهي ڪري مرشدجا اوساڻ منجهس وديعت ٿيل هئا. هن درگاه پرسان پنهنجو ڳوٺ ٻڌي چڪ تي چاڙاهيو. درگاه لاکو لطف الله جو مقام به سرڪاري چڪ تي چاڙاهي پڪو قبرستان ڪيائين جيڪو 82 ايڪڙن تي مشتعمل آهي. ڳوٺ جي پاسي ۾ جيڪا سروي زمين هئي. اها خريد ڪري ورتائين. جيڪا سرڪاري زمين هئي، اها يڪ ساله ۽ پنج ساله ڪنيائين.

هن وٽ مال تمام گهڻو هوندو هو. ڪير مکڻ کوڙ لڳا پيا هوندا هئا. چون ٿا ته رڳو گيهه ۽ مکڻ جون به به ديڳيون ڀريون پيون هونديون هيون. پر وڪڻندو تولو به ڪونه هو. وڏو مهمان خانو هلندوپيو هو. مريد خادم آيو ويو سوالي موالي پيا کائيندا کڻندا هئا. سندس دعا ۾ تاثير هوندو هو ڀاڻ اميري فقيري گڏ هلائي، پوپان ٿي فرزند ڇڏي رحلت ڪري ويا. کيس درگاه اندر دفن ڪيو ويو. درگاه اندر ٻيون ڇهه قبرون سجاده نشينن جون آهن. صرف هي قبر غير سجاده جي آهي.

## پير پاون شاه ثاني ﷫:

هي پير ميان محمد شاه جووڏو فرزند هو. غالباً 1876ع ۾ جهرڪن ۾ پيدا ٿيا. ان وقت جهرڪ شهر اوج تي هو. ضلع هيڊ ڪواٽر هئڻ سان گڏ سنڌ جو واحد ٽي بي سينٽر ۽ ويم گهر به موجود هو.

سر آغا خان محمد شاه جو والد، قائداعظم محمد علي جناح جو والد، عيسيٰ خواجہ بنوري واري جو والد سيٺ جعفر خواجہ جو پيءُ بہ ان وقت جھرڪن جي شهر ۾ ويٺا هئا.

اسپتال جي سهوليت سبب ميان محمد شاه وارا بہ اتي ويا تہ ننڍڙو ياوَن شاه اتي ڄائو.

عجيب اتفاق آهي جو انهيءَ سال يعني 1876ع تي جهرڪن جي ٺي شهر ۾ دنيا جون بہ مڃيل ۽ ممتاز هستيون پيدا ٿيون يعني سر آغا خان ۽ قائداعظم ،جن ٻنهين جي ڪوشش سان پاڪستان معروض وجود ۾ آيو.

اها بلڪل پڪي شاهدين سان ڳالهہ آهي. ڪمشنر مسرور حسن اهو اسڪول جو رڪارڊ ڪٽي غائب ڪري ڇڏيو. پوءِ حڪومت ڦيرو ڏئي انهن جو جنم ٻئي هنڌ ڄاڻايو.

بهرحال انهيءَ سال ٿي عظيم شخصيت پير ميان ياوَن شاه پيدا ٿيو جيڪو پنهنجي نوعيت جو يگانو انسان ٿي گذريو آهي. هي بزرگ انسان اميرن ۾ امير ۽ فقيرن ۾ فقير هو.

پاڻ نهايت قابل حڪيم، زبردست ڪيمياگر، سنياسي، زرگر هئا. اُن سان گڏ سونارڪو واڍڪو. لوهارڪو هنر بہ چڱو ڄاڻندا هئا. پاڻ هي هنر ڪنهن بہ استاد وٽان ڪونہ سکيا هئا. نہ وري هنن هنرن کي پيشہ ور روزگار جو ذريعو بنايائون. تمام توڪلي ماڻهو هئا. اڄ جي روزي صبحاڻي لاءِ بچائي نہ رکندا هئا. سخي بہ حد درجي جا هئا. دنيا کي ڌوڙ سمجهندا هئا. جواني جي وقت ۾ هڪ دفعو لاڪي پير جي اسٽاپ تي مانيءَ جي هوٽل لڳائڻ جو شوق ڪيائين. ٿي ڏيگيون وڪٽي هوٽل جو سيڌو سامان وٺي آيا. نوڪرن کي چيائين تہ پهرين ڏينهن هوٽل ۾ خير هلايو. نوڪرن ايئن ڪيو جيڪو آيو مفت ماني کائي ويو. ٻي ڏينهن وري ٻيا

ماڻهو آيا. چي سائين ڪالهہ اسان کي تنهنجي خير جي خبر ڪونہ پئي، تنهن ڪري اج آيا آهيون پاڻ بي ڏينهن بہ خيراتي ماني هلايائون، ٽي ڏينهن وري ٽيان ماڻهو آيا. انهن چيو سائين اسان کي خير جي اج خبر پهتي آهي. ان ڪري اج آيا آهيون. پاڻ ٽي ڏينهن ٽي بہ هوٽل ٽي خيراتي ماني هلايائون. بس ٽي ڏينهن ٽي شام جو هوٽل جو سڀ سِيڌو سامان ختم ٿي ويو. خالي ديڳڙا ۽ ٿانءَ ٿڦا ڪٺي اچي گهر رکي ڇڏيائين.

هڪ دفعي هڪ پير، سيال پاءُ وٽس مهمان ٿي آيو. وٽس گهر ۾ ڪجهہ ڪونہ هو. نوڪر کي چيائين تہ فلاڻي ماڻهو وٽ پنهنجو پاڏو بينو آهي. اهو ڪاهي اچ تہ وڪڻي سامان سڙو وٺون. نوڪر پاڏو ڪاهي آيو. پاڏو بہ اڍائي سالن جو متارو ناهوڪو هو. مهمان پير ڏسي چيو چاچا، پاڏو تہ واهہ جو متارو آهي. هن جو گوشت ڪائڻ جهڙو آهي. پاڻ چيائين تہ پائيتا پوءِ پاڻ کهي کائون ٿا. مهمان پير چيو تہ ايڏي وڏي پاڏي کي پاڻ کهي کيڏانهن کنداسين. پيو تہ گهر ۾ اٽو بہ ڪونہ آهي اوهان وڪڻي اٽو بہ گهرايو ۽ ٻوڙ بہ. چيائين تہ تو چيو تہ کائڻ جهڙو آهي، تہ هاڻي کهي کائينداسين. باقي پاڏي جي ڪل وڪڻي اٽو بہ گهرايون ٿا. ايئن چئي پاڏو ڪهائي وڌائين. گوشت پاڻ بہ کاڌائون ۽ پاڙي وارن کي بہ ورهائي ڏنائون.

چون ٿا تہ انهيءَ دور ۾ چانهہ جو رواج ڪونہ هو. لاڙ سنڌ ۾ صرف ٿي ماڻهو چانهہ جا عادي هئا. هڪ حاجي عبدالرحيم شاه سجاول وارو ٻيو پير حيدر شاه، شاه ڪريم وارو ٽيو ميان پاون شاه، درگاه لاڪي پير وارو. هي تہ سيلاني ماڻهو هوندو هو. تنهن ڪري جتي ويندو هو تہ ڪنڌ چانهہ پنهنجي رکندو هو.

هڪ دفعي جنگشاهي شهر ۾ جهنگلي خاصخيلي وٽ مهمان

تي ويو. اهو غريب ماڻهو هو ان کي تي چار ڪيميائي شيون لکي ڏنائين ته پاساري کان وٺي اچ. انهن مان هڪ قسم جو تيل ڪڍيائين، جيڪو شيشيءَ ۾ بند ڪري رکيائين. جهنگلي جي زال جي پيرن ۾ چاندي جا ورٽا پيا هئا. مائي کي چيائين ته اهي لاهي مون کي ڏي. مائي ورٽا لاهي ڏنا. پاڻ شيشيءَ واري روغن مان ڪک پري ورٽي کي هنيائين ته سڄو سون ٿي پيو. جهنگلي کي چيائين ته هي وڪڻي گهر جو سامان وٺي اچ ۽ منهنجي ڪنڌ چانهه به وٺي اچ. ۽ مائي جا چاندي جا ورٽا به آڻج. جهنگلي کي پروسو هيو سو ائين ڪيائين. هاڻي دل ۾ اها لالچ ٿيس ته سائين وٽ سڄي شيشي روغن جي پريل آهي. هن مان جيڪڏهن سون ناهجي ته مڻ سون جوڙي سگهي ٿو. سائين ملنگ ماڻهو آهي ڪٿي شيشي وڃائي ڇڏيندو پلي رات جو سمهي ته ڪوٺ جي کيسي مان ڪڍي لڪائي ڇڏيندس.

سياري جي موسم هئي، سيئي رات جو مچ تي ويٺا هئا. ميان صاحب روغن جي شيشي ڪڍي هٿ ۾ جهلي، پوءِ ڊڪڻ لاهي مچ جي ڦلهار ۾ اونڌي ڪري هاري ڇڏيائين. جهنگلي ۽ جوڻس کان رڙ نڪري ويئي، چي سائين هي تو ڇا ڪيو؟ چيائين ابا پاڻ کي جيتري ضرورت هئي،اوترو ڪم آندو سون. باقي کي ڇا ڪنداسين ۽ وري به ضرورت پئي ته الله وڏو آهي اهو ڏيندو.

هڪ دفعي لس ڏانهن ، حب ندي جي ڪناري تي، ڪنهن مريد جي سهاري اوتارو اڏي وڃي ويٺو. ڇهه مهينا گذري ويس. اتي سڪا ناهيندو هو. به ٽي همراه ڪم تي هيس. مگر ايترا پئسا ناهيندو هو. جيڪي روز خرچ تي ويندا هئا. ڇهن مهينن کان پوءِ سندس ننڍي ڀاءُ ميان ڪڪي ڳولي وڃي هٿ ڪيس. ان چيس ته ڳوٺ موٽي هل، اڪيلائي لڳي پئي آهي. چيائين ته ها هلون ٿا.

پر بہ ٿي ڏينهن ترس تہ ايترا پئسا ناهيون جو ياڙو ڪري هلي پهچون. ايتري ۾ سندس ماڻهن مان هڪڙي چيو تہ سائين! مون روز هڪ هڪ رپيو گڏ ڪري ڪجهہ پئسا لڪائي رکيا آهن. انهن مان پنهنجو ياڙو خرچ ٿي ويندو. بس ائين اتڪل سٽڪل ڪري اچي ڳوٺ پهتا.

سندس دعا، پٽ ۽ دوا سڀ هلندي هئي. نماز جو پابند هو. سائين پرو جامرع سائين غلام محمد کان ذڪر ورتو هئائون.

جيئن تہ پاڻ اڪثر سفر ۾ گذاريندا هئا.هڪ دفعي ساڪري طرف ويا. اتي ليٽ مڪان جي ويجهو سنہ 1944ع ۾ وفات ڪيائون اتي ئي مدفن آهن. اتي مريدن مٿس چوڪنڊي اڏي ڇڏي آهي. هر سال رجب مهيني جي ٻي سومر تي ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي.

## پير ميان تقي محمد عرف ميون ڪڪو رحمة الله عليه :

هي پير ميان محمد شاه جو ننڍو پٽ هو. درگاه لاکو پير ڳوٺ ۾ 1879ع ڌاري پيدا ٿيو. نهايت سلڇڻو مانيڻو صوم صلواة جو پابند هو. ٻارن ٻچن ۽ اوڙي پاڙي جي چڱي نموني پرگهور لهندو هو. اگرچہ پاڻ مسڪيني حال ۾ گذاريندو هو. تڏهن بہ ياڻيچاري جو سچو ۽ اڇڻ وڃڻ، مرڻي پرڻي جي موقعي تي ننگ پهت جو صحيح هو. سخي بہ ايترو هو جو ڪنهن سوالي کي خالي ڪونہ ڇڏيندو هو. مهمان نوازي بہ سٺي ڪندو هو.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ وٽس هڪ پلو گهوڙو هو. ان جا سنج بہ ٻہ ڳئون وڪڻي ورتا هئائين. ان کي پلاڻي ڪيڏانهن ويو ٿي تہ ايتري ۾ ٻاهر سڏ ٿيو. گهوڙي جو لغام هٿ ۾ ڪري ٻاهر نڪتو تہ همراه مليس. ان پنهنجو احوال ٻڌايو تہ سادات آهيان. مسڪيني جي ڪري پنهنجي نياڻيءَ جو ٻار نٿو لاهي سگهان. ان

لاءِ اوهان ڪجهه مدد ڪريو. پاڻ اها حقيقت ٻڌي، گهوڙي جي واڳ سيد جي هٿ ۾ ڏني ۽ چيائين ته مون وٽ جيڪو هيو آهي، سوئي اوهان کي ڏيان ٿو. اوهان ان کي وڪڻي پنهنجي ضرورت پوري ڪريو. ان وقت وٽس باقي هڪ مينهن هئي، ٻيو ڪجهه ڪونه هو.

پاڻ 1942ع ۾ ٻني پرسان اٿلشاه ۾ رحلت ڪيائون. لاکي پير جي درگاه اڳيان آرامي آهن. پويان ٽي پٽ ٽي نياٽيون ڇڏيائون.

## پير ميان محمد هاشم سيري وارو رحمة الله عليه:

هي پير 1860ع ڌاري سيريءَ ۾ پيدا ٿيو. هن جي پيءُ جو نالو ميان عبدالحفيظ ۽ ڏاڏي جو نالو ميان ياون شاه هو. هي پير فقير تن ۽ توڪلي ماڻهو هو. لوڪ لکا ڪونه ڏيندو هو. اميرن سان اميرٿيو پيو هلندو هو. هن جون ٻه گهر واريون هيون. هڪ ڏاڏي پوٽي جنهن مان اولاد ڪونه ٿيو. ٻي ڄام شوري جي نياڻي، جنهن مان ڇهه پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. ڄام شورو اهو جنهن جي نالي سنڌ يونيورسٽي، ميڊيڪل ڪاليج، ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ بئريج ۽ ٻيو ڪجهه آهي. هاڻي ته ضلع به ٿيو آهي.

پير صاحب توڪلي اهڙو جوهڪ دفعي پڪين جاين ٺاهڻ جو ارادو ڪيائين ته توڪل ڪري، ان ۾ هٿ وڌائين، حالانڪ پاڻ ڳالهه ڪندو هو ته ان وقت منهنجي کيسي ۾ صرف پنج روپيا پيل هئا. پر الله تي ڀروسو ڪري ڪم ڪري وڃي پار پيو. شاندار جايون ٺهي راس ٿيون. مريد خادم گهڻي عزت ڪندا هئا. مهمان نواز چڱو هو. غالباً 1932ع ڌاري رحلت ڪيائين. سندس مزار گنجي ٽڪر تي ميان وٽن جي مقام ۾ آهي.

# لاکي پير رحمة الله عليه جي آباؤ اجداد جو مختصر احوال

هونئن تہ آدم عليه السلام، نوح نجي الله، ابراهيم خليل الله ۽ اسماعيل ذبيح الله بہ سندس وڏڙن ۾ شمار ٿين ٿا. پر اسان طوالت جي خوف کان حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه کان مختصر احوال شروع ڪيون ٿا.

حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه نسب ۾ ڇهين پيڙهيءَ ۾ حضرت محمد رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم سان ملن ٿا. پاڻ مردن ۾ سڀن کان اڳ ۾ اسلام قبول ڪيائون. اسلام کان اڳ ۾ پاڻ سٺي اخلاق جا مالڪ هيا. نہ ڪڏهن شراب پيتائون ۽ نہ ڪڏهن بتن جي پوڄا ڪيائون. پاڻ اسلام کان اڳ ۾ بہ نبي سائين جا دوست هيا ۽ پوءِ بہ خاص رفيق رهيا. عرب جا مالدار واپاري هيا. مگر اسلام ۾ اچڻ کان پوءِ سموري دولت حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم تان نڇاور ڪري ڇڏيائون. انهي ڪري ئي پاڻ ڪريمن فرمايو تہ سڀني جا احسان مون لاهي ڇڏيا آهن فقط ابوبکر رضي الله عنه جو احسان نہ لاهي سگهيو آهيان. ان جو بدلو الله رب العزت کين عطا ڪندو. بيو فرمايائون تہ مون ابوبکر کي حبيب بنائڻ گهريو ٿي، پر الله تعاليٰ وري مون کي پنهنجو حبيب بنائي ڇڏيو.

رسولِ ربّ صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو تہ پوري امت جو ايمان هڪ پاسي ڪجي ۽ ابوبکر رضي الله عنه جو ايمان ٻئي پاسي ڪجي تہ ابوبکر جو

ايمان زياده آهي.

پاڻ ﷺ پنهنجي آخري علالت جي وقت ۾ حضرت ابوبڪر صديق ﷜ کي پنهنجو خليفو چونڊي ڇڏيو هئائون. سندن موجودگيءَ ۾ سندس حڪم سان حضرت ابوبڪر صديق ﷜ سترهن نمازن جي امامت فرمائي. بلڪ هڪ نماز تہ سندن امامت ۾ پاڻ بہ پڙهيائون. حضرت ابوبڪر صديق ﷜ پوئتي هٽڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر پاڻ صلعم جن ڪيس هٿ سان جهلي روڪي بيهاري ڇڏيو.

وفات بعد پاڻ آنحضرت ﷺ جي پاسي ۾ مدفن ڪيا ويا. سندس پاسي ۾ وري حضرت عمر ﷜ کي دفن ڪيو ويو. ان ڪري حضرت ابوبڪر ﷜ جي قبر ٻنهين يارن جي وچ تي ٿي ويئي. مزي جي ڳالهہ تہ ٽنهين هستين جي عمر هڪ جيتري 63 سال آهي. حضرت ابوبڪر صديق ﷜ جي پٽ مان لکين ولي الله پيدا ٿيا ۽ ٿين پيا.

## حضرت عبدالرحمٰن ﷜:

هي بزرگ حضرت ابوبڪر صديق ﷜ جو جليل القدر فرزند هو. هن جو پيءُ ڏاڏو پاڻ ۽ سندس پٽ. چار پريون رسول اڪرم ﷺ جا اصحابي هيا. شايد اهڙو رتبو ڪنهن ٻي اصحابي کي نہ هجي. جڏهن يزيد خلافت جي مسند تي وينو تڏهن پنج ماڻهو اهڙ اهئا جن يزيد جي بيعت قبول نہ ڪئي. اهي هئا امام حسين ؑ حضرت عبدالرحمٰن ﷜، حضرت عبدالله بن زبير﷜، حضرت عبدالله بن عباس﷜، حضرت عبدالله بن مسعود ﷜ انهن سڀن ۾ وڏي عمر وارو حضرت عبدالرحمٰن ﷜ هو. آخري وقت ۾ ملڪي حالتون ڏسي، گوشي نشيني اختيار ڪيائون.

## حضرت قاسم ﷛:

حضرت قاسم، حضرت عبدالرحمٰن جو فرزند هو. پاڻ عابد زاهد ۽ ورع جا صاحب هئا. انهيءَ ڪري سندن ڪافي ارادتمند هئا. ايتري قدر جو سني ۽ شيعن جو حضرت امام جعفر صادق ؑ به سندن سلسلہ طريقت ۾ شامل هيو. حضرت قاسم ﷛ متي مائٽي جي لحاظ کان به حضرت امام جعفر صادق ﷛ جو مامون ۽ سهرو به هيو.

سندن طريقت جو سلسلو نقشبندي هيو. جيڪو حضرت ابوبڪر صديق ﷛ کان شروع ٿيو هو. حضرت قاسم ﷛ ان کي ڪافي فروغ بخشيو. ڪتاب لکن ٿا تہ امام حنفي مذهب، ابو حنيفو آخري عمر ۾ جڏهن حضرت امام جعفر صادق ؑ جو مريد ٿيو، تڏهن ماڻهن کي چوندو هو تہ آئون امام جعفر جو مريد نہ ٿيان ها تہ گمراهہ ٿي وڃان ها. (7: ڏسو ضميمو)

## شيخ شهاب الدين سهروردي ﷫:

هي بزرگ سنہ 644هہ ۾ بغداد ۾ پيدا ٿيو. سندن شروعاتي دور ۾ حضرت سيد عبدالقادر جيلاني ﷫ حال حيات هئا. پاڻ ان جي صحبت ۾ بہ ڪجهہ عرصو رهيا. سندس مرشد سندس چاچو ابونجيب سهروردي هيو. وقت جي وڏن مشائخن کان بہ فيض پرايو هئائين. پاڻ عبادتن جي راز ۾ ڪن ابدالن جي صحبت بہ پرائي هيائون. حضرت خضر ؑ جي صحبت ۾ بہ ڪجهہ عرصو رهيو هو.

وقت جو غوث ۽ قطب ٿي گذريو آهي. ڪيترا ڪتاب تصنيف ڪيائين. جن مان عوارف المعارف وڏيڪ مشهور آهي. جيڪو مڪي مڪرم ۾ ويهي لکيو هئائين. اهو ڪتاب ڪيترو

وقت وڏن مدرسن ۾ درسي ڪتاب طور پڙهايو ويندو هو.

وٽس جيڪا فتوحات ايندي هئي اها سڀ خير ڪري ڇڏيندا هئا. شيخ فريد الدين شڪر گنج ﷫ لکيو آهي. تہ آئون چند ڏينهن مرشد زڪريا جي مرشد حضرت شيخ شهاب الدين ﷫ جن جي خدمت اقدس ۾ رهيس. هر روز آئون ڏسندو هوس تہ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ هزار دينار کين نذراني ۾ ملندا هئا. مگر شام تائين پاڻ سڀ خيرات ڪري ڇڏيندا هئا. جناب شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتاني، سندن وڏو مريد ۽ خليفو هو. سهروردي طريقو حضرت شيخ ابو نجيب سهروردي کان شروع ٿيل آهي. ليڪن پاڻ انهيءَ طريقي جو ايڏوفروغ ڪيائون جو ان طريقي جا امام ليکيا وڃن ٿا. سندس پوٽو حضرت شيخ فخر الدين بغداد مان لڏي ڪوٽ ڪروڙ پهتا هئا. (8: ڏسو ضميمو)

## شيخ فخر الدين ڪبير ﷫ :

هي بزرگ حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي ﷫ جو پوٽو هو. عراق جي شهر همدان ۾ پيدا ٿيو. هن جي پيءُ جو نالو شيخ عبدالله هو. پنجن سالن جي عمر ۾ قرآن شريف پڙهڻ شروع ڪيائين. صرف 9 مهينن جي قليل عرصي ۾ قرآن شريف پڙهي حفظ ڪيائين. ان کان پوءِ مختلف علمائن کان پڙهي برک عالم ٿيو. وقت جو ڪامل ولي ۽ اهل الله بزرگ هو.

ان وقت سندس بزرگ ڏاڏي شيخ شهاب الدين جي خليفي غوث بهاءُ الدين زڪريا ملتاني جي وڏي هاڪ ۽ هلندي هئي هي بزرگ بہ عراق مان لڏي اچي ملتان جي پرسان ڪوٽ ڪروڙ ۾ رهيو. ڪي ڪتاب لکن ٿا تہ غوث بهاءُ الدين ﷫ کان ذڪر بہ ورتو هئائين. والله العلم بالصواب. (9: ڏسو ضميمو)

سندس والد بزرگوار شيخ عبدالله رحمة الله عليه جيڪو پڻ خلائق ۾ بزرگي ڪري، زماني جو مرشد ڪامل هو. سندس پوين مان شيخ فخر الدين صغير، ڪوٽ ڪروڙ مان لڏي پاٽ، بوبڪن جي پرسان اچي سڪونت پذير ٿيا.

## شيخ فخر الدين صغير رحمة الله عليه:

سندس شجرو هن طرح آهي. شيخ فخر الدين صغير بن شيخ ابي بڪر ڪتابي شيخ شير الدين بن شيخ سراج الدين بن شيخ وجهہ الدين بن شيخ خير الدين بن شيخ ابو عاصم بن شيخ فخر الدين ڪبير بہ شيخ عبدالله بن شيخ شهاب الدين سهروردي.

هي بزرگ نالي وارو اولياء الله ٿي گذريو آهي. جيئن تہ انبياءَ ۾ اوليا الله اڪثر هجرت ڪندا آهن. ان سنت جي پيروي ڪندي هي بزرگ ڪوٽ ڪروڙ کان هجرت ڪري سيوهڻ ۾ پاٽ پرسان اچي رهيو. هتي وري قلندر شهباز جي سجاده نشين سان سندن لڳ لاڳاپو وڌن کان وڌي هو.

چون ٿا تہ قلندر شهباز دوست هئڻ سان گڏ آخري عمر ۾ غوث بهاءُ الدين ملتاني کان ذڪر ورتو هئائين. غوث بهاءُ الدين وري شيخ شهاب الدين سهروردي جو مريد هو. مشهور آهي تہ شيخ فخر الدين صغير جي قبر قلندر شهباز رحمة الله عليه جي مزار جي پرسان آهي. (10: ڏسو ضميمو)

## شيخ فخر الدين صغير ثاني رحمة الله عليه:

هن بزرگ جو شجرو هن طرح آهي. شيخ فخر الدين بن شيخ عز الدين بن شيخ اسماعيل بن شيخ برهان بن مير پير بن شيخ عبدالوهاب بن شيخ فخر الدين صغير اول. حسن اتفاق اهو آهي جو شيخ شهاب الدين جي اولاد مان هي ٽيون فخر الدين صغير

ثاني آهي جو بوبڪن مان هجرت ڪري هالڪنڊي جي پرسان ٺوڙ ڳوٺ ۾ اچي مقيم ٿيو. هڪڙو فخر الدين همدان مان لڏي ڪوٽ ڪروڙ ۾ آباد ٿيو. پيو فخر الدين ڪوٽ ڪروڙ مان هجرت ڪري بوبڪن ۾ آيو. ٿيون فخر الدين بوبڪن مان اچي ٺوڙي ڳوٺ ۾ رهيو. هن جو مدفن به اتي ٿيو. مگر درياءُ پائڻ ڪري اتان نعش ڪڍي، پهرين پراڻا هالا، پوءِ نوان هالا ۾ دفنايو ويو. هن جون ڪانيون ڪرامتون ڏسي، علائقي جي لاکن، سومرن، سمن، هالن ۽ مختلف ماڻهن بيعت ڪري سندس حلقہ ارادت ۾ آيا.

سندس پٽ شيخ شهاب الدين ثاني ٿيو. ان جو پٽ شيخ اسحاق ٿيو. ان جو پٽ شيخ نعمت الله ٿيو. ان جو پٽ مخدوم نوح هو.

## مخدوم نعمت الله رحمة الله عليه :

هي بزرگ شيخ محمد اسحاق جي گهر ۾ پيدا ٿيو. نهايت بااخلاق ۽ باوقار شخصيت جو مالڪ هو. حسين هئڻ سان گڏ هن جي نراڙ ۾ هڪ نور پيو چمڪندو هو. جنهن ڪري ڪيترين معزز ۽ معتبر گهراڻن جي عورتن کي اها خواهش رهندي هئي ته مخدوم صاحب اسان سان نڪاح ڪري، مگر اها سعادت بيبي سڪينا رحہ کي نصيب ٿي، جيڪا ذات جي انڙ هئي. سندس پيءُ جو نالو محمد امين انڙ هو. هن جي مبارڪ بطن مان، جناب غوث الحق مخدوم نوح لطف الله سرور هالائي رحمة الله عليه پيدا ٿيو. جبڪو چمندي جام هو. جنهن دين اسلام کي تجديد عطا ڪئي.

مخدوم نعمت الله جي نراڙ ۾ نور به اهوئي هو.

## حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه

هي زماني جو قطب مخدوم نعمت الله رحمة الله عليه جي گهر ۾ سنہ

911ھہ ۾ پيدا ٿيو.

سندس نالو لطف الله رکيو ويو. مگر هڪ مجذوب فقير جي وصيعت ڪري کيس نوح بہ سڏيو ويندو هو. پاڻ چوندا هئا تہ آسمان تي بہ منهنجو نالو نوح ورتو ويجي ٿو.

پاڻ مادر زاد ولي الله هئا. جمندي سر سجدي ۾ رکيو هئائون ۽ ڪلمون شريف پڙهيو هئائون. پاڻ ظاهري طرح استاد وٽ قرآن شريف جا پنجويهہ پاره پڙهيا هئائون. مگر سڌو حضور جن ﷺ کان فيض حاصل ڪيو هيائون.

حديقة اولياءَ جو مصنف سيد عبدالقادر ﷫ لکي ٿو تہ حضرت مخدوم نوح ﷫ جن فرمايو تہ "هي فقير اجان بلوغت کي نہ پهتو هو تہ ستن هزارن نور و ظلمات جي پردن کان لنگهي ويس ۽ بلوغت کي پهتس تہ موتو اقبل ان تموتوا جو سادو راز کلي پيو. چوڏهن سالن جي جمار کي پهتس تہ حضرت عيسيٰ ؑ ۽ حضرت محمد رسول الله ﷺ جن جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو ۽ حضرت ابوبڪر صديق ؓ ۽ حضرت علي ؓ جي فيض کان مشرف ٿيس."

حضور نبي ڪريم ﷺ جن کيس چار علم عطا ڪيا، هڪ ذڪر جي تلقين سمجهاڻي ۽ اجازت 2_ قرآن شريفجي معنيٰ ۽ ان جي تفسير جو علم، 3_ حديث پاڪ ۽ ان جي تشريح جو علم، 4_ خوابن جي تعبير جو علم.

پاڻ تحقيق سان ڏهين صدي هجري جا مجدد هئا. جو حديث پاڪ ۾ اچي ٿو تہ "بيشڪ الله تعاليٰ هن امت جي هدايت لاءِ سيپ ڪنهن صدي جي شروع ۾ هڪ اهڙي مرد کي موڪليندو آهي جو امت لاءِ دين کي سڌاريندو آهي. پاڻ برصغير ۾ ڪافي دين جو سڌارو ڪيائون. ساري هندو پاڪ ۾ سندن عقيدت مند پکڙيل

آهن. سنڌ ۾ تہ ايترا معتقد موجود آهن جو شايد ڪنهن ٻئي پير جا نہ هجن. سندس ٻارهن پٽ ۽ ٻتيهہ پوٽا هئا، جيڪي سڀ جا سڀ ڪامل ولي ۽ هدايت جا صاحب هئا. ڏيڍ سؤ جي قريب خلفائي رشد هئا. اڄين سندن فيض جو درياءُ روان دوان هو ۽ آهي.

حضرت مخدوم سرور نوح رحمة الله عليه جو ظاهري مرشد ڪونہ هو. مگر سندن وڏن جو طريقو سهروردي هو. ان ڪري پاڻ سهروردي اويسي سڏجن ٿا. سندس مقالات لکڻ لاءِ دفتر گهرجن، مگر هتي گنجائش نہ هئڻ ڪري اڪتفا ڪجي ٿي.

سندس چار سرڪرده خليفا سيد هئا جن جا نالا بہ حسن اتفاق سان حضور نبي ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم جن جي خليفن جهڙا يعني ابوبڪر، عمر، عثمان ۽ علي هئا. سندس جنم 27 رمضان المبارڪ آخري جمع رات پرهہ ڦٽي مهل ٿيو ۽ وفات 27 ذوالقعد سنہ 998هہ جمع جي مبارڪ ڏينهن ٿيو.

هر ماهہ پهرين سومار تي سندسن ڏهاڙو ٿيندو آهي. مگر ساليانو ميلو ذوالحج جي پهرين سومار تي ٿيندو آهي.

## مخدوم امين محمد اول رحمة الله عليه

مخدوم امين محمد اول رحمة الله عليه مخدوم سرور نوح رحمة الله عليه جو ٻيو نمبر وڏو فرزند هو.

وڏو فرزند مخدوم حامد رحمة الله عليه هو. جنهن کي چاليهن ورهن جي عمر ۾ ذڪر جي زياده توجهہ پيءُ جي طرفان ڏيڻ ڪري بيهوشي جي عالم ۾ هليو ويو. ست ڏينهن استغراق جي حالت ۾ رهڻ ڪري، سندس وار وار مان ذڪر جي تنوار هلي پئي، نيٺ انهيءَ حالت ۾ عالم بقا ڏانهن راهي ٿي ويا. انا الله وانا اليه راجعون.

انهيءَ ڪري مخدوم نوح رحمة الله عليه جي دستار مبارڪ سندس

ٻئي نمبر فرزند مخدوم امين محمد رحمة الله عليه تي آئي. پاڻ صاحبِ فضيلت ۽ استقامت ولي الله هئا.

هن بزرگ کي ٻن گهروارين مان اٺ فرزند هئا. لاکو پير لطف الله رحمة الله عليه سندن پنجون نمبر فرزند هو. هن لاکيٽي تي پنهنجي پيءُ لطف الله رحمة الله عليه جو نالو رکيو هيائين.

مخدوم امين محمد رحمة الله عليه جو وڏو فرزند مخدوم ابوالخير رحمة الله عليه هو جيڪو پيءُ کان پوءِ سجاده ٿيو. هالن وارا مخدوم ان جو اولاد آهن. مخدوم امين محمد رحمة الله عليه جو جنم 952هه ۽ وفات 1015هه ۾ ٿي. سندس عمر مبارڪ 63 سال آهي. جيڪا ساڳي حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم، ابوبڪر صديق رضي الله عنه، حضرت عمر رضي الله عنه ۽ حضرت علي رضي الله عنه جي عمر هئي.

مزي جي ڳالهه اها ته مخدوم امين محمد رحمة الله عليه جي جنم سال ۾ اڪبر بادشاهه سنڌ ۾ عمر ڪوٽ ۾ ڄائو ۽ وفات جي سال اڪبر بادشاه جا به دهلي ۾ پساهه پورا ٿيا.

# لاکي پير ﷬ جا ڪجھ همعصر بزرگ

## شاه عبدالڪريم بلڙي وارو ﷬

هي بزرگ شاه عبداللطيف جو پڙڏاڏو هو. حضرت مخدوم نوح ﷬ جي وقت ۾ به هو. ان کان فيض ورتو هيائين. اڃان ننڍو بلوغت کي مس پهتو هو ته مخدوم نوح ﷬ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته دعا گهري هيائين ته ياالله منهنجي ذات هن بزرگ تي ظاهر نه ڪج ته جيئن آئون سندس خدمت ڪري سگهان. حالانڪ مخدوم نوح ﷬ کي ايترو ڪشف هوندو هو. جو جيڪو سيد صاحب کيس ملڻ ايندو هو ته پري کان ڏسي اٿي بيهي رهندا هئا ۽ ان سان ملندا هئا. پيو ڪو وقت جو حاڪم ايندو هو ته به ان کي ويٺي هٿ ڏيندا هئا.

شاه عبدالڪريم جي دعا جو اثر ٿيو جو مخدوم صاحب کيس سڃاڻي نه سگهيا. شاه ڪريم ٻارهن مهينا سرور نوح ﷬ جي بي لوث خدمت ڪئي. ان کان پوءِ فيض جي التجا ڪيائين مخدوم نوح ﷬ جڏهن هن ڏانهن خاص توجهه ڪيو ته کيس سڃاڻي ورتائين. بس پوءِ ته ڀاڪرن ۾ ڪٽي ورتائين ۽ مٿس فيض جي ڀالوٽ ڪري ڏنائين. خدمت گاري جا سڀ ڪم مٿانئس لاهي ڇڏيائين. خاص مقربن ۾ مقرر ڪيائين.

آخر شاه صاحب لاڙ سنڌ ۾ سڪونت پذير ٿيڻ جو ارادو

ڏيکاريو. جنهن جي کيس موڪل ڏني وئي. پاڻ عرض ڪيائون تہ قبلہ لاڙ سنڌ ۾ اوهان جي وڏي جماعت رهي ٿي. ان لاءِ اوهان پنهنجو هڪ صاحبزادو ڏيو تہ ان سان آئون گڏجي اتي وڃي رهان، جماعت کي ويجهو رهي رشد هدايت ڏيون. حضرت سرور نوح ﷺ کي بہ اها ڳالهہ وڻي. سو پنهنجن سڀن فرزندن کي سڏي پڇيائون تہ اوهان مان ڪير مئين شاه ڪريم سان گڏجي وڃي لاڙ ۾ رهندو؟ سڀن ۾ جيڪو ننڍو فرزند ميون ابراهيم ﷺ هو. ان چيو قبلہ آئون ويندس. مخدوم نوح ﷺ جو هي ننڍڙو ۽ دادلو پٽ هو. ان ڪري ان جي مرضي هئي تہ ٻيو ڪو پٽ راضي ٿي وڃي تہ بهتر. سوٽي دفعا اهڙي پڇا ڪيائون مگر ٽئي دفعا مخدوم ابراهيم اهڙي هام ڀري. بس پوءِ ان کي ئي موڪل ڏنائين.

شاهہ ڪريم بلڙي واري پٽ تي ڳوٺ ٻڏي اچي ويٺو. ميون ابراهيم ڪجهہ وقت ساڻس گڏ رهي پوءِ بلڙي کان بہ ميل پري اولهہ طرف پنهنجو آستان ٺاهي اچي ويٺو.

شاه ڪريم وري پنهنجو ننڍو ڀاءُ سيد جلال شاهہ مئين ابراهيم (سلطان پير) جي حوالي ڪيو. جيڪو ان سان گڏ اتي رهيو ۽ وفات کان پوءِ بہ اتي سلطان پير جي مقام ۾ مدفن ٿيل آهي. مٿيون احوال ڪتابي نہ آهي مگر وڏڙن کان سينہ بہ سينہ ٻڌندا اچون. ان ڪري هتي قلمبند ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي ورنہ شاه ڪريم بلڙي واري جو ڪافي احوال ڪتابن ۾ موجود آهي. جيڪو لکجي تہ ڌار ڪتاب ٿي سگهي ٿو.

پاڻ سنڌ جي اوائلي شاعرن مان آهن. سندس شعر، مقولا ۽ ملفوظات، بيان العارفين ڪتاب ۾ جمع ٿيل آهن.

وقت جو جنگ اولياءَ هو حد درجي جو صابرين ۽ سادو انسان هو. سندس مريد ۽ معتقدين جو وڏو سلسلو آهي.

شاه ڪريم جو جنم 944هہ آهي. ان وقت مخدوم نوح ﷫ جي عمر مبارڪ 33 سال هئي. شاه عبدالڪريم ﷫ جي وفات 1032هہ ۾ ٿي، ان وقت لاکي پير لطف الله جي عمر 33 سال هئي.

هنن بزرگن جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي يا نہ؟ ان بابت تذڪرو ڪتان ملي ڪونہ ٿو. مگر ڏسجي ٿو تہ سندس ننڍو چاچو ميان ابراهيم سلطان پير، مٽين شاه ڪريم سان گڏ رهندو هو. هڪ ٻين کي ويجهو بہ رهندا هئا. صرف وچ مان درياءَ وهندو هو. پوءِ ڪيئن نہ مليا هوندا! بلڪ هنن جو روحاني رهاڻيون بہ ٿيون هونديون.

شاه عبدالڪريم ﷫ جو مقبرو شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ نهرايو. سندس ساليانو ميلو 7 ذوالقعد تي لڳندو آهي. انهيءَ ساڳي تاريخ تي ميان ابراهيم جو ميلو بہ لڳندو آهي.

## مخدوم ابراهيم (ادهم ثاني) عرف سلطان پير﷫
## ملقب دلبر سائين

سلطان پير جو اصل نالو مخدوم ابراهيم آهي. مگر سلطان ابراهيم ادهم جهڙيون خصلتون هئڻ ڪري ڪيس ابراهيم ادهم ثاني ۽ سلطان پير بہ چوندا هئا.

ڪتابن ۾ پاڻ مخدوم سرور نوح جو پنجون نمبر فرزند ڄاڻايل آهي. مگر لڳي ٿو تہ پاڻ ٻارهن پٽن مان سڀ کان ننڍا پٽ هئا. اڪثر ڪري مائٽن جو سڀ کان ننڍي اولاد تي هيج ۽ پيار گهڻو هوندو آهي. ان ڪري هن کي دلبر سائين بہ چيو ويندو هو. اڪثر پيءُ جي قريب رهندو هو.

جڏهن شاه ڪريم لاڙ جماعت لاءِ مخدوم نوح ﷫ کان هڪ فرزند جي گهر ڪئي. تڏهن مخدوم صاحب پنهنجي سين پٽن

کي سڏايو ۽ پڇيو تہ ڪير آهي. جيڪو شاه صاحب سان گڏ لاڙ وڃي رهندو. تہ سڀ پٽ خاموش ٿي ويا. صرف دلبر پير پيءُ جي خاطر وڻڻ لاءِ اٿي بيٺو. مگر مخدوم صاحب بہ هن کي پاڻ کان جدا ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. ان ڪري وري بيو پيرو ۽ ٽيون دفعو پڇيائين. مگر هر ڀيري دلبر پير ئي اٿي ٿي بيٺو. ان ڪري ان کي ئي موڪل ڏنائين.

ان جو اهو مطلب ڪونهي تہ ٻين پٽن نافرماني ڪئي، بلڪ ٻين جو اهو خيال هو تہ پاڻ جنهن کي بہ حڪم ڪن تہ اهوئي وڃي.

سلطان پير نماز هميشہ باجماعت ادا ڪندا هئا. پنهنجي زندگي جو گهڻو حصو مسجد شريف ۾ اعتڪاف جي طور تي گذاريائون. قرآن حڪيم جي قول مطابق "وما خلقت الجن والانس الا ليعبدون" تي ڪاربند رهندي پوري حياتي گذاريائون. گهر ۾ جيڪي هوندو هئن، اهو صبحاڻي لاءِ ڪونہ رکندا هئا. سڀ راهہ خدا ۾ ڏيئي ڇڏيندا هئا. هميشہ ناداري ۽ مفلسي جي حال ۾ گذاريائون.

سندس شادي ميرڻ ڪاتيار جي نياڻي سان ٿي. ساري عمر پيٽ قوت لاءِ دنيا جو ڌنڌو ڪونہ ڪيائون. حالانڪ سندس عيال بہ ماشا الله هو. ان ڪري عموماً فاقي ڪشي جو وقت بہ اچيو ويندو هو. مگر پاڻ سنت نبوي سمجهي برداشت ڪند اهئا. سندس اج بہ مخدوم نوح ﷺ جي هر هڪ پٽ کان وڌيڪ اولاد آهي. انهن کي سلطان پوٽا پير ڪري سڏيو ويندو آهي. اهي سيئي اڪثر ڪري لاڙ سنڌ ۾ آباد آهن. سلطان پير جي مزار بلڙي کان ٽي ڪلوميٽر اولهہ طرف، ڳوٺ خليفہ احمد سمون جي نزديڪ آهي.مٽس چوڪنڊي نهيل آهي جنهن ۾ چوڏهن قبرون آهن. جن مان 13

سجاده نشين آهن. هڪ قبر پير قادر ڏنو ولد پير ميان خدا ڏنو جي آهي.

سيد جلال شاه، جيڪو شاه ڪريم، دلبر پير جي حوالي ڪيو هو. سو به ويجهو سندس مقام ۾ رکيل آهي. ان تي قبو نهيل هو جيڪو هاڻي ڊهي ويو آهي. وري چوڪنڊي ناهي چڙهي اٿن.

سلطان پير ﷬ جي تبرڪات ۾ هڪ گودڙي مبارڪ آهي جيڪا پنهنجي هٿن سان ناهي هيائون. هڪ ڪشتو آهي ۽ هڪ تسبيح آهي. جيڪو نئون سجاده نشين ٿيندو آهي. ان کي مٿيون تبرڪات زيب تن ڪري، پوءِ پڳ ٻڌائي ويندي آهي. هن وقت پاڳارو پير انور شاه آهي.

سلطان پير ﷬ جا ساليانه به ميلا ٿيندا آهن. هڪ شاه ڪريم سان گڏ 7 ذوالقعد تي ٻيو 27 ربيع الاول تي شايد اها سندس وفات جي تاريخ آهي.

7 ذوالقعد واري ميلي تي مخدوم نوح سرور جي ميلي جي هل جا فقير ۽ جهلن جون تاريخون مقرر ڪندا آهن ۽ ميلي تي پنڌ هلڻ جون تياريون ڪندا آهن.

## مخدوم ميان فتح محمد ﷬ (11: ڏسو ضميمو)

هي بزرگ مخدوم امين بن مخدوم نوح ﷬ جو چوٿون نمبر فرزند ليکيو وڃي ٿو. مگر لڳي پهريون يا ٻيو نمبر وڏو فرزند ٿو. چاڪاڻ ته مخدوم نوح ﷬ جي حياتيءَ ۾ هي ايڏو وڏو هو جو ساڻس راز ۽ نياز جون ڳالهيون ڪندو هو. لاکو پير ﷬ سندس ننڍو ڀاءُ هو، مگر ان وقت پيدا به ڪونه ٿيو هو.

اها خبر نٿي پوي ته مخدوم فتح محمد هالن ۾ مدفن آهي يا ٻني شهر جي پاسي ۾. هالن ۾ ننڍي قبي ۾ فتح محمد جو نالو

ڏسجي ٿو. پوءِ خبر نہ آهي اهو آهي يا ٻيو؟ هتي ٻني شهر جي پرسان مولچند ٻيلي جي بند پرسان فتح محمد شاهہ جو مقبرو آهي. جنهن جا متولي ٻني شهر جا عباسي آهن. جيڪي سرور نوح ﷫ جا مريد آهن. انهن جو عام ماڻهن جو چوڻ آهي تہ فتح محمد شاہ لاکي پير ﷫ جو ڀاءُ آهي. ٻنهين ڀائرن جا مقبرا آمهون سامهون آهن، وچ ۾ رڳو درياءَ آهي.

هن تي بہ موچارو ڏهاڙو ٿيندو آهي . اهو بہ ساڳي رجب مهينہ ۾ جنهن ۾ لاکي پير جو بہ عرس ٿيندو آهي.

رسالو فتحي هن بزرگ جو لکيل آهي. جيڪو فارسي ۾ لکيل آهي. ان ۾ مخدوم نوح ﷫ جا ارشادات، آداب، مقولا ۽ ملفوظات درج ٿيل آهن. ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي هو پوءِ خبر نہ آهي ڇپيو يا نہ!

مخدوم سرور عبدالمالڪ ﷫ هن جو فرزند جليل آهي. جيڪو ڪڙئي گنوهر جي ويجهو جنگ اولياءَ آهي. هن جو ساليانو عرس وڏي پيماني تي ٿيندو آهي. شايد سنڌ ۾ ٽيون يا چوٿون نمبر وڏو ميلو هجي.

هن بزرگ جي مريدن جو تمام وسيع حلقو آهي. جيڪي سنڌ پنجاب ۽ هندستان ۾ ڦهليل آهن. پير نواز علي عرف مصري شاهہ پنجاب وارو هن جو سجاده نشين آهي. اڄ وارا پير هن جو اولاد آهن جن ۾ پير ڪنڌل ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. (12: ڏسو ضميمو)

## شاهہ خير الله عرف شاهہ خير الدين ﷫ (13: ڏسو ضميمو)

شاهہ خير الله ﷫ ولد سيد احمد شاهہ سنہ 911ھ ۾ بغداد ۾ ڄائو سندس نسب حضرت سيد عبدالقادر جيلاني ﷫ سان ملي ٿو.

اوائل عمر ۾ بغداد کان مڪي آيو ۽ برابر چوڏهن ورهہ حرمين

۾ رهي علم پرائيندو رهيو. علم کان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ سير و سياحت جي ارادي سان سنڌ ڏانهن نڪري آيو ۽ اچي مخدوم نوح رحمة الله عليه جي صحبت ۾ رهيو. جتان گهڻو ئي فيض ۽ هدايت پرايائين.

پاڻ هميشه چوندو هو تہ مخدوم نوح رحمة الله عليه الله تعاليٰ جي مراد آهي ۽ ٻيا اولياءَ الله تعاليٰ جا مريد آهن.

عرصي کان پوءِ سکر ۾ هڪ ٽڪريءَ تي آستان اڏي، اچي عبادت الاهي ۾ مشغول ٿيو. جتي ڪيترائي ماڻهو اچي سندس مريد ٿيا. مير محمد معصوم بکري جو پوٽو مير محمد زڪريا پڻ سندس معتقد مريد ٿيو. ڪتاب دليل الذاڪرين ۽ پير روضي ڌڻي سيد محمد راشد جي ملفوظات ۾ سندس ڪجهہ مناقب مذڪور آهن. شاهہ خير الدين پوين ڏينهن ۾ ٽڪري تان لهي اچي پراڻي سکر ۾ انهيءَ هنڌ رهيو جتي هينئر سندس مقبرو آهي. اتي ترخان خان دان جا گهر هئا. جيڪي هنن شاهہ صاحب کي نذراني طور ڏئي ڇڏيا، شاه خير الله 27 رمضان سنہ 1027هہ ۾ لاولد وفات ڪئي پاڻ جيتوڻيڪ مخدوم نوح رحمة الله عليه جو همعصر هو. مگر ان کان پوءِ بہ 29 سال حيات هو.

## شيخ مير محمد عرف ميان مير رحمة الله عليه :

ميان مير ولد قاضي سائيڏنو حضرت عمر فاروق رضہ جي اولاد مان هو. دنيا جي ولين جو اڳواڻ ۽ وقت جو قطب هو. سندس ولادت سنہ 957هہ سيوهڻ ۾ ٿي. ست سالن کان مٿي لاهور شهر ۾ رهي. شيخ خضر قادري جو مريد ٿيو. اٺاسي ورهن جي ڄمار ۾ سنہ 1045هہ ۾ وفات ڪري ويو. سندس مقبرو لاهور پرسان هاشم پور ۾ آهي. سندس مريدن مان هڪ وڏي جماعت خدارسيده ۽

ڪرامتن جا صاحب ٿي گذريا آهن. داراشڪوه بہ سندس مريد هو. سندس حالات تي رسالو لکيو هئائين. شاه جهان بادشاه بہ هن سان بہ دفعا ملڻ ويو هو. بار بار چوندو هو تہ هندستان جي درويشن مان ڪماليت ڪي پهتل فقط بہ ڄڻا ڏٺا اٿم. هڪ ميان مير ٻيو شيخ فضل الله برهانپوري.

ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي تيستائين تلقين نہ ڪندو هو، جيستائين هو دنيا جي شين کان متنفر نہ ٿيندو هو.

سندس والده جو نالو بي بي فاطمه هو. جا سنڌ جي مشهور جيد عالم ۽ اوائلي شاعر قاضي قاضن جي نياڻي هئي، جيڪا پنهنجي وقت جي رابع ثاني هئي. لاهور جي ڇانوڻي واري ريل جي اسٽيشن عام طرح ميان مير جي ريلوي اسٽيشن سڏبي آهي.

## شيخ فاضل شاه قريشي رحمة الله عليه:

شيخ فاضل شاه، بکيرا شريف جي رهاڪن مان هو. شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتاني جي اولاد مان هو. نهايت ڪامل بزرگ ۽ جمالي طبيعت جو مالڪ هو.

سنہ يارهين صدي هجري جي شروعاتي ڏهاڪن جي ڳالهہ آهي تہ بکيرن جي ويجهو پراڻ جي ڪپ تي هڪ آمري جو وڻ بيٺل هو. جيڪو چون ٿا تہ شيخ بهاءُ الدين جي هٿ جو لڳايل هو. ان جي ٿڙ ۾ قدرتي هڪ دري نماء سوراخ هو. ماڻهن جو اهو عقيدو هو تہ چور هن مان لنگهندو تہ ڦاسي پوندو ۽ ٻي ڏوهي هن مان آرام سان لنگهي ويندو. هن آمري تي مخدوم نوح جي کن مريدن قبضو ڪيو هو. تنهن ڪري شيخ جي مريدن جي هڪ جماعت ملتان فريادي وئي. کين خواب ۾ اشارو ٿيو تہ عنقريب اسان جي اولاد مان هڪ ماڻهو اتي پهچي انهيءَ آمري جو قبضو وٺي اوهان کي ڏيندو.

جلد ئي شيخ شهر الله ملتان کان بکيرا شريف پهتو.

مئين شيخ فاضل شاه کي هڪ نياڻي کان سواءِ ٻي اولاد ڪونہ هئي. تنهن ڪري شيخ شهر الله کي پنهنجو فرزند ۽ نياڻو بنايائين. هن بزرگ پنهنجي ڪرامت ۽ نشانيون ڏيکاري آمري ۽ ان جو پٽ پنهنجي سلسلہ وارن مريدن کي وٺائي ڏنو.

هن کي ٻہ فرزند قائم الدين ۽ سراج الدين پيدا ٿيا. قائم الدين کي اولاد ڪونہ ٿيو. هن کي قائم قلندر سڏيو ويجي ٿو. سندس مزار بکيرا شريف ۾ آهي. سراج الدين جو اولاد بکيرا شريف ۾ رهي ٿو. هن جي ڏينهن ۾ شاهہ عنايت صوفي جي شهادت وارو معاملو پيش آيو. جنهن ۾ شيخ سراج الدين، شاه عنايت جي مخالفن جي مدد ڪئي هئي. ياد رهي تہ جڏهن ٺٽي جي نواب، شاه عنايت جي خلاف عالمن ۽ بزرگن کان فتوائون پئي ورتيون. تڏهن هالن جي سجاده نشين، اهو چئي انڪار ڪري ڇڏيو تہ "اسان کي تہ شاه عنايت ۾ ڪابہ خرابي نظر ڪونہ ٿي اچي."

اهڙو اظهار جهوڪ شريف ۾ پاڳاري صوفي عبدالستار پاڻ مخدوم محمد امين فهيم صاحب جي هڪ ڏنل آجياڻي ۾ ڪيو هو.

## شيخ مبارڪ ﷬

شيخ مبارڪ بن شيخ خضر بن شيخ موسيٰ، ريل ضلع دادو جا بزرگ هئا. هي بزرگ عقلي توڙي نقلي علمن ۾ متحر هو. پنهنجي حياتي جا گهڻا ڏينهن اڪبر آباد ۾ گذاريائين. سنہ 911هہ ۾ ريل ۾ ڄائو هو. هڪ سو ويهہ ورهہ جي ڄمار ۾ سنہ 1031هہ وفات ڪيائين. شيخ فياض بخاري ۽ شيخ عمر ٺٽوي جو مريد هو.

شيخ ابوالفضل ۽ ملان فيضي جيڪي اڪبر بادشاه جي نورتن مان هئا. سي هن بزرگ شيخ مبارڪ ﷬ جا ٻئي فرزند هئا.

(14: ڏسو ضميمو)

## درويش ميرڻ ڪاتيار رحمة الله عليه :

هڪ عام ماڻهو هو. هڪ ڏينهن پنگ پئي، پيڙيءَ ۾ چڙهي ڪيڏانهن ويو ٿي. هڪدم الاهي جذبي ۾ بيهوش ٿي ويو. جيڪي ملڻو هوس سو مليس. ماڻهو انهيءَ معرفت جي ڪيفيت ڪانئس پڇندا هئا. پر هو اهو لڪل راز ڪونه کوليندو هو. اوچتو هڪ ڏينهن ڪنهن ماڻهوءَ سان پنهنجو احوال ظاهر ڪري وينو ۽ اها ڪيفيت ڪانئس گم ٿي ويئي. بس پوءِ ته چرين وانگي ڦرندو ڳولا ڪندو وتيو. هڪ دفعي شاهه عبدالڪريم سان ملاقات ٿيس. ان سان حال اورياڻين. شاه ڪريم ڪيس وٺي مخدوم نوح رحمة الله عليه جي خدمت ۾ ويو. رڳو زيارت ڪرڻ سان اڳي کان به وڌيڪ معرفت جي رتبي تي پهتو. پاڻ پنهنجي نياڻيءَ جو سنگ، شاه ڪريم جي چوڻ سان مخدوم ابراهيم بن مخدوم نوح کي ڏنائون.

مخدوم ابراهيم کي انهيءَ مان گهڻوئي اولاد ٿيو. (15: ڏسو ضميمو)

## سيد ساجن سوائي رحمة الله عليه :

اصل مٽيارين جو هو. سندس پيءُ کي خيال ٿيو ته آئون پنهنجي حسب نسب جي پڪ ڪريان، سو ساجن سوائي ننڍڙو هو. ان کي وٺي مخدوم نوح ڏانهن روانو ٿيو جو مشهور هو ته حضرت سرور نوح ، سيد ذات واري کي پري کان سڃاڻي اٿي بيهي پوءِ ملندو آهي. پٺيان اهو سيد پهريون پيرو ملڻ آيو هجي. واٽ تان ڪارڪون به ورتائون. ننڍڙي ساجن ڪيتو ڪيو ته ڪارڪون مون کي ڏيو. پاڻ چيائين ته ڪارڪون مخدوم جي نذراني لاءِ ورتيون اٿم ان کي ڏينداسين. جڏهن اتي پهتا ته مخدوم صاحب اٿي بيهي هنن سان مليو. ڪارڪون جيڪي پاڻ سان آنديون هئائون، سي مخدوم صاحب جي اڳيان پيش ڪيائون. مخدوم صاحب اهي

ڪارڪون. ننيڙي ساجن کي ڏيندي فرمايو. ننيڙي ساجن اوهان کان ڪارڪون گهريون پر اوهان ان کي ڪونہ ڏنيون. پر آئون ڪارڪون ڏيندي دعا ٿو ڪريانس. ساجن سيڻ کان سوائي ٿيندو بس پوءِ تہ سيد صاحب پٺ سوڙو مريد ٿي واپس ٿيو.

تحفة الڪرام ڪتاب وارو لکي ٿو تہ "ساجن سوائي مخدوم نوح جو مريد ۽ پنهنجي وقت ۾ هڪ عمدو مشائخ ٿي گذريو آهي. گهڻي مشهوري ڪري سندس احوال ۽ ڪرامتن جو تفصيل نٿو لکجي سگهجي. سندس درگاهہ خداوارن جي زيارت گاهہ آهي. ۽ سندس زيارت جي برڪت سان حاجتمندن جو حاجتون پوريون ٿين ٿيون. سندس وفات واري ڏينهن هر سال وڏو ميلو لڳندو آهي. جنهن ۾ خريد فروخت لاءِ گهڻي طرفن کان ماڻهو ايندا آهن." نوٽ: اڄڪلهہ بہ سنڌ جي وڏن ميلن مان هڪ ميلو آهي. هن جي مزار ماتلي نزديڪ ۾ آهي. (16: ڏسو ضميمو)

## سيد عبدالله شاه اصحابي ﷬ :(17: ڏسو ضميمو)

هي بزرگ مرزا شاه بيگ ارغون جي ڏينهن سنہ 924هہ ۾ بغداد کان ننگر ٺٽي آيو. بادشاهہ پير ﷬ جي چوڏهين پشت مان آهن. سيد عبدالقادر ثاني جا پوٽا آهن. ٺٽي جي سيڻ بزرگن سان سندس صحبت هئي. ان ڪري سيئي کيس صحابي سڏڻ لڳا.

پاڻ 1060هہ ۾ وفات ڪيائون. لڳي ٿو تہ پاڻ هڪ سؤ سٺ سالن کان بہ وڌيڪ عمر ماڻيائون. ان ڪري مخدوم نوح جا همعصر هوندي لاکي پير ﷬ جا بہ همعصر هئا. سندس مزار تي سدائين سوالين جو ميلو متل آهي.

تحفة الڪرام ۾ سندس ذڪر هن طرح آهي.

سيد منبہ سيد ڪمال سيد شڪر الله جو صحبتي هيو. سچي

حياتي چڙو گذاريائين. گجرات کان نٽي آيو. وفات کان پوءِ قبر ڍهي وئي ٻچ وقت کان سيد حافظ الله گجراتي، شيخ يعقوب ۽ خليفہ ابوالبرڪات کي قبر ظاهر ڪرڻ جو اشارو ڪيائين. ان کان پوءِ آئي وئي کي جيڪو فيض هتان ملي ٿو. تنهن جي بيان جي قلم کي طاقت نہ آهي.

# لاکي پير رحمة الله عليه جي وقت ۾ ڪجهہ تاريخي حالات

جيئن تہ مخدوم نوح رحمة الله عليه جي دور جي پڇاڙي سان ئي لاکي پير رحمة الله عليه جو دور شروع ٿئي ٿو. ان ڪري مخدوم نوح جي وقت ۾ جيڪي حڪمران ٿيا، انهن جا نالا بہ ڏجن ٿا، تہ جيئن تسلسل برقرار رهي.

مخدوم نوح رحمة الله عليه بابر بادشاہ، همايون، شير شاهہ سوري وري همايون ۽ اڪبر بادشاهہ جون هندستان تي حڪومتون ڏٺيون. سنڌ تي سمن جي پڇاڙي، شاہ بيگ ارغون، مرزا شاہ حسن ارغون، مرزا عيسيٰ ترخان، مرزا محمد باقي. مرزا پائنده بيگ، مرزا جاني بيگ جون حڪومتون ڏٺيون هيون. پوري هزار هجري تي جاني بيگ ترخان جي حڪومت ختم ٿي، لاکي پير رحمة الله عليه جو بہ لڳ ڀڳ اهو جنم سال آهي.

سندس وقت ۾ اڪبر بادشاہ، جهان گير، شاهہ جهان، هندستان تي حڪمران ٿي گذريا. اورنگ زيب عالم گير ۽ داراشڪوہ بہ واري جا منتظر هئا.

تڏهن سنڌ تي مغلن جا نواب حڪومت ڪرڻ لڳا هئا. انهن نوابن جي حڪومت جو عرصو هن ريت هو.

1_ مرزا غازي بيگ ترخان سنہ 1009هہ مطابق 1600ع
2_ خسرو خان چرڪس سنہ 1015هہ مطابق سنہ 1606ع

3۔ مرزا رستم بن سلطان حسین سنہ 1023ھ مطابق 1614ع
4۔ مرزا مصطفیٰ خان سنہ 1025ھ مطابق سنہ 1616ع
5۔ شریف خان سنہ 1028ھ مطابق سنہ 1619ع
6۔ مرزا بایزید خان بخاری سنہ 1033ھ مطابق سنہ 1624ع
7۔ مرزا عیسیٰ خان ثانی سنہ 1037ھ مطابق سنہ 1628ع
8۔ میر ابوالبقا امیر خان سنہ 1044ھ مطابق سنہ 1636ع
9۔ مرزا عبدالرزاق معموری سنہ 1049ھ مطابق سنہ 1641ع
10۔ سید ابراھیم سنہ 1055ھ مطابق سنہ 1645ع
11۔ لعل خان سنہ 1057ھ مطابق سنہ 1646ع
12۔ ظفر خان سنہ 1063ھ مطابق سنہ 1652ع
13۔ قباد خان سنہ 1069ھ مطابق سنہ 1658ع
14۔ لشکر خان سنہ 1071ھ مطابق سنہ 1660ع
15۔ غظنفر خان سنہ 1075ھ مطابق سنہ 1664ع
16۔ عزت خان
17۔ ابونصرت خان
18۔ سعادت خان
19۔ خانداد خان
20۔ سرور خان
21۔ مرید خان
22۔ زبردست خان
23۔ حفیظ اللہ خان
24۔ سعد خان
25۔ میر امین الدین
26۔ یوسف خان
27۔ احمد یار خان

28_ سعيد خان
29_ مهين خان
30_ شاڪر خان
31_ خليل خان
32_ عطر خان
33_ مير لطف علي خان
34_ اعظم خان
35_ بائي خان
36_ محمود خان
37_ سيف الله خان
38_ دلبر خان
39_ همت خان
40_ صادق علي خان

# ڪن مشهور نوابن جو احوال

## مرزاغازي بيگ ترخان:

سنہ 999ھ ۾ اڪبر بادشاهہ جي دور حڪومت ۾ نواب عبدالرحيم خان خانان کي سنڌ ڏانهن ڪاهہ ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. ان وقت سنڌ تي مرزا جاني بيگ جي حڪومت هئي. خان خانان جڏهن بکر ۾ آيو تہ ڪنهن بزرگ پيشن گوئي طرح چيس تہ هالڪنڊي ۾ تازو مخدوم نوح ﷬ رحلت فرمائي ويو آهي. جيڪو اڳواڻ اڳ ۾ ان جي فاتح خواني ڪندو فتح ان جي ٿيندي. خان خانان بکر مان سڌو هالڪنڊي پهتو ۽ اچي مخدوم نوح جي فاتح خواني ڪيائين.

مرزا جاني بيگ ان وقت نصرپور ۾ هو. مگر فاتح لاءِ ڪونہ آيو. پورو هڪ سال جنگيون هليون. نيٺ مرزا جاني بيگ کي شڪست آئي. خان خانان هن کي قيد ڪري، اڪبر بادشاه جي دربار ۾ پهتو. اڪبر بادشاه جاني بيگ کي پاڻ وٽ رهايو باقي ٺٽہ سنڌ جي گورنري کيس بخش ڪيائين جيڪا سندس پٽ غازي بيگ ۽ خسرو خان چرڪس جي نظرداري ۾ هلي رهي هئي.

سنہ 1009ھ ۾ جاني بيگ دکن ۾ وفات ڪئي. ان جو مڙهہ ٺٽہ مڪلي ڪٽي آڻي دفن ڪيائون.

هن کان پوءِ سنڌ جي نوابي مڪمل طرح مرزا غازي بيگ جي

حوالي ٿي.

سنہ 1015ھ ۾ اڪبر بادشاه وفات ڪئي. جهان گير تخت نشين ٿيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ غازي بيگ کي دهلي طلب ڪيائين. ان وقت قندهار ۾ سورش هئي. جهان گير بغاوت ختم ڪرڻ لاءِ هن کي اوڏانهن مامور ڪيو. غازي بيگ، قندهار پهچي بغاوت کي ڪچليو. انهيءَ ڪري جهان گير بادشاھ، قندهار جو پرڳڻو بہ هن جي حوالي ڪيو. هي اجان اتي ئي هو تہ ڦوهہ جواني ۾ سنہ 1021ھ ۾ وفات ڪيائين.

پاڻ ادب نواز ۽ سٺو شاعر هو. کيس مڪلي تي آڻي دفن ڪيو ويو. مٿس عاليشان مقبرو ٺهيل آهي.

## خسرو خان چرڪس:

هي نواب بہ ارغون ۽ ترخان گهراڻي وانگي، چنگيز خان جي اولاد مان هو. مرزا باقي بيگ جي ڏينهن ۾ اهم عهدن تي رهيو ۽ مرزا جاني جي وقت ۾ نائب نوابي تي پهتو. مرزا غازي بيگ جي دهلي وڃڻ کان پوءِ ٺٽہ ۾ نواب ٿي رهيو.

وڏي اعتماد وارو امير هو. ڪيترا خير جا ڪم ڪيائين. چون ٿا تہ ٺٽي، مڪلي ۽ شهر جي گرد نواح ۾ هن ٽي سو سٺ مسجدون، مسافر خانا، رانڪون، پليون، کوهہ، تلاءَ ٺهرايا. ٺٽہ شهر ۾ دابگير مسجد اڃان بہ سندس نشانين مان سلامت بيٺل آهي. متقي ۽ پرهيزگار اهڙو هو جو هڪ دفعي- پنهنجي حويلي جي ڇت تي ڪنهن ڪم سانگي چڙهيو تہ پاڙي ۾ رهندڙ ڪنهن عورت تي سندس نظر پئي، جيڪا ان وقت غسل ڪري رهي هئي، هن اها اک ڪڍي ڇڏڻ گهري، جنهن سان عورت تي نظر پئي. پر عالمن کيس منع ڪئي ۽ ان جي ڪفاري لاءِ خير خيرات جو

مشورو ڏنو. پوءِ پاڻ اهي عام ۽ پلي جا ڪم ۾ خير خيراتون ڪيون.
ڪنهن ڪشف جي صاحب کيس فوت ٿيڻ کان پوءِ خواب ۾ ڏسي حال احوال پڇيو. جواب ڏنائين تہ دنيا ۾ جيڪي نيڪي جا ڪم ڪيا هيم، سي سڀ ناءُ نيڪي (ريا) جي باعث منهنجي ڪم ڪونہ آيا. مگر هڪ ڏينهن لکڻ ۾ مشغول هيس تہ هڪڙي مک، مس چوسڻ لاءِ اچي قلم جي مُنهن تي ويٺي. مون قلم کي جهلي ڇڏيو تہ مک اجاري آهي پلي پنهنجي اڃ لاهي، بس انهيءَ جيتامڙي جي دل خوش ڪرڻ جي بدلي ۾ مون کي بخشي ڇڏيائون. هن کي معزول ڪري دهلي گهرايو ويو. اتي وفات ڪيائين. خواجہ اجمير جي مقام ۾ مدفن آهي.

## مرزا عيسيٰ خان ترخان ثاني:

مرزا عيسيٰ اول جي پٽ جان بابا جو فرزند هو. اڪبر بادشاه جي دربار جو امير هو. جهانگير بادشاه جي طرفان ٺٽي سنڌ جو نواب مقرر ٿي آيو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ وري ڪرنال جو گورنر ٿي ويو. مگر سندس رشتو ٺٽي سان رهيو. انهيءَ ڪري ڪرنال مان پٿر تراشي ٺٽي مڪلي موڪليائين. جتي سندس سرپرستي ۾ هڪ عاليشان قبو تيار ڪيو ويو. چون ٿا تہ انهيءَ قبي ناهڻ ۾ ارڙهن سال لڳا. قبي جي چوڌاري قلعي نماءَ ڪوٽ ڏنل آهي. اڄ بہ مڪلي تي هي قبو پهرين نمبر تي آهي. ٻاهرين ملڪ جا سياح هن کي ڏسڻ لاءِ هتي ايندا آهن. سندس وفات کان پوءِ هن قبي ۾ کيس دفن ڪيو ويو.

## نواب مير ابوالبقا امير خان:

مير ابوالبقا ولد نواب قاسم خان نمڪين، سيد گهراڻي مان هو. هي شاهه جهان بادشاهه جي وقت ۾ ٺٽي جو نواب ٿي آيو. هن جي وقت ۾ ٺٽي ۾ شاهه جهان مسجد (سوقبائي). شاهه جهان جي منظوري سان تيار ٿي. هن تي نو لک روپيه خرچ آيو. مير پور بٺوري جو شهر به هن ئي تعمير ڪرايو. سندس رائنڪ مڪلي جي مقام ۾ آهي. سندس ڪيتروئي پويان اولاد آهي. جيڪي ٺٽي ۾ امير خاني سيد سڏبا آهن. هنن مان ڪيترا مشهور ماڻهو ٿي گذريا آهن.

جيئن ته ضياءالدين سيوهڻ جو فوجدار، شمس الدين، ملتفت خان، پنهنجي وقت جو محقق ۽ ولي مير ابوالمڪارم تخلص مشهود ۽ مير عبدالرزاق وغيره.

# لاکي پير جي اولاد مان کي
# موجوده دور جا ماڻهو

**پير محمّد شاه:**

پير محمد شاه ولد محمد جمن ولد محمد شاه سنہ 1920ع ۾ ڳوٺ اٽلشاهہ لڳ ٻنون تعلقہ ميرپور بٺوري ۾ تولد ٿيو.

پاڻ ڏهن سالن جا هئو تہ ملڪ ۾ 1930ع ۾ وبائي بيماري پئي جنهن ۾ سندس ماءُ ۽ پيءُ ٻئي گذاري ويا. سندس بہ ننڍا ڀائر هئا. پاڻ بلڪل فقراڻ طبيعت جا هئو ان ڪري تعليم حاصل ڪري نہ سگهيو.

پير محمد شاهہ طبيعت جو بلڪل سادو سودو انسان هو. مٽس مريدن جو خاص عقيدو هو. سندس دعا ۾ خاص اثر هو ان ڪري اڪثر مريد، معتقد، دعا شفا لاءِ پاڻ سان گڏ وٺي ويندا هئا. پاڻ وڏڙن جي روايتن کي برقرار رکندي ڪافي مهمان نواز پڻ هوندا هئا. سندن چوڻ هوندو هو تہ اڄ جيڪو آهي، اهو پاڻ کائو ۽ پاڙي ۾ ڏئي ڇڏيو باقي صبحاڻي جي روزي رزاق تي آهي.

قبلہ طالب المولىٰ سائين سان سندس والهانہ محبت هئي، سائينجن بہ کيس پيار سان ڏسندا هئا.

هڪ دفعي ڳالهين ڪندي سائين فرمائين تہ محمد شاه اوهان پير شاديون مراديون ڪندا آهيو پر اسان کي دعوت ڇو

ڪونہ ڏيندا آهيو؟ ڇا اسان اوهان جا پائر ڪونہ آهيون؟ محمد شاه چيو تہ قبلہ اسان پير غريب ماڻهو آهيون. ننڍيون شاديون ڪندا آهيون. اوهان بادشاه ماڻهو آهيو ان ڪري اوهان ڪي دعوت ڪونہ ڏيندا آهيون.

طالب المولىٰ سائين فرمايو. ڀلا اهو ٻڌاءِ تہ آئون گهڻيون ديڳيون ڪائيندس. منهنجي لاءِ تہ اڌ ٽيلهي ڪافي آهي، محمد شاه شرمائجي ڪٽي ماٺ ڪئي.

هڪڙي ڀيري سرور نوح ﷺ جو ميلو سخت سياري ۾ ٿيو هو. ميلي ۾ دستور آهي تہ پير، فقير سڀ درگاه تي رهندا آهن. ٻين پيرن سان پنهنجا هنڌ بسترا هئا. پر محمد شاه وٽ ڪو بسترو وغيره ڪونہ هو. پير سڀ ڪليا تہ رات لاءِ محمد شاه ڪي ڪنهن پراڙ جي دن جو ڏس ڏيئي ڇڏيو تہ سيءَ ڪان بچي پوي. شام جو سڀ پير گڏجي بنگلي تي گادي نشين جي حاضري ڀرڻ ويا. ملاقات ڪان پوءِ موڪلائڻ مهل قبلہ طالب المولىٰ سائين محمد شاه ڪي سڏي چيو تہ اوهان درگاه تان حاضري ڀري اناس بنگلي تي اچجو. اتي تنهنجي بستري جو بندوبست ٿيل آهي. ٻاهر نڪتا تہ پيرن چيو تہ محمد شاه الا جي ڪهڙيون ڪنديون مينهون نذرانہ ۾ ٿو ڏئي، جنهن ڪي سائين بنگلي ۾ راهي ٿو. محمد شاه چيو تہ آئون صرف غريب آهيان، ان ڪري سائين نڪتہ نواز آهن. مون ڪي ايرو ڏسي صلاح هنيائون. محمد شاهہ جڏهن درگاه ڪان بنگلي تي آيو تہ ڏٺائين تہ هڪ ڪمري ۾ پير الاهي بخش وزيراعلىٰ سنڌ ترسيو پيو هوءِ ٻئي ڪمري ۾ سندس رهائش جو بندوبست ٿيل هو.

محمد شاه ٻہ شاديون ڪيون، پر ڪيس اولاد ڪونہ ٿيو. اهڙي طرح زندگي گذاري سنہ 1998ع ۾ هن جهان فاني مان رحلت ڪري دارالبقا ڏانهن راهي ٿو.

جو آمرانہ دور هجي چاهي نواز شريف جو سياسي آمرانہ دور هجي پر پاڻ هڪ پل لاءِ پوئتي نہ هٽيا. انهن دورن ۾ مٿس ڪافي سياسي طور تي پريشانيون بہ آيون پر پاڻ پنهنجي اصولن تي قائم رهيا.

اليڪشن جي وقت ۾ ڪافي سياستدان ڪيس ورڪ ڪرڻ لاءِ ونڻ ايندا هئا. انهن ۾ حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان، ڄامشورو ٺٽو بدين، ٿر جا سياستدان شامل هوندا هئا. 1988ع ۾ جڏهن بينظير ڀٽو سنڌ جو دورو ڪري رهي هئي، تہ ان وقت مخدوم صاحب جن، پير محمد هاشم کي بينظير ڀٽو جو سِڪيُورٽي انچارج مقرر ڪيو. پاڻ اها ذميداري بخوبي انجام ڏنائون. محترم بي نظير ڀٽو هن جي ڪم کان ايترو متاثر ٿي جو سنڌس ڪمري ۾ رکيل گلدان مان هڪ گل ڪڍي ڪيس پيٽا ڏنائين ۽ چيائين "پیر صاحب آپ جتنا جسمانی طور پر کمزور ہو، بلکل اسی طرح ذہنی طور مضبوط ہو۔" چاڪاڻ جو پير محمد هاشم ننڍپڻ کان وٺي جسماني طور تي ڪافي ڪمزور نظر ايندا هئا. ليڪن پاڻ جيترا ڪمزور نظر ايندا هئا. اوترا ئي ارادي جا مضبوط ۽ بهادر انسان هوندا هئا. اگرچہ پاڻ زميندار يا پراپرٽي جا ملڪ ڪونہ هئا، مگر فقراء لڌو هئا پر پوءِ بہ هلت اهڙي رکندا هئا جو سڀ ڪو ائين سمجهندو هو تہ هي وڏي اسٽيٽ جو مالڪ آهي. سنڌس ڏيل ۾ زبردست ڏيا رکيل هئي. ٽاٽي تي ماڻهن جو ڪو ڪم ڪار هوندو هو تہ پاڻ ٽاٽي تي ڪونہ ويندو هو. بلڪ ٽاٽي دار گهرائي ڪم ڪار پڌائيندو هو.

هڪ دفعي حيدرآباد شهر ۾ سٽي گيٽ هوٽل ۾ مختيارڪار ۽ تپيدار کي گهرايائون. ڪنهن واقف ڪار جو کاتو تبديل ڪرائڻو هو. لک پڙهہ هلندي بال پين ختم ٿي ويئي، پاڻ ڏهہ روپيہ

ڪڏي مختيار ڪار کي ڏناڻون تہ بازار مان پين وٺي اچ، تپيدار چيو سائين آئون وٺي اچان ٿو. مگر پاڻ قبول نہ ڪيائون چيائون تہ هن جي ذميداري آهي. پلي هي وٺي اچي. مختيار ڪار سندس رعب کان ايترو متاثر ٿيو جو چپ چاپ اٿي وڃي بازار مان پين وٺي آيو.

پير محمد هاشم 9 مارچ 2008ع تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري، آخرت جي سفر تي اسهيا. سندس ڪانڌين جو وڏوانبوه هو. جنهن ۾ هر قِسم جا ماڻهو هئا، سندس غم ۾ هر اک آلي هئي.

انالله وانا عليہ راجعون

## پير علي مير سجاولي:

پير علي مير سنہ 1934ع ۾ ٻني لڳ اٽلشاه ڳوٺ ۾ پير تقي محمد بن محمد شاه جي گهر ۾ تولد ٿيو.

اٺن سالن جو هو تہ والد صاحب وفات ڪئي.

سنڌي فائينل پاس ڪري 1955ع ۾ پرائمري ماستر مقرر ٿيو.

پاڻ بردبار ۽ بهادر هئا انهيءَ ڪري ڪيس سگهوئي پي ٽي الف تنظيم ۾ شامل ڪيو ويو پهريائين تعلقہ صدر پوءِ ضلع صدر چونڊيا ويا. ضلع صدارت تي لڳاتار ڪافي عرصو رهيا.

انهيءَ دوران سندس چوڻ آهي تہ هن ضلعي ۾ ٻہ سؤ اسڪول نوان کولايا ۽ ٽي سؤ کان مٿي ماستر ڀرتي ڪرايا.

ماستر جي حقن ۽ انهن سان ٿيندڙ زيادتين خلاف ڪافي جاکوڙ ڪيائون. ڪنهن بہ آفيسر کي سائين سائين نہ ڪيائين بلڪہ ان جو عيب ان کي مُنهن تي چٽي ڏيندا هئا. انهيءَ ڪري آفيسرن کي هي ڪنڊي وانگر چڀڻ لڳو.

آخرڪار جنرل ضياء جي دور ۾ سيني آفيسرن گڏجي

منصوبو ٺاهي 1982ع ۾ هن کي جبري رٽائر ڪري گهر روانو ڪيائون. 1988ع ۾ جڏهن پي پي جي حڪومت آئي تہ قبلہ طالب المولیٰ جي ڪوشش سان ڪيس پيهر بحال ڪيو ويو.

بحال ٿيڻ شرط پاڻ پيهر پي ٽي الف ۾ سرگرم ٿي ويا. ڪيس پهريائين حيدرآباد ڊويزن جو صدر ۽ بعد ۾ سنڌ جو نائب صدر مقرر ڪيو ويو. ڪيس سنڌ جي صدر ٿيڻ جي آڇ ڪئي وئي مگر پاڻ تقرير خواہ تحرير ۾ گهٽ هئڻ ڪري قبول نہ ڪيائين اهڙي طرح پاڻ پيهر ڏهن سالن تائين، استادن جي خدمت سرانجام ڏيندا رهيا. 1998ع ۾ رٽائر ٿيا.

ڪيس استادن جي خدمت عيوض پي ٽي الف جي تاريخ ۾ سڀ کان وڌيڪ آجياڻا، پيٽا، ۽ شيلڊون ڏنيون ويون. ضلع ٺٽہ جي هر تعلقہ آجياڻو ڏنو. تعلقہ جاتي جي آجياڻي ۾ ايتريون اجرڪون اوڍايون ويون جو سڄي شهر ۾ دوڪانن تي اجرڪون کٽي ويون مگر ڪجهہ استاد اجرڪن وٺڻ کان رهجي ويا. اهڙي طرح ضلعي ليول ۽ سنڌ ليول تي بہ آجياڻا ٿيا.

پاڻ سنڌ ليول تي اليڪشن چيئرمين ٿي اليڪشن بہ ڪرايائون. اڄ تائين سنڌ جا استاد اڳواڻ ڪنهن مسئلي يا اڳواٽي ڪرڻ ۾ اٽڪي پوندا آهن تہ سڏو پير علي مير جو رخ ڪندا آهن، هي انهن جي اختلافن کي بلڪل خوش اسلوبي سان حل ڪري روانو ڪندو آهي.

سندس تنظيمي حوالي کان سواءِ بي بہ ڪافي راهي رسائي آهي. حد درجي جا مهمان نواز آهن. مهمان ايندو آهي تہ دل خوش ٿي ٿيندي اٿس. ان کي وڌيڪ ترسڻ لاءِ پيو منٿون ڪندو. اگرچہ سؤ مهمان هڪ ئي وقت اچي ويندا آهن. تہ بہ سندس دل کي لوڏو ئي ڪونہ ايندو آهي پيو باغ بهار ٿيندو آهي. تنظيمي لحاظ ۾ بي

واسطي ڪري سنڌس دوستي سڄي سنڌ ۾ پکڙيل آهن. پاڻ چوندو آهي ته اگرچه آئون سڄي سنڌ جو دورو ڪريان ته ڪنهن به تعلقي ۾ مونکي هوٽل تي رهڻ جي ضرورت محسوس ڪونه ٿيندي بلڪ اتي ڪونه ڪو واسطيدار موجود هوندو. هتي ڪن دوستن جا نالا ڏجن ٿا. سيد اڪبر شاه دڙو قادر بخش طالباڻي ڪونڙي، گل محمد ميمڻ سجاول، خدا ڏنو سمون ٻيلو رفيق جروار ٽنڊو الهيار انتظار چلگري جيڪب آباد، پير غلام مصطفي سجاول، پير گل محمد شاهبندر رسول بخش قريشي جاتي، پير نواز علي ڪارو چاڻ، رضا محمد پالاري جهمپير، صوفي ڏيئل لاڙڪاڻو رسول بخش درس جهمپير، وغيره.

## پير محمّد عالم سجاولي (مصنف)

آئون پير محمّد عالم ولد تقي محمد 1942ع ۾ اٽلشاهه ۾ تولد ٿيس، اجا ستن مهينن جو هيس ته والد صاحب وفات ڪئي.

ننڍي هوندي کان مانيٽو ۽ ٿورو ڳالهائو آهيان.

مذهبي لاڙو رکندي صوم صلواة جو پابند آهيان. تعليم حاصل ڪرڻ جو خاص شوق هئم. سنڌي فائينل پاس ڪري، انگريزي پڙهي ميٽرڪ پاس ڪيم. ڪلاس ۾ هميشه پهريون نمبر ايندو هئس. ان ڪري ڪڏهن به ڪنهن استاد کان مار نه کاڌم پر غربت جي ڪري وڌيڪ پڙهي نه سگهيس.

پير پير ڏني سجاول واري ماستري جي نوڪري وٺائي ڏني پر آزاد طبيعت هئڻ ڪري هيڊ ماستر سان ڪاوڙجي نوڪري ڇڏي ڏنم.

انگريزي ٽي درجا ٻني ۾ ساقي سجاولي جي زير نظر پڙهيم. اکر چڱا هئڻ ڪري ساقي سجاول، سنڌس لکيل ڪتاب مونکان

اتارائي پريس تي ڏيندو هو. ان ڪري ادب ڏانهن منهنجو لاڙو ٿيو. ايئن ڪتاب لکڻ به شروع ڪيم.

شعر و شاعري به ڪرڻ لڳس. مگر هي سڀ شوق 1958ع کان 1962ع تائين رهيو. گذر سفر جي تنگي ڪري وري ڪاروبار ڏانهن توجهه ٿي ويو. اهو نمونو 2002ع تائين رهيو. وري جڏهن ڇوڪرا وڏا ٿي گهر سنڀالڻ جهڙا ٿيا ته هاڻ ڪجهه ادب ڏانهن توجهه ڏنو آهي. مگر ڪافي عمر اجائي ويئي هلي.

1958ع کان 1962ع تائين ويهه پنج ويهه ڪتاب لکيم، به ٽي اڌورا ڪتاب لکي ڇڏيا هئم. جيڪي هاڻي لکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. ڪتاب لاڪو پير به انهيءَ سلسلي جي ڪڙي آهي، جيڪو هاڻ لکجي تيار ٿيو آهي.

قبله طالب المولي سائين ﷺ جن سان خط و ڪتابت جو سلسله هيو جنهن ۾ ادب متعلق ڪافي همٿايو هئائون.

پاڻ فرمائيندا هئا ته سرور نوح جي اولاد مان صرف آئون ۽ پير علي محمد ادب جي دنيا ۾ آهيون هاڻي پير عالم به آهي. قبله سائين جا ڇاليهه خط مون وٽ آهن. مخدوم سعيد الزمان سان به خط و ڪتابت جو سلسلو هو مگر هاڻي ڪونه ٿوڏسجي. شعر شاعري 1962ع کان وٺي ڇڏي ڏنم. ڪتاب ڇاليهارو کن لکيل آهن. جن مان ٿي ڪنهن زماني ۾ ڇپيا هئا، مگر هاڻي اهي به ڪونه آهن.

# ضميمو

1_ حضرت پير لاڪي لطف الله رح جن جي ولادت ۽ وصال بابت تحقيق ٿيڻ گهرجي. مون ڪتابن ۾ پڙهيو آهي تہ ٻارهين ڏهين صدي هجري جي پوين ٻن ڏهاڪن ۾ تولد ٿيا هئا ۽ آخوند لطف الله بن عبدالله انصاري جا ٿيج شريڪ ڀائر هئا.

2_ منهن جي تحقيق مطابق لاڪي لطف الله رح جي شجري جو ڪجهہ صحيح پيڙهيون هن طرح آهن:

لاڪو لطف الله بن مخدوم محمد امين اول بن مخدوم نوح ﷫ بن نعمت الله. بن اسحاق بن شهاب الدين صفير بن فخر الدين صغير بن برهان الدين اسماعيل بن ظهير الدين بن عبدالوهاب بن فخر الدين اسماعيل بن عبدالله ۽ حضرت ابوبڪر صديق ﷛ جن جو شجري نسب عدنان تائين هن طرح آهي.

حضرت ابوبڪر صديق ﷛ بن ابو قحافه عثمان بن عامر بن عمرو بن ڪعب بن سعد بن تيم بن مرهہ بن ڪعب بن لوئي بن سعد بن تيم بن مره بن ڪعب بن لوي بن غالب بن فهر بن مالڪ بن نضر بن قنانہ بن خزيمہ بن مدرعه بن الياس بن مضربن نزار بن معد بن عدنان.

عدنان کان وٺي حضرت آدم ﷺ تائين نسب ۾ ڪافي اختلاف آهن.

3_ حضرت لاڪي لطف الله جي اولاد تي هي ڪتاب انتهائي اهم دستاويز آهي. مون کي پير محمد هاشم بہ ڪافي احوال ڏنو هو جيڪو مون وٽ موجود آهي ۽ ڪنهن مناسب وقت تي منظرِ عام

تي آڻيو. پير محمد هاشم سيري وارو هن درگاهہ جو پاڳارو هو. عاليٰ حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سائين جن کيس پڳ ٻڌرائي هئي ۽ پير محمد هاشم قبلہ طالب الموليٰ سائين رحمة الله عليه جن جو دست بيعت مريد بہ هو ۽ انتهائي ويجهن شخصيتن مان هو هن وقت سندس پٽ هنن پيرن جو پاڳارو آهي. پير محمد هاشم قبلہ طالب الموليٰ سائين رحمة الله عليه جن وصال کان پوءِ عاليٰ حضرت قبلہ مخدوم محمد امين فهيم سائين جن کان ذڪر ورتو ۽ سڄي حياتي سندن خدمت ۾ رهيو مون سان بہ سندس ڏاڍو سٺو وقت گذريو ۽ حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جي خاندان، خليفن ۽ مريدن بابت تمام گهڻي معلومات ڏنائين پاڻ ٻڌايو هئائين تہ درساڻي چني ۾ رهندڙ جوکيا ۽ ٻيا ڪيترا راڄ سروري جماعت جا مريد آهن. مون حضرت لاڪي لطف الله جي درگاهہ جي پهرين پيرو حاضري حزبِ اختلاف جي ڏينهن ۾ ڪئي ۽ سروري جماعت جي مک ماڻهن سان ملاقات بہ ڪئي پير محمد هاشم مون سان گڏ هو. 27 ڊسمبر 2007ع جي منحوس ڏينهن تي جنهن ۾ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ کي شهيد ڪيو ويو هو. آئون پاڪستان پيپلزپارٽي جي اميدوارن جي انتخابي مهم هلائڻ جي سلسلي ۾ ٺٽي پهتل هئس جتي محترمہ جي شهادت جي خبر پئي ۽ سڄي ملڪ ۾ ماتم مچي ويو ۽ هنگامہ شروع ٿي ويا. انهيءَ ڏينهن پير محمد هاشم سڄو وقت مون سان گڏ رهيو ۽ تمام وڏي حوصلي ۽ بردباري جو ثبوت ڏنائين. منهنجي دعا آهي تہ الله سائين کيس جنت الفردوس عطا ڪري.

4ـ حضرت مخدوم محمد امين اول رحمة الله عليه جن جي اٺن فرزندن جا نالا هن ريت آهن.

1ـ . حضرت مخدوم ابو محمد رحمة الله عليه صاحب دستار 3.
2ـ . حضرت پير ميان عبدالغني رحمة الله عليه.
3ـ . حضرت پير ميان ڦتن رحمة الله عليه(فتح محمد اول؟)
4ـ . حضرت پير ميان راڄ محمد رحمة الله عليه.

5_ . حضرت مخدوم پير ميان لطف الله ﷫ صاحب دستار لاڙ.
6_ . حضرت پير ميان فتح محمد فقير شاعر.
7_ . حضرت پير ميان عبدالصمد ﷫
8_ . حضرت پير ميان احمد ﷫ (تحفتہ الاوليا فرء الاصول, ص: 84)

5_ حضرت مخدوم پير ميان عبدالمالڪ ﷫ پنهنجي وقت جو جليل القدر ولي الله ٿي گذريو آهي ۽ پاڻ حضرت مخدوم محمد امين جي فرزند حضرت مخدوم پير ميان قتن ﷫ (فتح محمد اول) جو اولاد آهن جيڪو مخدوم ابو محمد جو سڳو ڀاءُ هو. رسالي فتحي جو مصنف حضرت پير ميان فتح محمد ﷫ جي ولادت بعد ۾ ٿي ، پاڻ عالم اديب سان گڏ شاعر بہ هئا ۽ سندن تخلص فقير هو ۽ پاڻ لاڪي لطف الله جا سڳا ڀاءُ هئا.

6_ حضرت لاڪي پير ﷫ جي يارهن سجاده نشينن جي ترتيب وار فهرست جيڪا مخدوم طالب الموليٰ لائبريري ۾ موجود آهي اها مندرجہ ذيل ڏجي ٿي:

1_ حضرت مخدوم لطف الله المعروف لاڪو لطف الله بن مخدوم محمد امين اول ﷫
2_ حضرت مخدوم محمد امين بن مخدوم لاڪو لطف الله ﷫
3_ حضرت مخدوم محمد شاهہ بن مخدوم محمد امين ﷫.
4_ حضرت مخدوم محمد حفيظ بن مخدوم محمد شاهہ ﷫.
5_ حضرت مخدوم ميان ربڏنو بن مخدوم محمد حفيظ ﷫
6_ حضرت مخدوم ميان بهاون بن مخدوم ميان رب ڏنو ﷫
7_ حضرت مخدوم ميان عبدالواحد بن مخدوم ميان بهاون ﷫.
8_ حضرت مخدوم ميان ربڏنو مخدوم ميان عبدالواحد ﷫
9_ حضرت مخدوم ميان عبدالواحد بن مخدوم ميان ربڏنو ﷫.

(تحفتہ اولياءَ و فرء الاصول ص: 245).

7_ شيخ ابو محمد القاسم بن محمد بن ابوبڪر صديق ﷺ جو شمار مدينہ شريف جي وڏن عالمن ۽ فقيهن ۾ ٿيندو هو. سندس نياڻي بي بي امہ فروه فاطمة جو نڪاح حضرت امام محمد باقر بن امام زين

العابدين علي بن امام حسين ﷺ سان ٿيو. حضرت امام شيخ القاسم حضرت امام جعفر صادق جو نانو هو.

8_ منهنجي راءِ مطابق مصنف جي هي ڳالهه درست آهي ۽ ان کي بنياد بنائي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ گهرجي.

9_ مصنف هتي سمورو احوال حضرت فخر الدين عراقي جو ڏنو آهي جيڪو حضرت غوث بهاءُ الدين زڪريا سهروردي ﷫ جن جو نائي ۽ مريد هو سندس مزار شيخ ابن عربي جي مزار جي پسگردائي ۾ دمشق، شام ۾ آهي.

10_شيخ فخر الدين ﷫ جي مزار قلندر شهباز ﷫ جي مزار جي پاهران اولهندي ۽ ڏکڻ واري ڪنڊ ۾ واقع هئي جيڪا محمد عالم چنه مون کي ڏيکاري هئي ۽ اها هن وقت اتي موجود ناهي. چون ٿا ته جڏهن قلندر لال ﷫ جي درگاهه جو تعميراتي ڪم شروع ٿيو ٿيو ته ان ۾ ڪجهه مزارون شهيد_ مسمار ٿيون جن مان هڪ هي به مزار آهي.

11_ مخدوم ميان فتح محمد ﷫ مخدوم محمد امين اول ﷫ جي ٻئي گهر مان ٻيو نمبر فرزند هو ۽ مخدوم عبدالمالڪ ﷫، حضرت ميان مخدوم فتن (فتح محمد) جو اولاد آهي جن جو هن وقت پاڳارو پير ميان افتخار حسين شاهه بن پير ميان مصري شاهه صديقي آهي. درگاهه شريف هالا ۾ جنهن مخدوم ميان فتح محمد ﷫جي مزار جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهو بزرگ حضرت مخدوم محمد امين پکن ڏٺي سائين ﷫جو فرزند هو.

12_اچ شريف وارا پير مخدوم ميان عبدالمالڪ جو اولاد ڪو نه آهن. البته پير ڳنڀل سندن اولاد آهي مان آهي.

13_حضرت شاهه خير الدين خير الله بن سيد احمد شاهه جيلاني بغدادي 911هه ۾ تولد ٿيو ۽ حضرت مخدوم نوح ﷫جن جو مريد ۽ خليفو هو. سندس مقبرو (درگاهه) ضلعي سکر ۾ آهي ۽ سندس هڪ فرزند هو جنهن جو نالو سيد محمد ڇاٽايل آهي.

14_شيخ مبارڪ حضرت ابوبڪر صديق ﷛ جي اولاد مان هو سندس وڏي ڏاڏي (جد امجد) عبدالقيوم بن عبدالله مديني مان هجرت ڪئي ۽ ان جو فرزند موسيٰ يمن ۾ ساڪن هو جتان هجرت ڪري سنڌ ۾ پهتو.

15_حضرت مخدوم سلطان ابراهيم سنڌ جي جليل القدر اوليائن مان هڪ آهي سندس آخري آرام گاهه حضرت شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جي درگاه جي ويجهو موجوده ضلعي ٽنڊي محمد خان ۾ آهي.

16_حضرت سيد ساجن سوائي مخدوم نوح ﷫جن جو مريد ۽ وڏو اولياءَ ٿي گذريو آهي. سندس ڪرامتن جا ڪئين قصا مشهور آهن. هن وقت سيد بچل شاهه سندس درگاهه جو سجاده نشين آهي. نوجوان ماڻهو آهي ۽ درگاهه جي ڏاڍي سٺي خدمت انجام ڏني اٿس آئون جڏهن درگاهه تي ويس ته درگاهه جي سار سنڀال جو انتظام ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي.

17_ حضرت سيد عبدالله شاهه اصحابي جيلاني جي درگاهه هر عام و خاص جي توجهه جو مرڪز آهي. روزانو سوين پانڌيئڙا سندن در جي چائونٺ تي حاضري ڏئي مَنَ جو مرادو حاصل ڪن ٿا. سندن خانوادي تي مڪمل ڪتاب شايع ٿيڻ کپي ۽ وقت جي حڪومت کي گهرجي ته سندن درگاهه جي مرمت تزئين ۽ آرائش جو هميشه خيال رکن.

30 اپريل 2010ع